ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 08 مئي 2026ع 20 ذوالقد 1447ھ صفحا 8 - ملھ 30 ويھ شمارو (263)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان آمريڪا ايران جنگ روڪرائڻ ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو تاريخ ان کي ياد رکندي: وزيراعظم

پنڌي پيل علائقن ۾ ٻه ايچي سن جي معيار جون تعليمي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن، گلگت بلتستان ۾ 100 ميگاواٽ شمسي توانائي جو منصوبو ايندڙ سال مڪمل ٿي ويندو: شهباز شريف

هڪ ڀيرو ٻيهر گلگت بلتستان اچي خوشي محسوس ٿي رهي آهي، هي نه رڳو خوبصورت علائقو آهي پر قابل محنتي ۽ هوشيار شاگردن ۽ شاگرديائين جو خطو آهي جيڪو پاڪستان جو فخر آهي

1997ع ۾ جڏهن مون کي منهنجي قائد محمد نواز شريف ۽ منهنجي پارٽي مسلم ليگ (ن) پنجاب جو خادم اعليٰ مقرر ڪيو تڏهن کان اڄ تائين مون ميرٽ تي ڪو ٺاهه ناهي ڪيو

مون تي وڏي تنقيد ٿي ته سرڪاري اسڪولن کي ٺيڪ ڪرڻ بدران دانش اسڪولن تي پئسو خرچ ڪيو پيو وڃي، پر اڄ هزارين شاگرد ۽ شاگرديائيون انهن اسڪولن مان پڙهي ڊاڪٽر، انجنيئرز بڻجي چڪا آهن

موجوده حڪومت اقتدار ۾ ايندي ئي گلگت بلتستان ۾ شمسي توانائي جي منصوبي تي ڪم شروع ڪيو، 100 ميگاواٽ جو منصوبو ايندڙ سال مڪمل ٿيندو شفاف ۽ ڊيجيٽل قرعه اندازي جي ذريعي 15 هزار خاندانن ۾ مفت سولر پينلز ورهايا ويندا: تقريب کي خطاب

گلگت (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان سميت سمورن صوبن ۽ علائقن جي هڪ جهڙي ترقي لاءِ گڏ ڪٺي هلڻ جي اهميت کي اجاگر ڪندي چيو آهي ته پنڌي پيل علائقن ۾ ٻه ايچي سن جي معيار جون تعليمي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پيڪا ايڪٽ جي ڪيس ۾ سوشل ميڊيا ايڪٽيوسٽ جي ضمانت منظور

جسٽس طارق باجوه درخواست تي ٻڌڻي ڪئي، جوابدار طرفان ملڪ پرويز ايڊووڪيٽ پيش ٿيو

لاهور (اي پي پي) لاهور هاءِ ڪورٽ پيڪا

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف جو گلگت پهچڻ تي گورنر ۽ نگران وڏي وزير پاران استقبال

گلگت (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف گلگت-بلتستان جي هڪ ڏينهن جي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

آپريشن بنيان المرصوص حق ۽ باطل ۽ قومي اتحاد جي ويڙهه هئي: راجا پرويز اشرف

لاهور (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي سينٽرل پنجاب جي صدر راجا پرويز اشرف چيو آهي ته آپريشن بنيان المرصوص رڳو

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

گلگت: وزيراعظم شهباز شريف ليپ ٽاپ ورهائڻ واري تقريب ۾ هڪ شاگرديائي کي ڪيڪاري رهيو آهي

لاهور: معرڪا حق جي حوالي سان نڪتل ريلي ۾ هڪ ناري پوسٽر کڻي بيٺل آهي

غزه ۾ اسرائيلي فضائي حملا، 4 فلسطيني شهيد

اسرائيل غزه جي علائقي زيتون ۾ ٻي گهر ماڻهن جي خيمي تي فضائي حملو ڪيو

اسرائيلي فوج جي ٻئي فضائي حملي ۾ هڪ فلسطيني شهيد ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا

غزه (اي پي پي) غزه ۾ اسرائيلي فضائي حملن ۾ 4 فلسطيني شهيد ٿي ويا آهن. پرڏيهي ميڊيا سول ڊفينس جي ترجمان

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

پاڪ فوج جو سياست سان ڪو تعلق ناهي، ڳالهيون سياسي پارٽين جو استحقاق آهن، اهي انهن کي پاڻ ۾ ڪرڻيون آهن: ڊي جي آءِ ايس پي آر

پاڪستان دشمن کي عبرتناڪ شڪست ڏني، ڀارت کي جيڪو جواب ڏنو اهو اسان جي طاقت جو رڳو 10 سيڪڙو هو: ترجمان پاڪ فوج

ڀارت کي واضح ۽ ٺوس پيغام ڏنو آهي ته جيڪو ڪرڻو آهي ڪريو توڙي روايتي يا غير روايتي جنگ هجي، اسان ڀيرين به تيار هئاسين ۽ هاڻ به تيار آهيون، اسان بيدار آهيون ۽ ڀرپور طاقت سان جواب ڏينداسين

پاڪستان جي سلامتي ۽ دفاع جو هر قيمت تي دفاع ڪنداسين، ڪنهن جي جرئت ناهي ته فوج ۽ عوام وچ ۾ اچي سگهي، اسان آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين جنگ جاري رکنداسين

حق جي ويڙهه ۾ الله تعاليٰ جي فضل سان هٿيارٻند فوج قوم جي امنگن تي پورو لٿي، اسان پاڻ کان پنج ڀيرا وڏي دشمن کي ملٽي ڊومين وار ۾ شڪست ڏني، اها ڳالهه پاڪستاني ٻارن سان گڏوگڏ هندستاني ٻار به ڄاڻن ٿا

هندستان تمام مڪاري سان بيانيو ٺاهيو ته پاڪستان دهشتگرديءَ ۾ ملوث آهي پر اصل حقيقت اها آهي ته ڀارت پاڻ دهشتگرديءَ ۾ ملوث آهي، پهلگام واقعي تي بنا جاچ جي لمحن ۾ پاڪستان تي الزام به لڳائي ڇڏيو

پاڪستان ۽ سعودي عرب جا تمام گهرا ۽ پائدار لاڳاپا آهن، پاڪستان کي سعودي عرب ۽ سعودي عرب کي پاڪستان جي سيڪيورٽي ۽ سلامتي عزيز آهي، حرمين شريفين جو محافظ ٿيڻ هر پاڪستاني لاءِ اعزاز آهي: پريس ڪانفرنس

راولپنڊي (اي پي پي) آءِ ايس پي آر جي ڊائريڪٽر جنرل ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري ڀارت کي واضح ۽ ٺوس پيغام ڏنو آهي ته جيڪو ڪرڻو آهي ڪريو توڙي روايتي يا غير روايتي جنگ هجي اسان ڀيرين به تيار هئاسين ۽ هاڻ به تيار آهيون اسان بيدار آهيون ۽ ڀرپور طاقت سان جواب ڏينداسين، پاڪستان جي سلامتي ۽ دفاع جو هر قيمت تي دفاع ڪنداسين، ڪنهن

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

لاهور: معرڪا حق جي حوالي سان لڳايل تصويري نمائش ناريون ڏسي رهيون آهن

سول ۽ عسڪري قيادت ۾ ويجهي هم آهنگي پاڪستان کي مضبوط بڻائڻ ۾ مدد ڏني: عطاءُ الله تارڙ

ميڊيا جي ذميوارانه ڪردار گذريل سال ڀارت سان معرڪہ حق دوران پاڪستان کي جعلي خبرن جو موثر مقابلو ڪرڻو پيو

گذريل سال سرحدي ڇڪتاڻ دوران اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت جي سمورن شعبن ۽ ادارن کي موثر ردعمل لاءِ متحرڪ ڪيو ويو

ڇڪتاڻ واري صورتحال ۾ ڪاميابي جو دارومدار سمورين لاڳاپيل ڌرين جي وچ ۾ مڪمل هم آهنگي ۽ تعاون تي هوندو آهي

اسان وٽ مناسب وسيلا ۽ نظام موجود هئا، جڏهن اسان انهن نظامن کي استعمال ڪيو ته اسان ڀرپور ڪاميابي سان سرخرو ٿياسين: وزير اطلاعات

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته سول ۽ عسڪري قيادت جي وچ ۾ ويجهي هم آهنگي تصديق ٿيل معلومات جي وقت سر پهچ ۽ ميڊيا جي ذميوارانه ڪردار گذريل سال ڀارت سان معرڪہ حق دوران پاڪستان کي جعلي خبرن جو موثر مقابلو ڪرڻ ۽ پنهنجو بيانيو مضبوط بڻائڻ ۾ مدد ڏني اها ڳالهه هن اطلاعات ۽

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ بار ڪائونسلن جو اجلاس، 26 ۽ 27هين آئيني ترميمن ۽ آئيني عدالت جي قيام جي حمايت

اجلاس ۾ وڪيلن تي حملن، ڌمڪين ۽ هراسائين خلاف سخت ڪارروائي ۽ فوري تحفظ جو مطالبو ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان بار ڪائونسل سميت ملڪ جي مختلف بار ڪائونسلن 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

بار ۽ بينچ ۾ مسلسل ڳالهيون عدالتي سڌارن ۽ انصاف واري نظام جي بهتري لاءِ اهم آهن: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي

عدليه ۽ بار ۾ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائي انصاف تائين رسائي، قانوني ڄاڻ ۽ آزاد اثرائتي عدالتي نظام جا هدف حاصل ڪري سگهجن ٿا

چيف جسٽس آف پاڪستان بار ڪائونسل ۽ صوبائي بار ڪائونسلز جي وائيس چيئرمينز ۽ ايگزيڪيٽو ڪميٽي جي چيئرمينز سان مشاورتي اجلاس ۾ شريڪ

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي ته عدالتي نظام کي وڌيڪ اثرائتو شفاف ۽ عوامي اميدن سان هم آهنگ بڻائڻ لاءِ بار ۽ بينچ وچ ۾ لڳاتار ۽ بامعنيٰ ڳالهيون

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي مختلف بار ڪائونسلن جي ميمبرن سان ڳالهائي ڪري رهيو آهي

ترقياتي اسڪيمن جي بروقت تڪميل حڪومت سنڌ جي اولين ترجيح آهي: ناصر شاهه

عوام کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ جاري ترقياتي منصوبن جي رفتار وڌيڪ تيز ڪئي وڃي

صوبي اندر ترقياتي عمل تيزي سان جاري آهي ۽ ڪيترائي اهم منصوبا تڪميل جي آخري مرحلن ۾ داخل ٿي چڪا آهن

سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جي نظام کي بهتر ۽ ٽائون سطح تي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي تجويز تي پڻ غور ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مقامي ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ نون ۽ جاري ترقياتي اسڪيمن جي جائزي بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ صوبي اندر جاري ترقياتي منصوبن، فنڊن جي فراهمي، اسڪيمز جي بروقت تڪميل ۽ عوامي سهولتن بابت تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. اجلاس ۾ ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ وسيم شمشاد سميت لاڳاپيل

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪوئيٽا: بلوچستان اسيمبلي جي ميمبر فرح عظيم شاهه پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهي آهي

ڪراچي ۾ JPMC فائر ڊرل ورڪشاپ، ايمرجنسي تياري بابت عملي تربيت

ناصر شاهه، مرتضيٰ وهاب، امجد سراج ميمڻ ۽ اعليٰ آفيسرن جي شرڪت

فائر سيفٽي، انخلاءِ ۽ ريسڪيو پروٽوڪول بابت عملي تربيت فراهم ڪئي وئي

اهڙيون سرگرميون ڊزاسٽر مئنيجمينٽ لاءِ انتهائي ضروري آهن: مقررين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر (JPMC) ۾ هڪ ڪامياب فائر ڊرل ورڪشاپ منعقد ڪئي وئي جنهن جو مقصد ايمرجنسي تياري، باهه کان بچاءَ جي قدمن ۽ موثر ريسڪيو ۽ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ بابت آگاهي فراهم ڪرڻ هو. ورڪشاپ ۾ معزز

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

شهدادپور ويجهو چور عدت ۾ ويٺل پيرسن عورت کي قتل ڪري سونو واليون لاهي ويا

ڳوٺ شير خان لغاري واسي 65 ورهين جي حميده سولنگي کي گهٽو ڏئي قتل ڪري چور واليون

اطلاع تي پوليس پهچي عورت جو لاش ڪڍائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ

شهدادپور (رپورٽ مهدي حسن پنهور) شهدادپور لڳ ڳوٺ شيرخان لغاري ۾ نامعلوم چور گهرڀاتين سان گڏ ستل عدت ۾ ويٺل ستن ٻارن جي ماءُ بيوه پيرسن عورت جي ڪنن مان 8 سوئيون واليون لاهي مبينه طور ڪيس گهٽو ڏئي قتل ڪري فرار شهدادپور لڳ ڳوٺ شير خان لغاري ۾ نامعلوم چور گهر ۾ داخل ٿي گهرڀاتين سان گڏ ستل عدت ۾ ويٺل ستن ٻارن جي ماءُ بيوه پيرسن عورت 65 سالا حميده سولنگي جي ڪنن ۾ پاتل 8 سوئيون واليون لاهي مبينه طور ڪيس گهٽو ڏئي قتل ڪري فرار ٿي ويا اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي عورت

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

شاهه محمود قريشي جي عارضي ضمانت ۾ واڌ

لاهور (اي پي پي) دهشتگردي ڪورٽ عدالت جناح هائوس ۽ عسڪري ٽاور حملي ڪيسن ۾ شاهه محمود قريشي جي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي، 100 انڊيڪس 900 پوائنٽس جي واڌ سان هڪ لک 72 هزار 639 پوائنٽس جي سطح تي پهچي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ گذريل ڏينهن تيزي جو رجحان رهيو ڪاروبار جي شروعات تي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سنڌو درياهه جو سڪل پيٽ نظر اچي رهيو آهي

ڪراچي ۾ مختلف علائقن ۾ ٻن ڄڻن جا لاش هٿ

ملير ۾ گهر اندر 42 ورهين جي حماد علوي جو ڦاهو لڳل لاش هٿ

سائٽ اي علائقي بنارس پل وٽ ندي ڪناري تان نامعلوم شخص جو لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ ڦندو لڳل گهر مان لاش هٿ جڏهن ته نامعلوم شخص جو ندي ڪناري تان لاش هٿ. ڪوڪرا پار ٿاڻي جي حد بوائز ڊگري ڪاليج ملير ڪوڪرا پار جي ويجهو گهر اندر ڦندو ٻڌل 42 سالن جي حماد علوي ولد صالح علوي جو لاش مليو آهي اطلاع تي پوليس پهچي متوفي جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ جناح اسپتال

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي روڊ حادثي ۾ 68 سالن جو پيرسن فوت، 7 سالن جو ٻار پاڻي ٽانڪي ۾ ٻڏي فوت

عائشا منزل ويندي پل مٿان روڊ حادثي ۾ فيروز اسماعيل ولد اسماعيل فوت ٿي ويو

گلشن بهار سيڪٽر 16 جي ويجهو زير تعمير گهر جي ٽانڪي ۾ عفان ولد نواز ٻڏي فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي گلبرگ ٿاڻي جي حد لياقت آباد کان عائشا منزل ويندي پل جي مٿان روڊ حادثي ۾ 68 سالن جو پيرسن فيروز اسماعيل ولد اسماعيل فوت ٿي ويو آهي ٻئي پاسي اورنگي ٽائون جي علائقي گلشن بهار سيڪٽر 16 جي ويجهو زير تعمير گهر جي ٽانڪي ۾ 7

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

THERE IS NO POWER ON EARTH THAT CAN UNDO PAKISTAN

فيصل آباد: گورنمينٽ ڪاليج فيصل آباد جي ريلي ۾ شاگرديائي شريڪ آهي

ٽنڊوڄام ۾ صحافي گلزار سرگاني مٿان پيڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل، ڪچي ضمانت منظور

حاڪم زرداري جي فرياد تي صحافي گلزار سرگاني مٿان پيڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

صحافتي ڪردار ادا ڪرڻ بعد منهنجو آواز بند ڪرڻ لاءِ هن قسم جي ڪارروائي ڪئي وئي آهي: گلزار سرگاني

منهنجي خلاف ڪيس داخل ڪرائيندڙ پاڻ کي صحافي سڏائي ٿو، سرڪاري ملازم جي حيثيت ۾ هو منهنجي خلاف بداخلاقي واري مهم هلائي رهيو آهي

ٽنڊوڄام (ن ع) منشيات خلاف خبرون لڳڻ بعد ٽنڊوڄام جي صحافي ۽ پريس ڪلب جي عهديدار مٿان پيڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل. فريادي حاڪم زرداري دعويٰ ڪئي آهي ته سوشل ميڊيا تي سندس گهرواري خلاف غلط پوسٽ رکي وئي، خبر موجب ٽنڊوڄام ٿاڻي جي حد ۾ منشيات جي واهپي جون خبرون ۽ سوشل ميڊيا مهم تان مچرجي ٽنڊوڄام پوليس ٽنڊوڄام پريس ڪلب رجسٽرڊ جي جنرل سيڪريٽري ۽ نوجوان صحافي گلزار سرگاني مٿان پيڪا

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڀارت کي پنهنجي سامونڊي طاقت سان وڏو ناز هو: ريئر ايڊمرل شجاعت علي

ڀارتي بحريه هر طرح سان ليس هئي پر اڳرائيءَ جي همٿ نه ڪري سگهي: ڊپٽي نيول چيف

اسان امن جا خواهشمند آهيون، حق جي ويڙهه ۾ اسان جي هم آهنگي ئي مثالي نتيجي جو سبب بڻي

راولپنڊي (اي پي پي) پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندي ڊپٽي چيف آف نيول اسٽاف آپريشنز ريئر ايڊمرل شجاعت علي چيو ته

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڏوهاري منظور عرف منو پلڪاڻي کي پنهنجي انجام تائين پهچائڻ ۾ ڪشمور پوليس جي همٿ آهي: گهرو وزير

ايس ايس پي مراد گهانگهرو ۽ پوليس ٽيم ڏوهاري عنصرن خلاف بهادري ۽ پيشاورانه مهارت جو مظاهرو ڪيو آهي

ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪيون وينديون ۽ عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ڪشمور پوليس جي ڪامياب ڪارروائي تي ايس ايس پي محمد

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ شديد هيٽ ويو جو الرٽ جاري، گرمي پد 49 ڊگري تائين پهچڻ جو امڪان

پي ڊي ايم اي طرفان صوبي جي اڪثر ضلعن ۾ هيٽ ويو بابت الرٽ جاري ڪيو ويو

ضلعي انتظاميا، اسپتالن ۽ رليف ڪئمپون مڪمل الرٽ، شهرين کي احتياطي اپاءَ وٺڻ جي اپيل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ڊي ايم اي سنڌ پاران صوبي جي اڪثر ضلعن ۾ شديد گرمي ۽ هيٽ ويو بابت الرٽ جاري ڪيو

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

Commemorating Marka e Haq : Valor, Strategy, and Eternal Radiance
Organized by the Center of Pakistan and International Relations
THERE IS NO POWER ON EARTH THAT CAN UNDO PAKISTAN

اسلام آباد: وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ معرڪا حق جي حوالي سان تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽيءَ ۾ معرڪہ حق جي سال مڪمل ٿيڻ تي ريلي

وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي، شاگردن جي شرڪت

شاگردن کي قومي سلامتي، ترقي ۽ ذهني پختگي لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽيءَ پاران خميس ڏينهن معرڪہ حق جي پهرين سالگرهه جي موقعي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ٽاٽو ٻولا خان ۾ باهه متاثرن لاءِ پي ڊي ايم اي پاران امدادي سامان تقسيم

نوراڻي ۽ ميمڻ محلي جي متاثر خاندانن ۾ ٽينٽ، راشن، سولر سسٽم ۽ گهرو سامان فراهم

گيانچند ايسراڻي پاران مڪمل بحالي تائين متاثرن جي مدد جاري رکڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جو بحالي کاتي بابت صلاحڪار گيانچند ايسراڻيءَ جي هدايت تي پي ڊي ايم اي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي بار جي چونڊ عمل کي تڪراري بڻايو ويو: سيد نويد شاهه

ايشيا جي سڀ کان وڏي بار جي چونڊ عمل کي مذاق بڻايو ويو هجي

وڪيلن کي گهرجي ته هو متحد ٿي هن صورتحال جو مقابلو ڪن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ليگل اينڊ پبلڪ ايڊ ڪاميٽي جي ڪنوينر سيد نويد شاهه نوري

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

آئيني عدالت انڪم ٽيڪس آرڊيننس جي سيڪشن 7 اي کي ختم ڪري ڇڏيو

ريئل اسٽيٽ سيڪٽر پاران ان سيڪشن خلاف اپيلون داخل ڪيون ويون

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي شريعت ڪورٽ انڪم ٽيڪس آرڊيننس جي سيڪشن 7 اي کي غير آئيني قرار ڏيندي ان کي ختم ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو آهي، واضح رهي ته 2022 واري بجيٽ ۾

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سنڌ خطرناڪ حد تائين وڌندڙ گرمي پد ۽ هيٽ ويو جي لپيٽ ۾ آهي: سردار عبدالرحيم

مزدور طبقو، رڪشا ڊرائيور، محنت ڪش، مسافر، بزرگ شهري هن خطري کي منهن ڏين پيا

مسلم ليگ فنڪشنل هميشه عوامي خدمت تي يقين رکي ٿي، ڏکئي وقت ۾ عوام کي اڪيلو نه ڇڏيندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم سنڌ ۾ جاري شديد هيٽ

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سيناجا ويجهو سهتا برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، عورت سميت 7 ڄڻا زخمي

ڳوٺ حسن بخش سهتو ۾ زمين جي مالڪي تان ڌرين هڪٻئي مٿان حملا ڪيا

زخمي رجب علي، ذوالفقار علي، وقار، ڳهڻو، عمران سهتو ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

سيناجا (ن ع) ڳوٺ حسن بخش سهتو ۾ زمين جي مالڪي ۽ قبضي واري معاملي تان سهتا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران ٻنهي پاسن کان لٺيون ۽ ڏنڊن جو استعمال ڪيو ويو جنهن سبب

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

پي ٽي وي جي چيف ڪيمرا مين سليم قريشي جو ننڍو ڀائي فوت

محمد بلال سنڌو درياهه ڪناري پڪنڪ ملهائيندي ٻڏي فوت ٿيو

سوڳوار خاندان سان مختلف شخصيتن جي تعزيت، قاضي اسد عابد پاران پڻ تعزيت جو اظهار

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽ) حيدرآباد ۾ هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جنهن ۾ پاڪستان ٽيليويزن جي چيف ڪئميرامين محمد

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سنڌو درياهه ۾ ٻڏي فوت ٿيل محمد بلال جي تڏي تي متحده جو ايم پي اي صابر قائمخاني تعزيت ڪري رهيو آهي

معرڪہ حق اسان جي قومي تاريخ جو هڪ فيصلائتو باب آهي: نائب وزيراعظم

جڏهن قوم متحد ٿي وڃي ته دنيا جي ڪا به طاقت ان جي بنيادن کي لوڏي نٿي سگهي

پاڪستان خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي فروغ ڏيڻ جي پنهنجي عزم تي ثابت قدم آهي

ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو جي قيادت ۾ پاڪستان ايئر فورس نمايان عملي ڪاميابيون حاصل ڪيون

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته معرڪہ حق اسان جي قومي تاريخ جو هڪ فيصلائتو باب آهي، جڏهن قوم متحد ٿي وڃي ته دنيا جي ڪا به طاقت ان

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

صدر جو ريڊ ڪراس ۽ ريڊ ڪريسنٽ جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پيغام

ريڊ ڪراس ۽ ريڊ ڪريسنٽ انسانيت جي خدمت ڪئي آهي: صدر آصف زرداري

انساني همدرديءَ جي بنياد تي ڪم ڪندڙ ادارا صحت جي نظام کي مضبوط بڻائڻ ۾ ڪردار ادا ڪن ٿا

اچو ته اسان سڀ گڏجي هڪ صحتمند، محفوظ ۽ باوقار پاڪستان جي تعمير لاءِ ڪم ڪريون

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري موسمياتي تبديلين سبب پيدا ٿيندڙ آفتن، وبائي مرضن ۽ عوامي صحت جي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

سپريم ڪورٽ ۾ ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا جي سزا معطلي جي درخواستن تي ٻڌڻي 12 مئي تي ٿيندي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ ۾ ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا جي سزا جي معطلي جي درخواستن تي ٻڌڻي 12 مئي تي ٿيندي. درخواستن جي ٻڌڻي جسٽس

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

جنگ بندي نه ٿئي ها ته ڀارت کي تمام گهڻو نقصان ٿئي ها: وفاقي گهرو وزير

معرڪہ حق ۾ پاڪستان کي ڪاميابي ملي، سڄي ملڪ ۾ معرڪہ حق بابت تقريبون ٿي رهيون آهن

نئين دهلي ۾ ڀارتي وزيراعظم جي گهر جي مٿان اسان جا ڊرونز گهمندا رهيا جنهن سان ڀارتي خوف ۾ مبتلا هئا

اسان جو ٽارگيٽ ڀارت جي سويلين شهري نه هئا جڏهن ته ڀارت اسان جي سول آبادي کي نشانو بڻايو: وفاقي گهرو وزير

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي چيو آهي ته معرڪہ حق ۾ ڀارت جا اهم هدف اسان جي نشاني تي هئا، جيڪڏهن جنگ بندي نه ٿئي ها ته ڀارت کي تمام گهڻو نقصان

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

گلگت: وزيراعظم شهباز شريف گلگت بلتستان جي دوري دوران مختلف ترقياتي اسڪيمن جو افتتاح ڪري رهيو آهي

سنڌ حڪومت عورتن کي باختيار بڻائڻ ۽ باوقار سفري سهولتون ڏيڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي: شرجيل ميمڻ

تمام جلد لاڙڪاڻي، دادو، سيوهڻ، حيدرآباد، سانگهڙ سميت ٻين ضلعن ۾ انٽر سٽي بس سروس شروع ڪرڻ وڃي رهيا آهيون

اي وي بسون، هائبرڊ ٽرانسپورٽ ۽ پنڪ اسڪوٽيز جهڙا منصوبا نه رڳو ماحول دوست آهن پر شهرين جي لاءِ معاشي طور تي لاڀائتا به ثابت ٿيندا

ڪراچي جي لاءِ نيون اي وي ۽ ڊبل ڊيڪر بسون آنديون پيون وڃن، عورتن، شاگرديائين ۽ روزانو سفر ڪندڙ شهرين کي سهولت ڏيڻ حڪومت جي پهرين اوليت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت عورتن جي لاءِ وڌيڪ 1000 اي وي اسڪوٽيز خريد ڪرڻ، صوبي ۾ ماس ٽرانزٽ واري نظام کي وڌيڪ وسيع بڻائڻ لاءِ انٽر سٽي پيپلز بس سروس شروع ڪرڻ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

”بنيان مرصوص“ آپريشن جي ڪاميابي قوم جا حوصلا بلند ڪيا آهن: سلمان عبدالله مراد

سڄي قوم کي پاڪ فوج تي فخر آهي، جن غيرمعمولي بهادري ۽ ثابت قدمي جو مظاهرو ڪيو

پاڪستان جي عوام ۽ قومي ادارا دشمن قوتن خلاف متحد ۽ هڪ آواز آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد چيو آهي ته 9 مئي تي سڄي شهر ۾ معرڪہ حق آپريشن ”بنيان مرصوص“ جي ڪاميابي جي حوالي سان خاص جشن ۽ تقريبون منعقد ڪيون

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سي پي اين اي پاران ڪاظم خان جي سربراهي ۾ آئيني ڪميٽي قائم

اياز خان ڊپٽي چيئرمين مقرر، قاضي اسد عابد، غلام نبي چانڊيو، اعجاز الحق ميمبر هوندا

انور ساجدي، شڪيل احمد ترابي، عدنان ظفر، ميان حسن ۽ عبدالرحمان مگريو پڻ شامل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز پاران سال 2026-2027 لاءِ آئيني ڪميٽي جو اعلان

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ريلوي واري وفاقي وزير حنيف عباسي ايراني سفير رضا اميري مقدم سان گڏ بيٺل آهي

ڪراچي بار ايسوسيئيشن جون چونڊون مبينا ڌانڌلي ۽ جعلي ووٽن سبب چوٿين ڀيرو ملتوي

پولنگ شروع ٿيندي ئي مبينا ڌانڌلي جا الزام سامهون اچڻ بعد صورتحال ڇڪتاڻ جو شڪار ٿي وئي

وڪيلن ڊسٽرڪٽ ويسٽ، سينٽرل ۽ ايسٽ مان اسٽيمپ ٿيل جعلي ووٽ پڪڙڻ جي دعويٰ ڪئي

سنڌ بار ڪائونسل آخرڪار صبح 11 وڳي چونڊون غير معين مدت لاءِ ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) ڪراچي بار ايسوسيئيشن جون ساليانو چونڊون مبينا ڌانڌلي ۽ جعلي ووٽن جي الزامن سبب چوٿين ڀيرو به ملتوي ڪيون ويون آهن. جنهن بعد وڪيل برادري ۾ سخت بيچيني

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير مصدق ملڪ وڻ پوکڻ جي مهم دوران ٻوٽو لڳائي رهيو آهي

ڪراچي پاڪ رينجرز جي ڪارروائي، مختلف گروهن جا پنج جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز سنڌ ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي نياز منزل، نارٿ ناظم

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي سائوٿ زون پوليس جون ڪارروايون، شيشا ڪيفي ۽ گيسٽ هائوسز تي ڇاپا، 23 جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي سائوٿ زون پوليس غير قانوني شيشا ڪيفي ۽ گيسٽ

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڦر دوران شهري کي قتل ڪندڙ جوابدار گرفتار

گلشن معمار ۾ 26 ورهين جي ميان بخشي کي مزاحمت تي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو هو

ايس آءِ يو ٽيڪنيڪل ذريعن جي مدد سان پير آباد مان جوابدار جاويد چنا گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايس آءِ يو پوليس پير آباد پوليس ٿاڻي جي علائقي ۾ ڪارروائي دوران ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي شهري کي قتل ڪندڙ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو ۽ واقعي ۾ استعمال ٿيندڙ هٿيار به هٿ ڪري ورتو ايس ايس پي ايس آءِ يو ڊاڪٽر سميع الله سومرو جي مطابق 8 مارچ تي گلشن معمار علائقي ۾ ناردرن بائي پاس ويجهو 3 هٿيارٻند

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايف آءِ اي جي ڪارروائي، جعلي دستاويزن تي پرڏيهه وڃڻ جي ڪوشش ناڪام، هڪ ڄڻو گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) فيڊرل انويسٽيگيشن ايجنسي (ايف آءِ اي) اميگريشن اختيارين بروقت ڪارروائي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪلوئي تعلقي ۾ ڊينگي وائرس وبائي صورت اختيار ڪري ورتي، هڪ ڄڻو فوت

ڳوٺ گرڙانو ۾ عربي جو استاد شڪيل الرحمان نهڙيون ڊينگي سبب حياتي تان هٿ کڻي ويو

ڏهه ڏينهن ۾ 4 ماڻهو ڊينگي سبب حياتي وڃائي چڪا، ڪيترائي مرض ۾ ورتل

ڊينگي مليريا جا ڪيس ظاهر ٿيڻ بعد انتظاميه چڪر لڳائي فارميلٽي پوري ڪري واپس روانو

شادي لارج (ن ع) ٿرپارڪر جي ڪلوئي تعلقي ۾ ڊينگي وائرس جا هاڃا ڊينگي وائرس 4 حياتيون کسي ڪيترائي گهر اجاڙي ڇڏيا ٿر جي هڪ ٿي ڳوٺ گرڙانو ۾ رهائشي استاد عبدالهادي نهڙيو جو ڊينگو سبب فوت ٿيڻ بعد سندس ڀائٽيو عربي جو استاد شڪيل الرحمن نهڙيو دم ڏني حوالي ڪري ڇڏيو 10 ڏينهن ۾ 4 انساني حياتيون کسجڻ باوجود صحت کاتو تحرڪ نه ورتو، بدين ضلعي جي باؤنڊري واري علائقي سان گڏ ٿرپارڪر جي تعلقو ڪلوئي ۽ تعلقي ڊيپلو جي حدن ۾ ڊينگو وائرس تيزي سان پکڙجي رهيو آهي 10 ڏينهن جي مختصر عرصي دوران 4 ماڻهو هن بيماري ۾ اجل جو شڪار ٿي ويا آهن لا تعداد ننڍا ٻار توڙي وڏا ماڻهو هن موذي وائرس ۾ مبتلا ٿي ويا آهن سنڌ حڪومت صوبائي صحت کاتو ۽ ٿرپارڪر جي صحت لاءِ مقرر هيلٿ انتظاميا پاران ڪي به مناسب جوڳا اپاءَ نه ورتا ويا آهن ڪجهه ڏينهن اڳ ڳوٺ

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 ضمانت منظور

ايڪٽ جي ڪيس ۾ پي ٽي آءِ جي سوشل ميڊيا ايڪٽيوسٽ سليم خان جي گرفتاري کانپوءِ واري ضمانت منظور ڪري ورتي آهي. عدالت 2 لک روپين عيوض جوابدار کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو جسٽس طارق باجوه درخواست تي ٻڌڻي ڪئي جڏهن ته جوابدار طرفان ملڪ پرويز ايڊووڪيٽ پيش ٿيو ڪيس ۾ موقف اختيار ڪيو ويو هو ته سليم خان سوشل ميڊيا تي هڪ پوسٽ ري پوسٽ ڪئي هئي جنهن تي سنڌس خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو.

بقايا 2 ترجمان پاڪ فوج

جي جرائت ناهي ته فوج ۽ عوام وچ ۾ اچي سگهي. اسان آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين جنگ جاري رکنداسين اهڙو اظهار هن ڪالهه حق جي ويڙهه کي هڪ سال مڪمل ٿيڻ تي ڊپٽي چيف آف ايئر اسٽاف پروجيڪٽس ايئر وائس مارشل طارق غازي ۽ ڊپٽي چيف آف نيول اسٽاف آپريشنز ريئر ايڊمرل شفاعت علي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته حق جي ويڙهه ۾ الله تعاليٰ جي فضل سان هٿياربند فوج قوم جي اُمنگن تي پوري لٿي، اسان پاڻ کان پنج ڀيرا وڏي دشمن کي ملٽي ڊومين وار ۾ شڪست ڏني اها ڳالهه پاڪستاني ٻارن سان گڏوگڏ هندستاني ٻار به ڄاڻن ٿا، اها الڳ ڳالهه آهي ته هو ان کي تسليم نٿا ڪن هن چيو ته هندستان تمام مڪاري سان بيانيو ٺاهيو ته پاڪستان دهشتگرديءَ ۾ ملوث آهي پر اصل حقيقت اها آهي ته ڀارت پاڻ دهشتگرديءَ ۾ ملوث آهي ڀارت بيانيي لاءِ فالس فليگ آپريشن ڪيو ۽ پهلگام واقعي تي بنا جاچ جي لمحن ۾ پاڪستان تي الزام به لڳائي ڇڏيو دنيا ڀارت جي من گهڙت ڳالهين تي يقين ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هن وڌيڪ چيو ته پهلگام واقعي کي هڪ سال مڪمل ٿي ويو آهي پر پاڪستان جيڪي سوال اٿاريا هئا اهي اڄ به جيئن جو تيئن موجود آهن جواب ڏيو ڪير هئا جن اهو ڪرايو ڀارت ٻڌائي ته کهڙي دهشتگردي ڪيمپ کي نشانو بڻايو فائرنگ جي واقعي جي 15 منٽن اندر ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي ۽ دهشتگرد سرحد جي پار کان آيا هئا پر ڀارت جون انٽيليجنس ايجنسيون دهشتگردن کي روڪڻ ۾ ناڪام رهيون پاڪ فوج جي ترجمان چيو ته ڪشمير ڀارت جو حصو ناهي پر هي هڪ عالمي تسليم ٿيل تڪراري علائقو آهي ڀارت پنهنجي ماڻهن تي دهشتگردي ڪرائي ٿو ۽ الزام ٻين تي لڳائي ٿو ڀارت کي سچ ڳالهائڻ گهرجي ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته ڀارت جا سياستدان سياستدان گهٽ ۽ جنگجو وڌيڪ لڳن ٿا ڀارت جي پروفيشنل فوج کي سياست جي ور چاڙهيو ويو آهي ڀارتي سياستدان هندوتوا جي نعري ۽ اکنڊ ڀارت جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن جيڪڏهن اهائي زبان استعمال ڪرڻي آهي ته پوءِ اڄ ڀارت لاءِ واضح ۽ ٻه ٽوڪ پيغام آهي ته جيڪو ڪرڻو آهي ڪريو توڙي روايتي يا غير روايتي، اسان ڀرپور طاقت سان جواب ڏينداسين هيءَ جنگ زمين، فضا، سمنڊ، سائبر ۽ ذهنن جي جنگ آهي، ڪنهن جو پيءُ به پاڪستان کي نقصان نٿو پهچائي سگهي جيڪڏهن ڪنهن کي شڪ آهي ته ان جي هڪ قسط اسان ڏيکاري چڪا آهيون پاڪستان جي سلامتي ۽ دفاع جو هر قيمت تي دفاع ڪنداسين هن چيو ته حق جي ويڙهه جيڪو اوهان ڏٺو اهو اسان جي مجموعي پاور پوٽينشل جو 10 کان 15 سيڪڙو آهي، 14 آگسٽ تي عظيم الشان پريڊ ٿيندي، پنهنجي قوت جي صلاحيت جي ننڍڙي جهلڪ اوهان کي ڏيکارينداسين. مقصد اهو آهي ته هو بعد ۾ اهو نه چون ته ٻڌايو نه هو ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته اسان کي پاڻ تي ۽ قوم تي ڀروسو آهي قوم کي به اسان تي ڀروسو آهي ڪنهن جي جرائت ناهي ته فوج ۽ عوام وچ ۾ اچي سگهي ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته پاڪ فوج جو سياست سان ڪو تعلق ناهي ڳالهيون سياسي پارٽين جو استحقاق آهن اهي انهن کي پاڻ ۾ ڪرڻيون آهن.

بقايا 3 عطاء الله تارڙ

نشريات واري وزارت جي ايڪسٽرنل پبلسٽي ونگ جي اهتمام هيٺ "ڪرٽ بي يانڊ بارڊرز" جي عنوان سان منعقد ويبينار کي خطاب ڪندي ڇئي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته گذريل سال چڪتاڻ دوران صحيح ۽ تصديق ٿيل معلومات کي وقت سر لاڳاپيل ڌرين تائين پهچائڻ جي لاءِ حڪومت سمورا دستياب وسيلا استعمال ۾ آندا. هن چيو ته صورتحال انتهائي تيزي سان بدلجي رهي هئي ۽ معلومات جو وهڪرو به تمام وڌيڪ هو ان لاءِ اسان کي نه رڳو معلومات جي تصديق جي لاءِ پنهنجا وسيلا استعمال ۾ آڻڻا پيا پر اهو به يقيني بڻائڻو هو ته صحيح معلومات وقت تي صحيح ڌرين تائين پهچي سگهي. هن چيو ته گذريل سال سرحدي چڪتاڻ دوران اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت جي سمورن شعبن ۽ ادارن کي موثر ردعمل ۽ مستند معلومات جي بنا رڪاوٽ فراهمي يقيني بڻائڻ جي لاءِ متحرڪ ڪيو ويو هو هن چيو ته مس انفارميشن ۽ فيڪ نيوز جي موثر مقابلي ۾ پاڪستان جي ڪاميابي جو هڪ اهم سبب سول ۽ عسڪري قيادت جي وچ ۾ مضبوط هم آهنگي ۽ اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت ۽ پاڪ فوج جي عوامي لاڳاپن واري شعبي (آءِ ايس پي آر) جي وچ ۾ ويجهو رابطو هو هن وڌيڪ چيو ته اسان وٽ معلومات جو انتهائي موثر ۽ منظم نظام موجود هو ۽ اسان صحيح معلومات وقت سر ميڊيا تائين پهچائي رهيا هئاسين وفاقي وزير چڪتاڻ دوران ذميواري ۽ يڪجهتي جو مظاهرو ڪرڻ تي پاڪستان جي ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا صارفين کي خراج تحسين پيش ڪيو عطاء الله تارڙ چيو ته سمورين لاڳاپيل ڌرين بشمول عوام جي وچ ۾ مڪمل اتحاد موجود هو ۽ پوري قوم هٿياربند فوج ۽ حڪومت سان گڏ بيٺل رهي.

بقايا 4 حمايت

۽ آئيني عدالت جي قيام جي حمايت جو اعلان ڪندي ججن ۽ عدليه خلاف نامناسب ٻولي استعمال ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان بار ڪائونسل جي اهتمام هيٺ بار ڪائونسلن جو اهم اجلاس وائيس چيئرمين پير محمد مسعود چشتي جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ سمورن صوبن جي بار ڪائونسلن جي وائيس چيئرمينن ۽ نمائندن شرڪت ڪئي. جاري ڪيل پڌرائي موجب وڪيل برادري انصاف جي نظام جو اهم ستون آهي ۽ وڪيلن کي پنهنجا پيشورانه فرض نڀائيندي ڌمڪين تشدد ۽ هراسانين جهڙن سنگين مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جنهن جي روڪٿام هاڻي ناگزير بڻجي چڪي آهي. اجلاس ۾ مطالبو ڪيو ويو ته وڪيلن تي حملو ڪندڙن خلاف فوري ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي عدالتن ۾ خصوصي سيڪيورٽي پروٽوڪول لاڳو ڪيا وڃن ۽ متاثر وڪيلن کي فوري پوليس تحفظ فراهم ڪيو وڃي. بار ڪائونسلن چيو ته وڪلا تحفظ ايڪٽ تي موثر عملدرآمد سان وڪيل بنا خوف پنهنجا فرض انجام ڏئي سگهندا ۽ ملڪ ۾ قانون جي حڪمراني وڌيڪ مضبوط ٿيندي. اجلاس ۾ چيو ويو ته بار ايسوسيئيشنون هميشه عدليه جي آزادي، آئين جي بالادستي ۽ ادارن جي استحڪام لاءِ جدوجهد ڪنديون رهيون آهن. اعلاميي ۾ چيو ويو ته پارليامينٽ کي آئيني ترميمن ۽ عوامي ڀلائي لاءِ قانون سازي جو مڪمل اختيار حاصل آهي. اجلاس ۾ 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن جي حمايت ۽ توثيق سان گڏ آئيني عدالت جي قيام جي به حمايت ڪئي وئي. قرارداد ۾ چيو ويو ته آئيني عدالت قائم ٿيڻ سان آئيني ۽ سياسي نوعيت جي ڪيسن جا فيصلا وڌيڪ مؤثر نموني ٿي سگهندا، جڏهن ته سپريم ڪورٽ تي ڪيسن جو بار پڻ گهٽ ٿيندو. اجلاس ۾ مطالبو ڪيو ويو ته اعليٰ عدليه ۾ خالي پيل سمورين جاين هڪ مهيني اندر ڀريون وڃن ۽ ججن جي بدلين سبب خالي ٿيندڙ عهدن تي لاڳاپيل هاءِ ڪورٽن مان ئي مقررين ڪيون وڃن. ان سان گڏ ريٽائرمينٽ بعد ججن جي ٻيهر مقرري نه ڪرڻ ۽ نيون مقررين روڪڻ جو به مطالبو ڪيو ويو. اجلاس ۾ ڪجهه سياسي عنصرن طرفان عدليه ۽ ادارن خلاف نامناسب ٻولي ۽ انتشار پکيڙڻ جي ڪوشش جي مذمت ڪندي چيو ويو ته اهڙا عنصر سياسي مقصدن لاءِ ماحول خراب ڪرڻ چاهين ٿا. قرارداد ۾ مطالبو ڪيو ويو ته سوشل ميڊيا تي وڪيلن، بار نمائندن يا ججن خلاف ڪردارڪشي ۾ ملوث ماڻهن خلاف فوري ڪيس داخل ڪيا وڃن ۽ انهن جو سائبر ڪرائم قانون تحت جلد ٽرائل ڪيو وڃي. بار ڪائونسلن حڪومت کان ليگل پريڪٽيشنرز اينڊ بار ڪائونسلز ايڪٽ 1973ع جي دفعه 54 ۾ ترميم ۽ وڪيلن جا لائسنس معطل ڪرڻ جا اختيار بار ڪائونسلن کي ڏيڻ جو مطالبو پڻ ڪيو جڏهن ته دفعه 57 ۾ لفظ "may" کي "shall" سان تبديل ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي ته جيئن گرانٽ ان ايڊ جي ادائيگي يقيني بڻائي سگهجي. اجلاس ۾ وزيراعظم شهباز شريف، چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار جي سفارتي ڪوششن کي ساراهيندي چيو ويو ته انهن ڪوششن سبب اسلامي جمهوريه ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ چڪتاڻ ۾ گهٽتائي آئي آهي پاڪستان بار ڪائونسل "معرڪه حق" (آپريشن بنيان مرصوص) جي هڪ سال مڪمل ٿيڻ تي قوم ۽ حڪومت کي مبارڪباد پڻ پيش ڪئي ۽ پاڪ فوج جي پيشورانه مهارت ۽ بهادري کي ساراهيو. آخر ۾ مطالبو ڪيو ويو ته وڪيلن خلاف دهشتگردي ڪورٽ قانون تحت داخل ڪيل ڪيس واپس ورتا وڃن.

بقايا 5 چيف جسٽس يحيٰ آفريدي

ضروري آهن جڏهن ته نوجوان وڪيلن جي پيشيورانه تربيت ۽ اداره جاتي صلاحيت ۾ اضافو سڌارن ايجنڊا جو اهم حصو آهي. سپريم ڪورٽ پاران جاري بيان موجب اها ڳالهه هن سنڌ بار ڪائونسل ۽ صوبائي بار ڪائونسلز جي وائيس چيئرمينز ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي چيئرمينز سان منعقد مشاورتي اجلاس دوران چئي اجلاس ۾ پاڪستان بار ڪائونسل سميت پنجاب، سنڌ، خيبرپختونخوا بلوچستان اسلام آباد ۽ آزاد ڪشمير بار ڪائونسلز جي قيادت شرڪت ڪئي بار نمائندن عدالتي سڌارن جي قدمن کي ساراهيو ۽ مختلف تجويزون به پيش ڪيون چيف جسٽس چيو ته عدالتي نظام ۾ بهتري لاءِ صرف انتظامي قدم ڪافي ناهن جڏهن ته قانوني برادري جي فعال شموليت به ضروري آهي هن چيو ته نوجوان وڪيلن جي تربيت ۽ کين جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ ترجيح آهي اجلاس دوران بار جي نمائندن ڏگرين جي تصديق، ججن جي بدلي جي طريقڪار ۽ هڪجهڙن ڪيسن ۾ مختلف عدالتي فيصلن جي نشاندهي ڪئي جنهن تي چيف جسٽس چيو ته اهڙن معاملن کي مناسب فورم تي کڻي وڃڻ لاءِ لا اينڊ جسٽس ڪميشن آف پاڪستان ڏانهن موڪليو ويندو ته جيئن ان جو موثر جائزو وٺي سگهجي چيف جسٽس چيو ته عدليه ۽ بار وچ ۾ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائي انصاف تائين رسائي، قانوني ڄاڻ ۽ هڪ آزاد اثرائتي عدالتي نظام جا هدف حاصل ڪري سگهجن ٿا.

بقايا 6 ناصر شاهه

ڪاٽن جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران مختلف ضلعن ۾ جاري ترقياتي منصوبن فلاءِ اوورز انڊر پاسز روڊن جي تعمير نيڪال آب ۽ شهري سهولتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. ان موقعي تي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه چيو ته جاري ترقياتي اسڪيمن جي بروقت تڪميل حڪومت سنڌ جي اولين ترجيح آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا دير برداشت نه ڪئي ويندي. هن هدايت ڪئي ته عوام کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ جاري ترقياتي منصوبن جي رفتار وڌيڪ تيز ڪئي وڃي ته جيئن شهري جلد کان جلد سهولتن مان فائدو حاصل ڪري سگهن. هن چيو ته صوبي اندر ترقياتي عمل تيزي سان جاري آهي ۽ ڪيترائي اهم منصوبا تڪميل جي آخري مرحلن ۾ داخل ٿي چڪا آهن. سيد ناصر حسين شاهه چيو ته فلاءِ اوورز روڊن انڊر پاسز ۽ ننڍين شاهراهن جي تعمير ۽ بحالي جا ڪم تيزي سان مڪمل ڪيا پيا وڃن. جڏهن ته انهن منصوبن جي مڪمل ٿيڻ بعد عوام کي خوشگوار تبديلي جو احساس ٿيندو. هن چيو ته مالي سال 2026-27 جي بجيٽ ۾ جاري ترقياتي منصوبن کي خاص ترجيح ڏني ويندي ۽ انهن جي بروقت تڪميل لاءِ مڪمل فنڊز رکڻ جي تجويز پڻ پيش ڪئي ويندي ته جيئن ترقياتي ڪم متاثر نه ٿين. هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن موجب عوام کي سهولتون ۽ ريليف فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن. اجلاس دوران صفائي سٿرائي بابت پڻ اهم فيصلا ڪيا ويا. جڏهن ته سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ جي نظام کي يوسي ۽ ٽائون سطح تي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي تجويز تي غور ڪيو ويو ته جيئن صفائي سٿرائي جي نگراني ۽ چيڪنگ جي عمل کي گراس روٽ سطح تائين مؤثر بڻائي سگهجي. اجلاس ۾ لاڳاپيل عملدارن ترقياتي اسڪيمن جي اڳڀرائي بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ڪيترائي اهم منصوبا تيزي سان مڪمل ڪيا پيا وڃن ۽ ڪجهه اسڪيمون مقرر مدي کان اڳ مڪمل ٿيڻ جا امڪان آهن. وزير بلديات ان موقعي تي چيو ته ترقياتي منصوبن جي مڪمل ٿيڻ سان نه رڳو عوام کي بنيادي سهولتن ۾ بهتري ملندي پر شهري ڍانچي ۾ پڻ نمايان مثبت تبديلي ايندي

بقايا 7 تربيت

مهمانن شرڪت ڪئي جن ۾ وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر خالد شيس پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر نگهت شاهه ڊي آءِ جي ٽريفڪ سيد پير محمد شاهه ڊائريڪٽر ريسڪيو 1122 برگيڊيئر واجد مهي اي آر انچارج ڊاڪٽر نوشين آرگنائيزر ڊاڪٽر عرفان صديقي آرگنائيزر ڊاڪٽر وقاص خان اي ڊي ايم ڊاڪٽر صالح ڊي ڊي ڊاڪٽر عادل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر عاصم رحمان ۽ معزز ميڊيا نمائندا شامل هئا. ورڪشاپ ۾ ممتاز فيڪلٽي ميمبرن پروفيسر ڊاڪٽر ذيشان ڊاڪٽر شائسته، ڊاڪٽر دليپ، ڊاڪٽر چوني لال، ڊاڪٽر برڪت، ڊاڪٽر رابعه غفور ڊاڪٽر رب، ڊاڪٽر علي، ڊاڪٽر عمر سلطان ۽ اي آر ٽيم پڻ شرڪت ڪئي ورڪشاپ دوران شرڪت ڪندڙن کي فائر سيفٽي پروٽوڪولن ايمرجنسي ريسپانس اسٽريٽجيز انخلا جي طريقڪار ۽ فائر وارڊن مئنيجمينٽ بابت عملي تربيت ڏني وئي. هن سيشن شرڪت ڪندڙن جي اعتماد ۾ اضافو ڪيو ۽ ان ڳالهه کي اجاگر ڪيو ته اهڙين عملي سرگرمين جو باقاعدي انعقاد موثر ايمرجنسي تياري ۽ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ لاءِ نهايت ضروري آهي منتظمين سمورن معزز مهمانن، فيڪلٽي ميمبرن شرڪت ڪندڙن ميڊيا نمائندن ۽ معاون ٽيمن جو ڪامياب ورڪشاپ ۾ شرڪت ۽ سهڪار تي شڪريو ادا ڪيو

بقايا 8 واليون لاهي ويا

جو لاش تحويل ۾ وٺي ضروري ڪارروائي لاءِ سمس اسپتال آندو ويو پيرس عورت جي پٽ ياسين سولنگي ٻڌايو ته پيءُ هاشم سولنگي 20 ڏينهن اڳ دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو هو ماءُ حميده سولنگي گهر ۾ عدت ۾ ويٺل هئي، گهر ڀاتين سان گڏ سُتل هئي جتي رات دير سان نامعلوم ماڻهو گهر ۾ داخل ٿي ماءُ جي ڪنن مان ٻن تولن جون 8 سونيون واليون لاهي کيس گهٽو ڏئي قتل ڪري فرار ٿي ويا رابطو ڪرڻ تي انچارج چنيسر پوليس پوسٽ وهاب بروهي ٻڌايو ته واقعي واري هنڌ پهچي عورت جي لاش تحويل ۾ وٺي ضروري ڪارروائي لاءِ سمس اسپتال آندو آهي واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون

بقايا 9 واڌ

عارضي ضمانت ۾ 11 جون تائين واڌ ڪري ڇڏي آهي دهشتگردي ڪورٽ عدالت جي جج منظر علي گل ٻڌڻي ڪندي ايندڙ ٻڌڻي تي وڪيلن کان دليل طلب ڪري ورتا ٻڌڻي دوران شاهه محمود قريشي جا جيل وارنٽ پيپرز عدالت ۾ پيش ڪيا ويا.

بقايا 10 پهچي ويو

100 انڊيڪس 900 پوائنٽس جي واڌ سان هڪ لک 72 هزار 639 پوائنٽس جي سطح تي پهچي ويو سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ بهتري، هاڪاري معاشي اهڃاڻ ۽ مختلف شعبن ۾ خريداري جي وڌندڙ رجحان سبب مارڪيٽ ۾ تيزي برقرار آهي ماهرن مطابق تازن ڏينهن ۾ حڪومتي معاشي پاليسين، مالياتي استحڪام ۽ سيڙپڪاري جي ماحول ۾ بهتري اسٽاڪ مارڪيٽ جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي واضح رهي ته اربع تي به مارڪيٽ ۾ تاريخي تيزي ڏٺي وئي هئي ۽ 100 انڊيڪس 6 هزار 962 پوائنٽس جي اضافي سان هڪ لک 71 هزار 704 پوائنٽس جي سطح تي بند ٿيو هو

بقايا 11 لاش مليو

منتقل ڪري واقعي بابت پوليس شاهدين گڏ ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي ٻئي پاسي سائٽ اي ٿاڻي جي حد بنارس پل ندي ڪناري تان 40 کان 45 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو آهي ايڌي ايمبولينس جي ذريعي ويجهي ٿاڻي تي منتقل ڪيو ويو آهي آخري اطلاع تائين فوتي جي موت جو سبب معلوم ناهي ٿي سگهيو

بقايا 12 ٻڏي فوت

سالن جو معصوم ٻار عفان ولد نواز ٻڏي فوت ٿي ويو آهي. فوت ٿي ويل ٻار جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 13 ضمانت منظور

ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ گذريل رات فريادي حاڪم علي زرداري ٿاڻي چار ۾ گناهه نمبر 104 تحت ڄاڻايو آهي ته گلزار علي سرگاني سوشل ميڊيا تي سنڌس گهرواري (ع) لاءِ لکيو آهي ته هوءَ ڪندوالهيار ۾ نشي آور سفينا سميت گرفتار ٿي آهي جنهن ۾ سنڌس ۽ سنڌس گهرواري جي عزت مجروح ٿي آهي ڪندوجام پوليس معاملي جي تصديق بنا صحافي گلزار سرگاني مٿان 509 بي بي سي، 20 پي سي سي اي ايڪٽ 2016 تحت ڪيس داخل ڪري ورتو هوڏانهن گلزار سرگاني سيشن ڪورٽ نمبر 3 مان 30 هزار روپين جي مچڪلن تي ڪچي ضمانت منظور ڪئي وئي آهي. هوڏانهن اهڙي قسم جي ماجري بعد حاڪم علي زرداري ۽ سنڌس ڪجهه ساٿين پاران گلزار سرگاني خلاف غير اخلاقي مهم پڻ هلائي پئي وڃي هيڏانهن صحافين خلاف ڪيس داخل ٿيڻ بعد سياسي سماجي ڌرين ۽ صحافي تنظيمن پاران صحافين خلاف مسلسل پيڪا ايڪٽ جي تلوار لٽڪائڻ ۽ صحافين جي آواز کي خاموش ڪرڻ لاءِ هٿڪنڊا استعمال ڪرڻ جي مذمت ڪئي آهي ٻئي طرف ميڊيا سان ڳالهائيندي صحافي گلزار سرگاني جو چوڻ آهي ته حاڪم زرداري پاڻ انڪشاف ڪري رهيو آهي ته مبينا طور سوشل ميڊيا تي هلندڙ پوسٽ موجب (ع) نالي عورت سنڌس گهرواري آهي جڏهن ته منهنجي سوشل ميڊيا اڪائونٽ تي ڪندوجام ڪندوالهيار ۾ ذريعن پاران مليل ڄاڻ موجب پوسٽ رکيل آهي جڏهن ته حاڪم زرداري جو تعلق ڪيسانا موري سان آهي جڏهن ته منهنجي پوسٽ ۾ نه ئي صحافي جو نالو لکيل آهي نه عورت جي ذات لکيل آهي نه ئي مون ڪندوجام کي ڪنهن صحافي جو حوالو ڏنو آهي هن چيو ته هي شخص پاڻ کي صحافي سڏائي ٿو ۽ هو سرڪاري ملازم آهي ۽ سرڪاري ملازم جي حيثيت ۾ هو منهنجي خلاف بداخلاقي واري مهم هلائي رهيو آهي هن چيو ته هي چور جي ڏاڙهي ۾ ڪک واري ڳالهه آهي هن چيو ته منهنجي حاڪم علي يا سنڌس گهرڀاتين سان ڪنهن به قسم جي ڇڪتاڻ ناهي پر آءٌ پنهنجي دفاع ۾ قانوني ڪارروائي جو مجاز آهيان هن اهو به الزام هنيو ته گذريل ڪجهه ڏينهن کان سنڌس پريس ڪلب جي آفيس جي تالي کي ايلفي وڌي وڃي ٿي جنهن جي شڪايت به ٿاڻي تي ڏني آهي ۽ مونکي شڪ آهي ته منشيات خلاف پنهنجي صحافتي ڪردار ادا ڪرڻ کانپوءِ سنڌس آواز بند ڪرڻ لاءِ هن قسم جي ڪارروائي ڪئي وئي آهي صحافي خلاف پيڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪرائيندڙ شخص تعليم کاتي ملازم هجڻ جو انڪشاف، حاڪم زرداري پگهار جاري نه ٿيڻ خلاف سنڌ حڪومت ۽ چونڊيل نمائندن خلاف احتجاج ڪندڙ رهيو آهي ذريعن موجب صحافي گلزار سرگاني خلاف پيڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪرائيندڙ حاڪم علي زرداري هڪ ڪا چوٿين گريڊ وارين پوسٽن جو پٽيوالو مقرر ٿيل آهي جنهن کي پگهارون نه ملڻ خلاف ڪندوجام ۽ حيدرآباد ۾ احتجاج ۾ شامل رهيو آهي جڏهن ته پگهارون نه ملڻ تان سنڌ حڪومت ۽ مقامي چونڊيل نمائندن خلاف احتجاج دوران سخت تنقيد جو نشانو بڻائيندو رهيو آهي

بقايا 14 ننڍو ڀائي فوت

سليم قريشي جو ننڍو ڀائي محمد بلال سنڌو درياهه جي ڪناري تي پڪنڪ ملهائيندي ٻڏي فوت ٿي ويو اهو واقعو ان وقت پيش آيو جڏهن مرحوم پنهنجي خاندان سان گڏ تفريح لاءِ ويو هو اکين ڏٺن شاهدن موجب محمد بلال اوچتو گهري پاڻي ۾ هليو ويو ۽ پاڻ تي ضابطو نه رکي سگهيو جنهن ڪري هي افسوسناڪ حادثو پيش آيو ريسڪيو ذريعن موجب ڪوشش جي باوجود، کيس بچائي نه سگهيا مرحوم جي اوچتي موت تي خاندان ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي آهي جڏهن ته شهر جي سماجي صحافتي ۽ سياسي شخصيتن پڻ گهري ڏک ۽ غم جو اظهار ڪيو صوبائي اسيمبلي جي ميمبر صابر قائمخاني، سينئر صحافي عمران سعيد، شيراز احمد ڏاهري ۽ ٻين معززين مرحوم جي گهر پهچي سنڌس پيءُ محمد اعظم سان تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي درجن جي بلندي لاءِ دعا گهري سوگوار خاندان سان تعزيت ڪئي وئي ۽ مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا گهري وئي تعزيت جو سلسلو اڃا تائين جاري آهي مقامي ماڻهن مائٽ ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهو سوگوار خاندان سان همدردي جو اظهار ڪري رهيا آهن الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سوگوار خاندان کي صبر عطا فرمائي آمين ٻئي طرف عبرت گروپ آف پبليڪيشن جي چيئرمين قاضي اسد عابد محمد بلال جي وڇوڙي تي سوگوار خاندان سان تعزيت جو اظهار ڪندي مرحوم جي لاءِ دعا ڪئي آهي

بقايا 15 زخمي

رجب علي، ذوالفقار علي، وقار علي گهڻي عمران سهتي مهتاب سهتو ۽ مسمات مهناز زخمي ٿي پيا، واقعي بعد علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو جڏهن ته اطلاع تي سيلارجا پوليس واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال تي ضابطو آندو زخمين کي پهرين سيلارجا ۾ طبي امداد فراهم ڪئي وئي، بعد ۾ وڌيڪ علاج لاءِ ٽري ميرواهه اسپتال منتقل ڪيو ويو هوڏانهن سيلارجا پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت ٻنهي ڌرين جي اين سي داخل ڪئي وئي آهي جڏهن ته زخمين کي ميڊيڪل ليٽر جاري ڪري قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي. پوليس موجب زميني تڪرار بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ واقعي ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب قدم کنيا ويندا.

بقايا 16 سردار عبدالرحيم

ويو ۽ سخت گرميءَ جي صورتحال تي گهري تشويش ظاهر ڪندي پارٽي جي سمورن ضلعي تعلقي ۽ مقامي ذميوارن کي هدايتون جاري ڪيون آهن ته عوام کي فوري رليف فراهم ڪرڻ لاءِ صوبي جي مختلف شهرن ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ هنگامي بنيادن تي ٿڌي پاڻي جون سبيلون ۽ هيٽ اسٽروڪ رليف ڪيمپون قائم ڪيون وڃن. جاري ڪيل بيان ۾ سردار عبدالرحيم چيو ته سنڌ هن وقت خطرناڪ حد تائين وڌندڙ گرمي پد ۽ شديد هيٽ ويو جي لپيٽ ۾ آهي، جنهن سبب عام زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي. خاص طور تي مزدور طبقي رڪشا ڊرائيورن محنت ڪش، مسافر بزرگ شهري ۽ کليل آسمان هيٺ ڪم ڪندڙ ماڻهو سخت مشڪلاتن ۽ هيٽ اسٽروڪ جي خطري کي منهن ڏئي رهيا آهن. هن چيو ته پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل هميشه عوامي خدمت تي يقين رکي ٿي ۽ ڏکئي وقت ۾ عوام کي اڪيلو نه ڇڏيندي آهي. سردار عبدالرحيم وڌيڪ چيو ته پارٽي طرفان سنڌ ۾ بس اسٽاپن مکيه شاهراهن بازارن چوڪن ۽ ٻين عوامي هنڌن تي ٿڌي پاڻي جون سبيلون شربت ۽ ابتدائي طبي امداد جون سهولتون فوري طور تي شروع ڪيون وينديون آهن ته جيئن شديد گرمي کان متاثر شهرين کي رليف ملي سگهي. هن ٻڌايو ته صرف ڪراچي ۾ ئي پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل طرفان هڪ سؤ کان وڌيڪ هيٽ اسٽروڪ رليف ڪيمپون ۽ سبيلون قائم ڪيون ويون آهن، جتي شهرين کي ٿڌو پاڻي، مشروبات ۽ ابتدائي طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي. هن سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي تي سخت تنقيد ڪندي چيو ته افسوس جوڳي ڳالهه آهي ته شديد هيٽ ويو باوجود حڪومت طرفان اڃا تائين مؤثر ۽ عملي قدم نظر نٿا اچن. اسپتالن سرڪاري مرڪزن ۽ عوامي هنڌن تي هيٽ اسٽروڪ کان بچاءَ لاءِ مناسب انتظام جي کوٽ حڪومتي نااهلي ۽ بي حسي جو ثبوت آهي. هن چيو ته اهڙين نازڪ حالتن ۾ حڪومت جي بنيادي ذميواري عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ ۽ سهولتن جي فراهمي هوندي آهي پر بدقسمتي سان سنڌ جا شهري حڪومتي غفلت سبب سخت تڪليفن ۾ آهن. سردار عبدالرحيم پارٽي ڪارڪنن ۽ عهديدارن کي هدايت ڪئي ته هو خدمت خلق جي جذبي تحت وڌيڪ کان وڌيڪ علائقن ۾ رليف ڪيمپون قائم ڪن ۽ هيٽ اسٽروڪ کان بچاءَ بابت آگاهي مهم هلائين ۽ ضرورت مند ماڻهن تائين فوري امداد پهچائڻ کي يقيني بڻائين ته جيئن قيمتي انساني جانيون محفوظ رکي سگهجن.

بقايا 17 خنتر

پيش ڪيل هي سيڪشن تمام گهڻو تڪراري ٿي ويو هو جيڪڏهن اوهان وٽ هڪ کان وڌيڪ جائيدادون آهن ۽ انهن تي ڪا به آمدني نه پئي ٿئي ته پڻ هن قانون موجب انهن جي آمدني سنڌن مارڪيٽ جي اگهه مطابق 5 سيڪڙو ڪٿي ان تي ٽيڪس لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو جنهن بعد ريئل اسٽيٽ سيڪٽر پاران ان جي مزاحمت ڪئي وئي ۽ ان خلاف اپيل داخل ڪئي وئي جنهن جو فيصلو اچي ويو آهي

بقايا 18 سيد نويد شاهه

۽ سنڌس ٽيم ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي سال 2026ع جي سالياني چونڊون ملتوي ٿيڻ تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي ان کي وڪيلن جي جمهوري حقن تي حملو قرار ڏئي ڇڏيو آهي. جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته ڪراچي بار جي چونڊن ۾ باقاعده رٿابندي تحت ڌانڌلي ۽ جعلي ووٽن جي وڏي انگ کان واسٽ ٿيڻ سبب چونڊ عمل کي ڪنٽرول بڻايو ويو جنهن جي نتيجي ۾ اليڪشن ملتوي ڪرڻو پيو. بيان موجب اهو عمل آئين تحت حاصل شفاف ۽ منصفاڻي چونڊن جي بنيادي حق جي سنگين ڀڃڪڙي ۽ وڪيل برادري کي ورهائڻ جي سازش آهي. سيد نويد شاهه نوري چيو ته ڪراچي بار جي سالياني چونڊن ۾ هي ٽيون موقعو آهي جڏهن جمهوري عمل کي انتهائي نامناسب انداز ۾ سبوتاز ڪيو ويو آهي. هن چيو ته اهڙو محسوس ٿي رهيو آهي جڻ ايشيا جي سڀ کان وڏي بار جي چونڊ عمل کي مذاق بڻايو ويو هجي جنهن سان بار جي ساک ۽ وقار کي سخت نقصان پهتو آهي. هن سمورن وڪيلن کي اپيل ڪئي ته هو متحد ٿي هن صورتحال جو مقابلو ڪن ۽ مستقبل لاءِ اهڙو اثرائتو لائحه عمل اختيار ڪن جيئن آئنده هلي ڪنهن کي به اهڙي قسم جي مبينا ڌانڌلي ۽ غير جمهوري قدمن جي جرئت نه ٿي سگهي. بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو ته اچوڪو ڏينهن ڪراچي بار جي تاريخ ۾ "يوم سياهه" طور ملهايو ويندو ۽ ڪراچي جي وڪيلن جي ووٽ جي تقدس کي پامال ڪندڙن جو هر صورت ۾ احتساب ڪيو ويندو.

بقايا 19 سامان تقسيم

سنڌ پاران ٿاڻو بولا خان جي مختلف علائقن ۾ باهه لڳڻ سبب متاثر ٿيل خاندانن ۾ امدادي سامان ورهايو ويو آهي. پي ڊي ايم اي پاران نوراڻي محلي، ميمڻ محلي جي درجنين خاندانن ۾ ٽينٽ، بسترا، ڪولن واٽر ڪولر ننڍا سولر سسٽم، راشن بيگز، ڊنر سيٽ ۽ ٻيو ضروري گهرو سامان ورهايو ويو ان موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار گيانچند ايسرانيءَ چيو ته ڏکئي وقت ۾ متاثر خاندانن کي اڪيلو نه ڇڏيو ويندو ۽ حڪومت سنڌ انهن جي مڪمل بحالي تائين هر ممڪن قدم کڻندي رهندي پي ڊي ايم اي ۽ ضلعي انتظاميه کي هدايت ڪئي وئي آهي ته متاثرن جي تڪڙي مدد سان گڏ مستقل بحاليءَ لاءِ جامع حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي گيانچند ايسراڻيءَ جو چوڻ هو ته انساني خدمت ئي اسان جي پهرين ترجيح آهي ۽ حڪومت سنڌ بنا ڪنهن فرق جي عوام جي مدد لاءِ هر وقت ڪوشان آهي قدرتي آفتن يا حادثن کانپوءِ تڪڙو رسپانس ۽ شفاف امدادي عمل حڪومت جي ذميواري آهي جنهن کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو پيو وڃي متاثر علائقن جو وڌيڪ ضرورتن جو جائزو وٺي اضافي مدد به فراهم ڪئي ويندي ته جيئن متاثرن جي تڪليفن ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي امدادي سرگرمين ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقي ٿاڻو بولا خان جي صدر ۽ ميمبر ضلع ڪائونسل جامشورو ڪامريڊ ڀڳوان داس ڪوهستاني اسسٽنٽ ڪمشنر برڪت ڪلهوڙو سميت مقامي اڳواڻن ۽ پارٽي ڪارڪنن شرڪت ڪئي جڏهن ته مقامي ماڻهن وقت تي امدادي سرگرمين تي حڪومت سنڌ ۽ لاڳاپيل ادارن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته بحالي جو عمل جلد مڪمل ڪيو ويندو

بقايا 20 ريلي

تي وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ يونيورسٽيءَ اندر ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ يونيورسٽيءَ جي ڊينس، ڊاڪٽر جمشيد عادل هاليپوٽو، ڊاڪٽر عبدالحفيظ خان، ڊاڪٽر اسٽيفن جان، مختلف تعليمي شعبن جي چيئرپرسنز، انتظاميه شعبن جي سربراهن، فيڪلٽي آفيسرن ۽ شاگردن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ريلي يونيورسٽي جي مکيه عمارت کان شروع ٿي آءِ ٽي ٽاور جي ويجهو ختم ٿي، جتي ريليءَ ۾ شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ چيو ته گذريل سال مئي مهيني ۾ پاڪستان ڀارتي جارحيت خلاف وڏي بهادريءَ سان جنگ وڙهي، رڳو چئن ڏينهن ۾ ڀارت کي بري شڪست ڏني. ان سان پاڪستان جو هڪ بهترين گلوبل اميج قائم ٿيو وائيس چانسلر چيو ته ڀارت جارحيت، بربريت ۽ دهشتگرديءَ وسيلي ڪامياب ٿيڻ پئي چاهيو پر پاڪستان گڏيل قومن جي ٺهيل بين الاقوامي قانونن جي پوئواري ڪندي پنهنجي سرزمين جو دفاع ڪندي ڀارت کي شڪست ڏني. جنهن تي پاڪستان جي دوست ملڪن آمريڪا، چين ۽ يورپي يونين جي ملڪن پاڪستان جي پنهنجين ملڪي سرحدن جي بچاءَ لاءِ ڀارت کي ڏنل منهن ٽوڙ جواب کي درست تسليم ڪيو ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ پاڪستان جي هٿياربند فوج ۽ ان جي سربراهه فيلڊ مارشل سيد عاصم منير احمد کي معرڪه حق جي پهرين سالگرهه جي مبارڪباد ڏيندي چيو ته پاڪستان جي هٿياربند فوج جهڙيءَ حب الوطنيءَ واري جذبي سان دشمن کي جواب ڏنو ان کي دنيا احترام جي نظر سان ڏٺو ۽ پاڪستان جي طاقت ۽ جذبي کي تسليم ڪيو ڊاڪٽر صحرائيءَ وڌيڪ چيو ته پاڪستان ڪنهن به صورت ۾ ڪنهن سان جنگ ڪرڻ نٿو چاهي ۽ اهو پرامن طريقي سان رهڻ ٿو چاهي پر جيڪڏهن ڪو پاڪستان خلاف اڳڀرائي ڪندو ته ان کي جواب ڏيڻ پاڪستان جو حق آهي هن چيو ته پاڪستان جي باني قائد اعظم محمد علي جناح پڻ چيو هو ته اسان کي دنيا کي ٻڌائڻو آهي ته اسان پرامن طريقي سان رهڻو آهي، تنهن ڪري پاڪستان هميشه امن جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ ڪشمير سان گڏ سنڌ طاس ٺاهه جي ڀڃڪڙي توڙي ڀارت جا پيدا ڪيل تڪرار پرامن طريقي سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر ڀارت هميشه اڳرائي پسندي ۽ انتهاپسنديءَ وارو ڪردار ادا ڪيو آهي جنهن کي دنيا به رد ڪري ٿي وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ مئي واري جنگ دوران پاڪستان جي ميڊيا جي ادا ڪيل ڪردار جي پڻ تمام گهڻي ساراهه ڪئي ۽ چيو ته پاڪستان جي ميڊيا حقيقتون پيش ڪري دنيا کي ڀارت جي پاڪستان دشمن ارادن ۽ عملن کان واقف ڪيو ان جي ابتڙ ڀارتي ميڊيا انتهائي ڪريل ۽ منفي ڪردار ادا ڪيو ۽ ڪوڙيون رپورٽون پيش ڪري دنيا اڳيان پاڻ کي خوار ڪيو شاگردن کي مخاطب ٿيندي ڊاڪٽر صحرائيءَ چيو ته اسان جي نوجوانن کي پڻ پنهنجي ملڪي سلامتي ۽ ترقيءَ جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي هن فيڪلٽي کي صلاح ڏني ته اهي اهڙا ڪامياب ۽ ذهني طور پختا نوجوان پيدا ڪن جيڪي پنهنجي ملڪ جي خوشحالي، سالميت ۽ ترقيءَ کي ممڪن بڻائي سگهن

بقايا 21 امڪان

ويو آهي جڏهن ته وچولي ۽ مٿين سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ 11 مئي تائين هيٽ ويو جي صورتحال برقرار رهڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. ڊي جي پي ڊي ايم اي سلمان شاهه پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته دادو، شهيد بينظيرآباد، گهوٽڪي، خيرپور، نوشهرو فيروز جيڪب آباد، لاڙڪاڻو ۽ سکر ضلعن ۾ گرمي پد 49 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي سگهي ٿو جڏهن ته پاڪستان موسمياتي کاتي موجب ڪراچي ۾ موسم گرم رهندي ۽ گرمي پد 35 کان 38 ڊگري سينٽي گريڊ تائين رهڻ جو امڪان آهي. سلمان شاهه چيو ته صوبي جي سمورن ڊپٽي ڪمشنرن ۽ لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هيٽ ويو بابت جاري ڪيل ايس او پيز تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته بحالي کاتي جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻيءَ جي هدايتن تي عملو مڪمل الرٽ آهي ۽ ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار بيٺل آهي. هن وڌيڪ چيو ته پي ڊي ايم اي جي هدايتن تحت ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن پاران مختلف علائقن ۾ هيٽ ويو رليف ڪئمپ قائم ڪيا ويا آهن جڏهن ته صوبي جي اسپتالن ۾ هيٽ اسٽروڪ وارڊ پڻ قائم ڪيا ويا آهن ته جيئن متاثر ماڻهن کي فوري طبي سهولتون فراهم ڪري سگهجن. ڊي جي پي ڊي ايم اي شهرين کي اپيل ڪئي ته غير ضروري طور تي سخت اُس ۾ نڪرڻ کان پاسو ڪن وڌيڪ پاڻي پيئڻ ۽ خاص طور ٻارن، عورتن ۽ بزرگن جو خيال رکن هن هارين کي پڻ هدايت ڪئي ته فصلن جي لاباري ۽ مال جي حفاظت دوران موسمي صورتحال کي نظر ۾ رکندي احتياطي اپاءَ اختيار ڪن.

بقايا 22 گهرو وزير

مراد گهانگهرو ۽ سموري پوليس ٽيم کي شاباش ڏيندي چيو آهي ته بدنام زمانه ڌاڙيل منظور عرف منو پلڪائي جي هلاڪت ڪشمور پوليس جي وڏي ڪاميابي آهي، پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ گهرو وزير چيو ته معصوم ٻارن مزمل ۽ گل حسن پهنور جي قتل ۾ ملوث جوابدار منظور عرف منو پلڪائي پنهنجي انجام تي پهچي ويو آهي. هن چيو ته ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو ۽ پوليس ٽيم ڌاڙيل عنصرن خلاف بهادري ۽ پيشهوراڻه مهارت جو مظاهرو ڪيو آهي. ضياءُ الحسن لنجار چيو ته ڪشمور پوليس خطرناڪ ڌاڙيل منو پلڪائي کي هلاڪ ۽ ملهو پلڪائي کي زخمي ڪري اهم ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڌاڙيل عنصرن خلاف ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪيون وينديون ۽ عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي. گهرو وزير موجب منظور عرف منو پلڪائي سنگين ڏوهن اغوا براءِ تاوان قتل ۽ پوليس تي حملن سميت ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل هو. هن ڪشمور پوليس جي بروقت انٽيليجنس بيسڊ ڪارروائي کي ساراهيندي هدايت ڪئي ته فرار ڏوهارين جي گرفتاري لاءِ آپريشن جاري رکيو وڃي. هن چيو ته ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو ۽ سنڌس ٽيم ڏوهن جي خاتمي لاءِ قابل فخر ڪارڪردگي ڏيکاري آهي ۽ سنڌ حڪومت صوبي مان ڏوهن جي خاتمي لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي.

بقايا 23 ريئر ايڊمرل شفاعت علي

ڀارت سامونڊي بيڙا مقرر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ڀارت کي پنهنجي سامونڊي طاقت تي وڏو ناز هو ڀارتي بحريه هر طرح سان ليس هئي پر اڳرائيءَ جي همت نه ڪري سگهي هن چيو ته حق جي ويڙهه ۾ پاڪ بحريه ۽ پاڪ فضائيه گڏجي دشمن کي تباهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا، ان دوران اسان جون بندرگاهون اثاثا محفوظ ۽ فعال رهيا هن چيو ته اسان امن جا خواهشمند آهيون پر ان کي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي حق جي ويڙهه ۾ اسان جي هم آهنگي بي مثال فتح جو سبب بڻي، اسان جا سامونڊي اثاثا سمنڊ ۾ محفوظ آهن

بقايا 24 وزيراعظم

جتي هوشيار ٻار مفت تعليم حاصل ڪري رهيا آهن گلگت بلتستان ۾ 100 ميگاواٽ شمسي توانائي جو منصوبو ايندڙ سال مڪمل ٿي ويندو ميرٽ تي ليپ ٽاپس جي فراهمي سان نوجوان پاڪستان جي بهتري جي قابل ٿيندا، پاڪستان آمريڪا ايران جنگ روڪرائڻ ۽ خطي ۾ امن جي لاءِ جيڪو ڪردار ادا ڪيو تاريخ ۾ ياد رکندي پاڪستان قائم ٿيڻ کانپوءِ اڄ اهو موقعو آيو آهي ته خيبر کان ڪراچي تائين پوري قوم متحد آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه خميس ڏينهن شمسي توانائي جي منصوبن دانش اسڪول جي بنياد جو پٿر رکڻ سيف سٽي گلگت ۽ سيف سٽي اسڪردو جي افتتاح مفت سولر پينلز ورهائڻ وزيراعظم يوٿ پروگرام تحت شاگردن ۾ ليپ ٽاپس ورهائڻ ۽ وزيراعظم يوٿ پروگرام تحت ڪاروباري ۽ زرعي قرضن جا چيڪس ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي وفاقي وزير انجنيئر امير مقام عطاءُ الله تارڙ اويس لغاري عبدالعليم خان گلگت بلتستان جو گورنر سيد مهدي شاهه ۽ گلگت بلتستان جو نگران وڏو وزير جسٽس (ر) يار محمد ڪانسل وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناءُ الله ۽ وزيراعظم يوٿ پروگرام جو چيئرمين راڻا مشهود احمد خان پڻ موجود هئا. وزيراعظم چيو ته اڄ کيس ٻيهر گلگت بلتستان اچي خوشي محسوس ٿي رهي آهي هي نه رڳو خوبصورت علائقو آهي پر قابل محنتي هوشيار شاگردن ۽ شاگرديائين جو خطو آهي جيڪو پاڪستان جو فخر آهي هن محنت سان تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين جي والدين ۽ استادن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته شاگردن ۾ ليپ ٽاپس ورهائڻ نه رڳو انهن جي تعليمي قابليت جو اعتراف آهي پر ان جي ذريعي اهي پنهنجي ٻين جي بهتري جي قابل ٿيندا. وزيراعظم چيو ته 1997ع ۾ جڏهن مون کي منهنجي قائد محمد نواز شريف منهنجي پارٽي مسلم ليگ (ن) پنجاب جو خادم اعليٰ مقرر ڪيو تڏهن کان اڄ تائين مون ميرٽ کي ناهي ڇڏيو ۽ ان وقت ميرٽ کي سڪه رائج الوقت بڻايو جڏهن ڪير ان جي تصور کان به باخبر نه هو وزيراعظم چيو ته ملڪي ترقي جي لاءِ محنت، امانت ۽ ديانت کي پنهنجو شعار بڻائڻو پوندو ايچي سن جي معيار جي تعليم دانش اسڪولن ۾ فراهم ڪئي پئي وڃي.

بقايا 25 استقبال

دوري تي گلگت پهتو گلگت پهچڻ تي گورنر سيد مهدي شاهه ۽ نگران وڏي وزير جسٽس (ر) يار محمد وزيراعظم جو استقبال ڪيو خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، وفاقي وزير احسن اقبال، سردار اويس احمد خان لغاري، عطاءُ الله تارڙ، انجنيئر امير مقام، عبدالعليم خان، ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناءُ الله ۽ خاص مددگار طلحه برڪي پڻ وزيراعظم سان گڏ آهن

بقايا 26 راجا پرويز اشرف

فوجي ڪارروائي نه پر حق ۽ باطل ۽ قومي اتحاد جو معرڪو هو اسان جي فوج دشمن جا ڏند کٽا ڪري ڇڏيا. حق جي ويڙهه جو هڪ سال مڪمل ٿيڻ تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته ڀارت جي رافيل جهازن جي تباهي ان کي سڄي دنيا ۾ مايوس ڪري ڇڏيو ۽ سائبر محاذ هجي يا سفارتي محاذ، مودي حڪومت کي هر جڳهه تي مايوسي جو منهن ڏسڻو پيو هن وڌيڪ چيو ته حق جي ويڙهه ثابت ڪيو ته قوم حڪومت ۽ فوج متحد ٿين ته فتح ملندي آهي حق جي ويڙهه جو هڪ سال مڪمل ٿيڻ تي اسان پنهنجي شهيدن ۽ غازين کي سلام پيش ڪريون ٿا.

بقايا 27 فلسطيني شهيد

جي حوالي سان ٻڌايو ته گذريل ڏينهن اسرائيل غزه شهر جي علائقي زيتون ۾ بي گهر ماڻهن جي خيمي تي فضائي حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻه فلسطيني شهيد ٿي ويا سول ڊفينس موجب اسرائيلي فوج جي ٻئي فضائي حملي ۾ هڪ فلسطيني شهيد ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن غزه جي صحت واري وزارت موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران اسپتالن ۾ 4 لاش ۽ 16 زخمي آندا ويا. اختيارين موجب غزه ۾ 10 آڪٽوبر کان لاڳو ڪيل جنگ بندي کانپوءِ اسرائيلي حملن ۾ هيستائين 837 فلسطيني شهيد ۽ 2381 زخمي ٿي چڪا آهن جڏهن ته 7 آڪٽوبر 2023 کان جاري جنگ ۾ مجموعي طور تي 72,619 فلسطيني شهيد ۽ 172484 زخمي ٿيا آهن.

بقايا 28 نائب وزيراعظم

جي بنيادن کي لوڏي نٿي سگهجي. پاڪستان خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي فروغ ڏيڻ جي پنهنجي عزم تي ثابت قدم آهي ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري سان گڏوگڏ انصاف ۽ گڏيل احترام جي بنياد تي تڪرارن جي حل تي يقين رکون ٿا. ملڪ جي خلاف ڪنهن به خطري جو جواب قومي اتحاد، اٽل عزم ۽ هر ممڪن طاقت ذريعي ڏنو ويندو پاڪستان دنيا کي واضح پيغام ڏنو آهي ته هو پنهنجي خودمختياري تي ڪو به ڊاهه نه ڪندو اهڙن خيالن جو اظهار نائب وزيراعظم سينيٽر محمد اسحاق ڊار خميس ڏينهن معرڪ حق جي هڪ سال جي مڪمل ٿيڻ تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته اڄ اسان معرڪ حق جي پهرين سالگرهه ملهائي رهيا آهيون جيڪو اسان جي قومي تاريخ جو هڪ فيصلائتو باب آهي اها رڳو ڪئلينڊر تي هڪ تاريخ ناهي پر جرئت، اتحاد ۽ اٽل عزم جي هڪ ياد جي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ هر سپاهي ثابت قدم رهيو ۽ پوري قوم انهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل رهي نائب وزيراعظم ان موقعي تي هٿياربند فوج جي بهادر آفيسرن ۽ سپاهين قوم جي پٽن ۽ ڌيئرن کي سلام پيش ڪيو

بقايا 29 آصف زرداري

هنگامي حالتن جهڙن بدلجندڙ چئلينجز جي ڏس ۾ حڪومتي ادارن انساني همدرديءَ جي تنظيمن ۽ مقامي برادرين جي وچ ۾ تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو آهي ته مضبوط ۽ پائيدار صحت جي نظام جي جوڙجڪ جي لاءِ رڳو بنيادي ڍانچي ۽ وسيلا نه پر همدرديءَ رضاڪاراڻي جذبي ۽ خدمت خلق جو روح به گهربل آهي جيڪي ريڊ ڪراس ۽ ريڊ ڪريسنٽ تحريڪ جا بنيادي قدر آهن ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر آصف علي زرداري اهڙن خيالن جو اظهار ريڊ ڪراس ۽ ريڊ ڪريسنٽ جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو هن چيو ته اڄ اسان ريڊ ڪراس ۽ ريڊ ڪريسنٽ (هلال احمر) تحريڪ جي مخلص رضاڪارن عملي ۽ حصيدارن خاص طور تي پاڪستان ريڊ ڪريسنٽ سوسائٽي جيڪا قائداعظم محمد علي جناح جي جاري ڪيل پاڪستان ريڊ ڪراس آرڊر 1947ع تحت قائم ڪئي وئي جي انسانيت جي خدمت جي لاءِ ان جي اٽل وابستگي تي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو صدر چيو ته هي ڏينهن اسان کي ان ڳالهه کي تسليم ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو ته انساني همدرديءَ جي بنياد تي ڪم ڪندڙ ادارا صحت جي نظام کي مضبوط بڻائڻ هنگامي حالتن ۾ موثر ردعمل ڏيڻ ۽ ڪمزور ۽ محروم طبقن تائين پهچ حاصل ڪرڻ ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

بقايا 30 ٻڌڻي

شاهد وحيد جي سربراهي ۾ ٽي رڪني بينچ ڪندي بينچ ۾ جسٽس نعيم اختر افغان ۽ جسٽس شفيع صديقي به شامل آهن ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا پنهنجي سزا معطل ڪرڻ لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواستون داخل ڪري رکيون آهن جن تي ايندڙ ٻڌڻي دوران دليل ڏنا ويندا.

بقايا 31 وفاقي گهرو وزير

ٿئي ها. ڀارت پاڪستان خلاف وڌيڪ ڪا به مهم جوئي ڪئي ته اڳ کان ڪيترائي ڀيرا سخت جواب ڏنو ويندو اهڙن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن مملڪتي وزير طلال چوڌري سان گڏ پريس ڪانفرنس دوران ڪيو محسن نقوي چيو ته معرڪ حق ۾ قدرت جي مدد به اسان سان گڏ هئي. پاڪستان کي ڪاميابي ملي سڄي ملڪ ۾ معرڪ حق بابت تقريبون ٿي رهيون آهن هن چيو ته ڀارت ننڍي ۽ وچولي سائيز جا ڊرون اسان جي مختلف علائقن ڏانهن موڪليا، ڀارتي ڊرون گهٽ تعداد ۾ پاڪستان پهتا، اڪثر ڊرونز کي ٻارڊر تي اسان جي رينجرز تباهه ڪيو ڀارت جي ڪوشش هئي ته سائبر حملو ڪري.

بقايا 32 شرجيل ميمڻ

جو فيصلو ڪري ورتو آهي. خيرپور کان روهڙي ۽ خيرپور کان رانيپور نوان روٽس ايندڙ هفتي شروع ڪرڻ جو به اعلان ڪيو ويو آهي سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هن تمام جلد لاڙڪاڻي دادو سيوهڻ حيدرآباد، سانگهڙ سميت ٻين ضلعن ۾ انٽر سٽي بس سروس شروع ڪري رهيا آهيون، ڪراچي لاءِ نيون اي وي ۽ ڊبل ڊيڪر بسون آنديون پيون وڃن ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري کاتي جو هڪ اهم اجلاس سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ ٿيو اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي سليم الله اوڊو سميت ٻين اختيارين شرڪت ڪئي اجلاس دوران پيپلز بس سروس جا نوان روٽ شروع ڪرڻ، پنڪ بس سروس ۽ اسڪوٽرز ورهائڻ اي وي ٽيڪسي سروس، ماس ٽرانزٽ جي ٻين جاري ۽ تجويز ڪيل رٿائن تي خيالن جي تفصيلي ڏي وٺ ڪئي وئي

بقايا 33 سلمان عبدالله مراد

ويندڙن هن چيو ته هي ڏينهن قومي اتحاد، بهادري، قرباني ۽ ملڪ جي سالميت جي تحفظ جي علامت طور ياد رکيو ويندو. پنهنجي بيان ۾ سلمان عبدالله مراد چيو ته "بنيان مرصوص" آپريشن جي ڪاميابي قوم جا حوصلا بلند ڪيا آهن ۽ پاڪستان جي امن ۽ استحڪام ۽ وقار کي وڌيڪ مضبوط بڻايو آهي. هن چيو ته سڄي قوم کي پنهنجي بهادر هٿياربند فوجن تي فخر آهي جن غيرمعمولي بهادري ۽ ثابت قدمي جو مظاهرو ڪيو. ڊپٽي ميئر ڪراچي جو چوڻ هو ته پاڪستان جا عوام ۽ قومي ادارا دشمن قوتن خلاف متحد ۽ هڪ آواز آهن جڏهن ته ملڪ دشمن عنصرن جي ناپاڪ

بقايا 34 ڪميٽي قائم

ڪيو ويو آهي هن ڪميٽي جو چيئرمين ڪاظم خان ۽ ڊپٽي چيئرمين اياز خان کي مقرر ڪيو ويو آهي جڏهن ته ميمبرن ۾ سيڪريٽري جنرل غلام نبي چانڊيو قاضي اسد عابد، اعجاز الحق، انور ساجدي، شڪيل احمد ترابي، عدنان ظفر، ميان حسن احمد ۽ عبدالرحمان مگريو شامل آهن اها ڪميٽي سي پي اين اي جي آئين جو جائزو وٺي پنهنجون سفارشون اسٽينڊنگ ڪميٽي کي پيش ڪندي

بقايا 35 ملتوي

پکوڙجي وئي. تفصيل موجب ڪراچي بار ايسوسيئيشن جون سالياني چونڊون ڊسمبر 2025ع ۾ ٿيڻيون هيون پر مختلف سببن جي ڪري ملتوي ٿي ويون هيون جنهن بعد پاڪستان بار ڪائونسل 7 مئي تي چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو هو. نوشهروفيروز سان تعلق رکندڙ سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر عبدالستار لوهراڻي کي چيف اليڪشن ڪمشنر مقرر ڪيو ويو جڏهن ته سرڪاري وڪيلن کي پريزائيڊنگ آفيسر طور ذميواريون ڏنيون ويون. پولنگ شروع ٿي مبينا ڌانڌلي جا الزام سامهون اچڻ بعد صورتحال ڇڪتاڻ جو شڪار ٿي وئي. وڪيلن ڊسٽرڪٽ ويسٽ، سينٽرل ۽ ايسٽ مان اسٽيمپ ٿيل جعلي ووٽ پڪڙڻ جي دعويٰ ڪئي جڏهن ته جعلي ووٽن سان ڀريل ڪيترائي ٿيلها به هٿ اچڻ جو چيو ويو. ان صورتحال کانپوءِ وڪيلن احتجاج ڪندي زبردستي پولنگ جو عمل بند ڪرائي ڇڏيو.

بقايا 36 گرفتار

آباد مان ڦر ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث "ڪيس سار خان ۽ ڪمانڊو گروهه" سان تعلق رکندڙ 5 جوابدارن گلفام عرف سني ولد نيئر احمد، محمد شان ولد محمد حسين داؤد ولد حاجي موسيٰ، اشرف عرف پنو ولد رمضان ۽ اسماعيل ولد ميڪائيل کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدارن جي قبضي مان هڪ عدد 30 بور پسٽول بغير لائسنس، ٻه عدد 9 ايم ايم پسٽول بغير لائسنس 5 عدد ميگزين سميت 28 گوليون 5 موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي آهي. رينجرز موجب گرفتار جوابدار پنهنجن ٻين ساٿين سان گڏجي ڪراچي جي علائقن حيدري مارڪيٽ، گودرا چوڪ، گلبرگ ٽائون سرينا موبائل مارڪيٽ، ناظم آباد ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ ڦر اسٽريٽ ڪرائم موٽرسائيڪل کان رڪشا ۽ موبائل فون ڦر ڪرڻ جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيا آهن. ترجمان موجب گرفتار جوابدار محمد شان غير قانوني هٿيار ڏوهارين کي فراهم ڪرڻ سان گڏ ڦريل موٽرسائيڪلز جي خريد ۽ وڪري ۾ پڻ ملوث آهي.

بقايا 37 گرفتار

هائوسز ۽ غير اخلاقي سرگرمين خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي ڊي ايچ اي ۾ پوليس انٽيليجنس اطلاعن تي ڪارروائي ڪندي ڪلفٽن بوٽ بيسن درخشان ۽ گزري جي مختلف علائقن ۾ ڪيترن ئي غير قانوني شيشا ڪيفي تي ڇاپا هنيا مختلف ڪارروائين دوران ڪل 23 ملزمن کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته شيشا حقي، فليورز ۽ ٻيو سامان هٿ ڪري تحويل ۾ ورتيون ويون بوٽ بيسن پوليس ڪلفٽن بلاڪ 5 ۾ ڪارروائين دوران 3 ملزمن کي گرفتار ڪيو ۽ 7 شيشا حقا هٿ ڪيا.

بقايا 38 گرفتار

ڪندي جعلي دستاويزن تي پرڏيهه وڃڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي مسافر بابر خالد کي آف لوڊ ڪري ڇڏيو. ترجمان ايف آءِ اي موجب اميگريشن ڪليئرنس دوران مشڪوڪ دستاويزن جي بنياد تي مسافر کي وڌيڪ جاچ لاءِ GRO حوالي ڪيو ويو جتي تفصيلي جاچ دوران اهم انڪشاف سامهون آيا. ترجمان موجب ڏکڻ آفريڪا ويندڙ مسافر جعلي اين او سي سان پڪڙيو ويو جڏهن ته ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ پاران جاري ڪيل اين او سي کي جعلي قرار ڏنو ويو آهي. مسافر وٽ موجود ڊپارٽمينٽل سرٽيفڪيٽ ڪارڊ به مشڪوڪ نڪتو جنهن بعد جعلسازي جا شڪ وڌيڪ گهرا ٿي ويا.

بقايا 39 گرفتار

جوابدارن 26 سالن جي ميان بخش پٽ محمد حيات کي ڦر دوران گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو ۽ متاثر شخص کان سندس موبائل فون ۽ 20 هزار رپيا نقد ڦري فرار ٿي ويا. واقعي جو ڪيس نمبر 132/26 گلشن معمار پوليس ٿاڻي ۾ سيڪشن 394/397/302/34 تحت داخل ڪيو ويو ۽ جاچ ايس آءِ يو جي حوالي ڪئي وئي ايس آءِ يو ٽيم ٽيڪنيڪل ذريعن ۽ هيومين انٽيليجنس جي مدد سان پير آباد پوليس ٿاڻي جي علائقي مان واقعي ۾ ملوث جوابدار جاويد پٽ خادم حسين کي گرفتار ڪيو

بقايا 40 فوت

ڳڙهاڻ ۾ رٽائر استاد عبدالهادي نهڙيو جي فوت ٿيڻ بعد ساڳي ڳوٺ ۾ سنڌمر پائلو عربي جو استاد شڪيل الرحمان نهڙيو تيز بخار ۾ ور ڏڪي جهان ڇڏيو جنهن بعد ڊينگي بخار سبب 10 ڏينهن دوران فوتين جو انگ وڌي 4 ٿي ويو آهي واضح رهي ته ڳوٺ ڳڙهاڻ ۾ رٽائر پرائمري استاد عبدالهادي نهڙيو ۽ ڳوٺ پڊريو موٽ جو پورهيت اعظم نهڙيو جو ڏيڍ سالن جو معصوم ٻار واحد بخش مورو ستون ميل ويجهو منگل ڪولهي به بيماري ۾ ور ڏڪي جهان ڇڏيو ۽ ٻيا ساڄاهه وندن عبدالقيوم راهو نصر لشڪري بابو جان لنڊ اميد علي قادربخش لنڊ پائي ايم ايس لاکو مير احسان وڪانلاني صوفي محمد حسن نهڙيو مولانا حاجي محمد حسن لنڊ ۽ ٻين موجب انتظاميا پاران ڏهه ڏينهن اڳ ڊينگي مليريا جا ڪيس ظاهر ٿيڻ بعد انتظاميه فرضي چڪر لڳائي فارميلٽي پوري ڪري واپس روانو ٿي ويو رهواسين مطالبو ڪندي چيو آهي ته صحت کاتو ضلعي انتظاميا ٽريڪر اسان جي واهر ڪري علاج جون سهولتون فراهم ڪري مڇر مار اسپري ڪرائي ٻئي طرف روزانو وڏي انگ ۾ مليريا جا ڪيس ظاهر ٿيڻ جو بنا دير نوٽيس وٺي فوري طور ماهر ڊاڪٽرن جون ٽيمون چڪاس ليبارٽرين سميت گهربل دوائون بچاءَ وارين ضروري شيون اماڻيون وڃن.

نمبر: TC/G-148/770 of 2026

دفتر ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ڊولپمينٽ)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن ڪشمور ايٽ ڪندڪوٽ
تاريخ: 06-05-2026
اي ميل: aghainayat2019@gmail.com
"اسان جو ايمان، ڪرپشن کان پاڪ پاڪستان"

ٽينڊر نوٽيس

ايس پي پي آر اي (SPPRA) رولز 2010 (ترميم ٿيل) جي مطابق. "هڪ مرحلي تي هڪ لفافي" طريقڪار تحت هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ انهن سيني ٺيڪيدارن / فرمن کان مهربند ٽينڊر گهربل آهن جيڪي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) سان لاڳاپيل ڪيٽيگريءَ ۾ رجسٽرڊ آهن.

نمبر شمار	تفصيل	ڪٿيل رقم (ملين)	سوٺي رقم (5%)	ٽينڊر في	ڪيٽيگري	مڪمل ڪرڻ جو مدو
	ڊسٽرڪٽ اي ڊي پي 2025-2026					
.1	واٽر فلٽريشن پلانٽ (GDP 5000) جي تنصيب بمقام مصطفيٰ مدرسو ڪندڪوٽ ۽ پراڻن فليٽس (بمقام رهائشگاهه ڪندڪوٽ) جي ڊريج جي مرمت.	4.904	0.246	5000	C6	24 مهينا
.2	ڳوٺ منظور احمد سومرو، تعلقو ڪندڪوٽ ۾ سي سي ڊرينز (نالين) جي تعمير.	5.000	0.250	5000	C6	24 مهينا

شرط ۽ ضابطا:-

1. جاپايل ڪمن جا خالي ٽينڊر فارم / دستاويزات ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ڊولپمينٽ) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن ڪشمور بمقام ڪندڪوٽ (واقع گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج، ويجهو پراڻي نادرا آفيس ڪندڪوٽ) جي آفيس مان ڪنهن به ڪم واري ڏينهن حاصل ڪري سگهجن ٿا. اهي فارم SPPRA ويب سائيٽ تي اپ لوڊ ٿيڻ يا اخبار ۾ اشتهار جي اشاعت واري تاريخ کان 21-04-2026 تائين تحريري درخواست ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي نالي مقرر ڪيل ٽينڊر في (5000 رپيا، ناقابل واپسي) جي پي آرڊر جي شڪل ۾ جمع ڪرائڻ تي حاصل ڪري سگهجن ٿا.
2. ٽينڊر پنهنجي ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل هڪ ئي مهربند لفافي ۾ جمع ڪرائڻا پوندا. جنهن تي واضح طور تي Technical Proposal ۽ Financial Proposal لکيل هجي. اهي لفافا 02-06-2026 تي صبح جو 11:00 وڳي تائين ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ڊولپمينٽ) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن ڪشمور جي آفيس ۾ ملي وڃڻ گهرجن. ٽيڪنيڪل پروپوزل ساڳئي ڏينهن صبح جو 11:30 وڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي ذريعي سيني موجود ٺيڪيدارن يا انهن جي نمائندن جي سامهون کوليا ويندا.
3. فرمن جي فني اهليت جي جاچ لاءِ ٽيڪنيڪل پروپوزلز جو جائزو ورتو ويندو. فني طور تي اهل فرمن جي فنانشل پروپوزلز کولڻ جي تاريخ ۽ وقت جو اعلان بعد ۾ تحريري طور ڪيو ويندو. فني طور تي نااهل قرار ڏنل فرمن جا فنانشل پروپوزلز بغير کولڻ جي واپس ڪيا ويندا.
4. ٽينڊر دستاويز تمام احتياط ۽ صفائي سان پري صحيح ڪيا وڃن. هر آچ سان گڏ ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي نالي ڪال ڊپازٽ جي شڪل ۾ سوٺي رقم لڳائڻ ضروري آهي. اڌورا، اوور رائٽنگ وارا يا مشروط ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
5. خالي ٽينڊر صرف انهن سرڪاري ٺيڪيدارن کي جاري ڪيا ويندا جن وٽ سال 2026 لاءِ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) جي لاڳاپيل ڪيٽيگري جي رجسٽريشن هوندي.
6. انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (NTN)، سنڌ روينيو بورڊ (سيلز ٽيڪس رجسٽريشن) ۽ مالڪن جي شناختي ڪارڊ جي ڪاپي فراهم ڪرڻ لازمي آهي.
7. ٽيڪنيڪل پروپوزل ۾ ڪمپني پروفائل سان گڏ هيٺ ڏنل معلومات هجڻ گهرجي:
   - الف) گذريل ٽن سالن ۾ مڪمل ڪيل وڏا يا ساڳئي نوعيت جي گهٽ ۾ گهٽ 4 ڪمن جي لسٽ گڏ دستاويزي ثبوت ۽ اطمينان بخش مڪمل ٿيڻ جا سرٽيفڪيٽ.
   - ب) هلي رهيل ساڳئي نوعيت جي گهٽ ۾ گهٽ 4 ڪمن جي لسٽ، ايوارڊ ليٽرز جون ڪاپيون ۽ لاڳاپيل ايگزيڪيوٽو انجنيئرز جو سرٽيفڪيٽ ته ڪم بند (Abandon) ناهي ڪيو ويو.
   - ج) موجود مشينري ۽ اوزارن جي تفصيل گڏ دستاويزي ثبوت.
   - د) ٽيڪنيڪل اسٽاف ۽ سائيٽ مئنيجمينٽ اسٽاف جي قابليت ۽ تجربي جي تفصيل
   - هه) گذريل ٽن سالن جي بينڪ اسٽيٽمينٽ ۽ آڊٽ رپورٽ (جيڪا ICAP کان تصديق ٿيل هجي) ته جيئن مالي حيثيت جي خبر پئجي سگهي. بينڪ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 20٪ بيلنس هجڻ ضروري آهي.
   - و) اسٽينڊرڊ بڊنگ ڊاڪيومينٽس (SBD) ۾ ڏنل تمام هدايتون ۽ شرط لاڳو ٿيندا.
   - ز) تازو بيان حلفي ته فرم ڪنهن قانوني مقدمي ۾ ناهي ۽ نه ئي ڪڏهن ڪم اڌورو ڇڏيو اٿس.
   - ح) تازو بيان حلفي ته فرم ڪنهن به سرڪاري اداري پاران بليڪ لسٽ ٿيل ناهي.
   - ط) تازو بيان حلفي ته فراهم ڪيل سموري ڄاڻ ۽ دستاويز بلڪل صحيح آهن.
   - ي) تازو بيان حلفي ته فرم ڪم مڪمل ٿيڻ کانپوءِ هڪ سال تائين خرابين جي ذميوار هوندي.
   - ڪ) ڪنهن اڻٿيندڙ صورتحال يا سرڪاري موڪل جي صورت ۾ ٽينڊر اينڊڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي جمع / کوليا ويندا.
   - ل) مشروط آڇن تي غور نه ڪيو ويندو
   - م) مجاز اٿارٽي کي حق حاصل آهي ته اها SPPRA رولز 25 جي تحت ڪنهن به يا سيني آڇن کي رد ڪري سگهي ٿي.
   - ن) گذريل پنجن سالن ۾ ساڳئي نوعيت جي ڪم جو تجربو:
     - i) گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪم جنهن جي ماليت تخميني خرچ جو 80٪ هجي. يا
     - ii) گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڪم جن جي انفرادي ماليت تخميني خرچ جو 50٪ هجي.
8. (مالياتي) گذريل پنجن سالن دوران فرم جو اوسط سالياني مالي ٽرن اوور پروجيڪٽ جي خرچ کان گهٽ نه هجڻ گهرجي.
9. ٻي ڪوشش (2^{nd} Attempt)

جيڪڏهن به يا ٻن کان گهٽ واڪ ڊينڊ ٽينڊر جمع ڪرائين ٿا يا ٽينڊر جو جواب نٿو ملي ته ٽينڊر جاري ڪرڻ ۽ وصول ڪرڻ جي اينڊڙ تاريخ 18-06-2026 صبح 11:00 وڳي تائين هوندي ۽ ساڳئي ڏينهن صبح 11:30 وڳي ٽينڊر کوليا ويندا.

نوٽ: ٽينڊر جو عمل اي-پروڪيورمينٽ پورٽل https://sindh.eprocure.gov.pk جي ذريعي ڪيو ويندو.

(محمد آصف)
ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ڊولپمينٽ)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن
ڪشمور بمقام ڪندڪوٽ

INF/KRY/1769/2026

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

ايڊيٽوريل

گرمي، لوڊشيڊنگ ۽ انساني حياتين سان کيڏندڙ بيحسي
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاد
جڏهن طاقت قلم کان ڊڄڻ لڳي: ايف بي آءِ جي صحافيءَ جي دروازي تي دستڪ!
صفحو 4

روزاني عبرت

هر پاڪستاني ٻوليءَ ۾ فخر لائق ادب
محمود شام
صفحو 4

مختيار اڻڙ
اڄوڪو ڏينهن ـــ 08 مئي
صفحو 4

ڪوٽ غلام محمد جو قديمي گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول ڀينگاڻ رستو سهولتن کان وانجهيل

حڪومت طرفان "پڙهندي سنڌ، وڌندي سنڌ" جا نعرا هڻي تعليم جي واڌ ويجهه جون دعوائون ڪرڻ باوجود سهولتون نہ ڏنيون

اسڪول ۾ 90 کان وڌيڪ شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، پر انهن معصوم ٻارڙن لاءِ پيئڻ جو صاف پاڻي بہ ناهي

فوري طور اسڪول کي پيئڻ جي پاڻي، سولر سسٽم، واش روم، فرنيچر ۽ مرمتي ڪم سميت بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن: رهواسي

ڪوٽ غلام محمد قديمي گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول ڀينگاڻ کنڊر بڻيل نظر اچي رهيو آهي

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) تعلقي ڪوٽ غلام محمد جو قديمي گورنمنٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول ڀينگاڻ رستہ جديد دور ۾ بہ بنيادي سهولتن کان مڪمل طور محروم بڻيل آهي جتي هڪ پاسي حڪومت "پڙهندي سنڌ، وڌندي سنڌ" جا نعرا هڻي تعليم جي واڌ ويجهه جون دعوائون ڪري رهي آهي اتي ٻئي پاسي هي اسڪول زبون حالي جي تصوير بڻيل نظر اچي ٿو اسڪول ۾ 90 کان وڌيڪ شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. پر افسوس جو انهن معصوم ٻارڙن لاءِ نہ پيئڻ جو صاف پاڻي موجود آهي نہ بجلي يا سولر سسٽم جي سهولت، جڏهن تہ واش روم جهڙي بنيادي ضرورت بہ موجود ناهي سخت گرميءَ ۾ شاگرد پريشانين کي منهن ڏئي تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن اسڪول جي عمارت پڻ مرمت طلب بڻيل آهي، جڏهن تہ فرنيچر سميت هر سهوليت جو فقدان نظر اچي رهيو آهي. والدين ۽ علائقي واسين جو چوڻ آهي تہ تعليم جهڙي مقدس شعبي سان اهڙي ناانصافي مستقبل جي نسلن سان ظلم برابر آهي ڳوٺاڻن ۽ سماجي حلقن سنڌ حڪومت تعليم کاتي ۽ چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو آهي تہ فوري طور اسڪول کي پيئڻ جي پاڻي، سولر سسٽم، واش روم، فرنيچر ۽ مرمتي ڪم سميت بنيادي سهولتون فراهم ڪري شاگردن جو مستقبل بچايو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

لاڪاڻ جي بوائز پرائمري اسڪول ٺارو زئونر جي عمارت زبون، ڇاپڙ ڪرڻ سبب 5 شاگرد زخمي

زبون حال عمارت جي ڇت جا ڇاپڙ اسڪول ۾ پڙهائي دوران ڪرڻ سبب 5 معصوم ٻار زخمي ٿي پيا

زخمي شاگردن کي فوري طور لاڪاڻ هيلٿ سينٽر ۾ علاج لاءِ نيو ويو، طبي امداد بعد گهر روانو ڪيو ويو

اسڪول جي ڇت ڪرڻ واري واقعي جو نوٽس وٺي جانچ ڪرائي تہ جيئن زبون حالي اسڪول جي مرمت جلد ٿي سگهي: انتظاميہ

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ضلعي جي ڳوٺ لاڪاڻ جي بوائز پرائمري اسڪول ٺارو زئونر جي زبون حال عمارت جي ڇت جا ڇاپڙ اسڪول ۾ پڙهائي دوران ڪرڻ سبب 5 معصوم اسڪولي ٻارڙا سخت زخمي ٿي پيا جن ۾ معصوم عائشہ منظور شوڪت ۽ امين شامل آهن جڏهن تہ زخمي شاگردن کي فوري طور لاڪاڻ هيلٿ سينٽر ۾ علاج لاءِ نيو ويوجتان ڪين طبي امداد ملڻ بعد پنهنجن ڳوٺن طرف روانو ڪيو ٻي طرف علائقي زخمي معصوم شاگردن جي وارثن جو چوڻ هو تہ اسان اسڪول جي زبون حالي عمارت جو ڪافي ڀيرا لاڳاپيل ايجوڪيشن کاتي جي عملدارن ۽ سيڪريٽري ايجوڪيشن کي پڻ شڪايتون ڪيون ۽ درخواستون ڏنيون آهن پر انهن جو ڪو بہ ازالو ٿي نہ سگهيو افسوس اڄ اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙا هلندڙ پڙهائي وقت ڪرڻ ڪري اسان جا معصوم پنج ٻارڙا زخمي ٿي پيا آهن اسان صوبائي وزير ايجوڪيشن سنڌ کي اپيل ٿا ڪريون تہ اسڪول جي ڇت ڪرڻ واري واقعي جو نوٽس وٺي جانچ ڪرائي تہ جيئن زبون حالي اسڪول جي مرمت جلد ٿي سگهي اسانجو اسڪول هلندڙ آهي ۽ اسڪول جا شاگرد ڪنهن وڏي حادثي کان بچي سگهن

سيوهڻ جي ٻن يوسين چنا ۽ آراضي تي ضمني مڪاني چونڊن جو ڇهڇٽو

يوسي چنا جي وائيس چيئرمين جو آزاد اميدوار پي ٽي آئي جي حق ۾ ريٽائر ٿي ويو

شهري ڪٽ جي نشان تي ٺپو هڻي پ پ مخالف اميدوار شاهد اوڍو کي ڪامياب ڪن: ذاڪر ٻرڙي

سيوهڻ ذاڪر ٻرڙي ميڊيا سان ڳالهائيندي

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ جي ٻن يوسين چنا ۽ آراضي تي ضمني مڪاني چونڊن جو ڇهڇٽو يوسي چنا جي وائيس چيئرمين جي آزاد اميدوار پاران پي ٽي آئي اميدوار جي حق ۾ رٽائر ٿيڻ جو اعلان، تفصيل موجب سيوهڻ تعلقي جي 2 يوسيز آراضي ۽ چنا تي وائيس چيئرمينن جي ضمني مڪاني چونڊ 17 مئي تي ٿي رهي آهي ان حوالي سان چونڊن جو ڇهڇٽو جاري آهي، جڏهن تہ يوسي چنا جي وائيس چيئرمين لاءِ بيٺل آزاد اميدوار ايڊووڪيٽ ذاڪر حسين ٻرڙي پاران پي ٽي آئي جي اميدوار جي حق ۾ هٿ کڻڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي، ان حوالي سان آزاد اميدوار ذاڪر ٻرڙي ڪالهہ نيشنل پريس ڪلب سيوهڻ پهچي پريس ڪانفرنس ڪري پي ٽي آئي جي اڳواڻن اياز عمراڻي جي موجودگي ۾ پي ٽي آئي اميدوار شاهد اوڍو جي حق ۾ رٽائر ٿيڻ جو اعلان ڪيو ان حوالي سان آزاد اميدوار ذاڪر حسين ٻرڙي جي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ آءٌ پي ٽي آئي جي تعلقي سيوهڻ جي صدر اياز عمراڻي جي درخواست کي مان ڏيندي سندن اميدوار شاهد اوڍو جي حق ۾ دستبردار ٿيڻ جو اعلان ڪيان ٿو مان يو سي چنا جي عوام سان گڏ ٻرڙي ۽ ڪٽوهڙ برادري کي اپيل ڪيان ٿو تہ هو ڪٽ جي نشان تي ٺپو هڻي پ پ مخالف اميدوار شاهد اوڍو کي ڪامياب ڪن. هن چيو تہ جيڪڏهن پ پ ضمني چونڊ ۾ سرڪاري مشينري استعمال نہ ڪئي تہ يوسي چنا تي زبردست مقابلو ٿيندو ۽ سوڀ پي ٽي آئي اميدوار جي ٿيندي. ان موقعي تي پي ٽي آئي اميدوار شاهد اوڍو ۽ اياز عمراڻي چيو تہ ايڊووڪيٽ ذاڪر حسين سياسي بالغ نظري جو مظاهرو ڪندي اسان جي حمايت جو فيصلو ڪيو آهي ان تي اسان سندس ٿورائتا آهيون.

صحافي جي گهر واريءَ خلاف سوشل ميڊيا تي ڪوڙيون پوسٽون هلائڻ تي ڪيس داخل

حاڪم علي زرداري جي ڏاڻ جي منشيات سميت گرفتاري جون ڪوڙيون پوسٽون هلايون ويون

صحافي حاڪم علي زرداري جي فرياد تي جوابدار گلزار سرگاڻي خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

ٽنڊوڄام(ر ٽ) صحافي جي گهر واريءَ خلاف سوشل ميڊيا تي ڪوڙيون پوسٽون هلائڻ تي صحافي جي فرياد تي پيڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل. ٽنڊوڄام ۾ سوشل ميڊيا تي صحافي جي گهر واريءَ خلاف ڪوڙيون ۽ ذليل آميز پوسٽون هلائڻ واري معاملي تي پيڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. گذريل ڏينهن گذريل ڏينهن فيسبڪ ۽ واٽس ايپ گروپن ۾ صحافي حاڪم علي زرداري جي ڏاڻ جي منشيات سميت گرفتاري جون ڪوڙيون پوسٽون هلايون ويون، معاملي تي ٽنڊوڄام پريس ڪلب پاران سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي جاچ جو مطالبو ڪيو ويو، جنهن جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي حيدرآباد شاهزيب چاچڙ معاملي جو فوري نوٽيس وٺندي قانوني ڪارروائي جا حڪم جاري ڪيا، جنهن بعد صحافي حاڪم علي زرداري جي فرياد تي جوابدار گلزار سرگاڻي خلاف پيڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو ايف آءِ آر موجب جوابدار سوشل ميڊيا تي صحافي جي ڏاڻ عيني بابت سوشل ميڊيا تي منشيات ۾ گرفتار ٿيڻ جو ڪوڙيون پوسٽون رکي سندس عزت ۽ ساک کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، ٻئي پاسي ٽنڊوڄام پريس ڪلب ايس ايس پي حيدرآباد پاران فوري نوٽيس وٺڻ واري عمل کي ساراهيندي جوابدار جي ترت گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي

ميهڙ ۾ بجلي جي ڊگهي لوڊشيڊنگ سبب شهري پريشان

روزانو لڳاتار 5 ڪلاڪن تائين بجلي بند رهڻ ڪري ڪاروبار ٺپ

اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو ختم ڪري بجلي جي فراهمي بهتر بڻائي وڃي: شهري

ميهڙ (ن ع) ميهڙ ۾ بجلي جي ڊگهي لوڊشيڊنگ سبب شهري سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن. علائقي واسين موجب روزانو لڳاتار 5 ڪلاڪن تائين بجلي بند رهڻ ڪري ڪاروبار گهريلو ڪم ۽ شاگردن جي پڙهائي متاثر ٿي رهي آهي. گرمي جي شدت ۾ اضافي سبب عورتن ٻارن ۽ بزرگن کي بہ سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو شهرين واپڊا ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو ختم ڪري بجلي جي فراهمي بهتر بڻائي وڃي، جيئن عوام کي رليف ملي سگهي.

ڪراچي يونيورسٽي شديد مالي بحران کي منهن ڏئي رهي آهي: فپواسا

اداري کي فوري طور بحران مان ڪڍڻ وقت جي اهم ضرورت آهي: ڊاڪٽر نفيس احمد ميمڻ

ڪراچي يونيورسٽي جي مالي مسئلن جي حل لاءِ ترت خاص گرانٽ جاري ڪئي وڃي

ٽنڊوڄام(ر ٽ) فپواسا سنڌ چيپٽر جي صدر پروفيسر ڊاڪٽر نفيس احمد ميمڻ ۽ نائب صدر ڊاڪٽر فهد نذير ڪوسو پنهنجي گڏيل بيان ۾ ڪراچي يونيورسٽي جي سخت مالي بحران تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ ڪراچي يونيورسٽي شديد مالي بحران کي منهن ڏئي رهي آهي ۽ اداري کي فوري طور بحران مان ڪڍڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هنن چيو تہ ڪراچي يونيورسٽي جي خراب ٿيندڙ صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي جنهن سبب استادن جا جائز مسئلا پڻ ڊگهي عرصي کان حل نہ پيا ٿي سگهن. جڏهن تہ انتظاميہ پڻ انهن مسئلن جي حل لاءِ سنجيده ۽ اثرائتا قدم بہ نہ پئي کڻي. هنن وڌيڪ چيو موجوده انتظاميہ ملازمن جي مسئلن جي حل ۾ ناڪام وئي آهي جنهن سبب استادن ۽ ملازمن ۾ بيچيني وڌي رهي آهي. فپواسا سنڌ جي اڳواڻن ڪراچي يونيورسٽي جي استادن ۽ ملازمن سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪندي سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ ڪراچي يونيورسٽي جي مالي مسئلن جي حل لاءِ ترت خاص گرانٽ جاري ڪئي وڃي تہ جيئن تعليمي ۽ انتظامي معاملا بهتر نموني هلي سگهن.

وڳڻ لاءِ منظور ٿيل واٽر سپلاءِ اسڪيم جو ڪم مڪمل نہ ٿي سگهيو

پائيپ لائين جي وڇائي جو ڪم شهر اندر نہ ٿي سگهيو، ٺيڪيدار غائب

سالن کان ڄر جو ڪارو پاڻي واپرائيندا پيا اچون، اسڪيم مڪمل ڪرائي وڃي: رهواسي

وڳڻ(ن ع) وڳڻ ۽ آسپاس جي علائقي لاءِ منظور ٿيل واٽر سپلاءِ اسڪيم جو ڪم ڪيترن مهينن تائين مڪمل نہ ٿي سگهيو آهي پائيپ لائين جي وڇائي جو ڪم شهر اندر نہ ٿي سگهيو نامعلوم ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي غائب ٿي ويو واٽرسپلاءِ اسڪيم جي وارثي نہ ٿيڻ تي شهري ڪارو پاڻي واپرائڻ تي مجبور بڻيل آهن ان حوالي سان شهرين لالا حفيظ ٻلاڻ صفدر

بعد نئين واٽر سپلاءِ اسڪيم منظور ٿي ۽ مٺي پاڻي جي اميد ظاهر ٿي پر اهو ڪم بہ پورو نہ ٿي سگهيو باقي ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي فرار ٿي ويو آهي جنهن سان ڪروڙن جي اسڪيم اڌوري بڻيل آهي شهرين کي نئين اسڪيم مان ڪو لاڀ حاصل نہ ٿي سگهيو آهي اڳ جيئن ڪاري پاڻي تي گذارو ٿي رهيو آهي ڪيترا ڀيرا دانهون ڪيون آهن پر ڪو ٻڌڻ وارو ناهي

ڏير ڪارنهن جي ڪوڙي تهمت هڻي قتل جي فتويٰ جاري ڪئي آهي: فيروزه ٻرڙو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ضلعي جيڪب آباد جي تعلقي ٺل شهر جي رهواسڻ ۽ مڊ وائف بيواهہ فيروزا بيواهہ عبدالمجيد ٻرڙو ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڄاڻايو آهي تہ سندس ڏير ڪارنهن جي ڪوڙي تهمت هڻي قتل جي فتويٰ جاري ڪئي آهي. هن چيو تہ منهنجي پٽ کي ڪيترائي دفعا يرغمال بڻائي ڌمڪائڻ بعد هڪ رات اڳ ڪمري بند ڪري مونکي ڪاري قرار ڏياريو آهي. هن چيو تہ منهنجو مڊ وائف جو ڪورس ٿيل آهي ۽ مڙس عبدالمجيد جي وفات ڪانپوءِ ٺل شهر ۾ عورتن لاءِ ويم ڪوليو آهي جتي سان عورتن جا ويم ڪرائي پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو گذرسفر ڪندي آهيان جڏهن تہ منهنجو مڙس عبدالمجيد ٻرڙو مرحوم لوڪل گورمينٽ کاتي ۾ ملازم هو. هن الزام هڻندي چيو تہ منهنجو ڏير رشيد ٻرڙو مون سان زبردستي نڪاح ڪرڻ چاهي ٿو جڏهن تہ ڏير رزاق ٻرڙو منهنجي ڌي جو رشتو پنهنجي پٽ سلمان لاءِ زبردستي گهري رهيو آهي جنهن کان انڪار تي رزاق،رشيد، اسرار ۽ حميد منهنجي ويم اسپتال ۾ زبردستي گهڙي پنج ڊاهہ ڪئي ۽ مون تي ڪاري هجڻ جو ڪوڙو الزام هڻي شهر ۾ افواهہ ڦهلائي بدنام ڪيو آهي. ۽ ڏاڍو هڪ رات اڳ منهنجي پٽ کي ڪمري ۾ بند ڪري پنهنجي ماءُ يعني مونکي ڪارو قرار ڏياريو آهي جيڪو ظلم آهي. هن چيو تہ منهنجون 4ڌيئر ۽ 2پٽ آهن.خدا جي وسطي مون ۽ منهنجي ٻچن کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي.

حيدرآباد جيڪب آباد جي رهواسڻ فيروزه پريس ڪانفرنس ڪندي

سڪرنڊ جي مياڻ اسٽاپ تي ملاح پيٽروليم سروس جي نالي سان نئين سر بهتر انداز ۾ شروع

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ جي مياڻ اسٽاپ تي ملاح پيٽروليم سروس جي نالي سان نئين سر بيهر بهتر انداز ۾ شروع ڪيو ويو جنهن جو افتتاح همدرد سپورٽ پروگرام جي چيئرمين قاضي جاويد سنائي جن ربن ڪٽي ڪيو سائين گڏ پمپ جو اونر سعيد ملاح ٺيڪدار امتياز اوڍ ۽ سڪرنڊ پريس ڪلب جو سيڪريٽري فنانس ولي محمد پلي پڻ گڏ هئا افتتاحي تقريب ۾ محبوب علي ملاح سيٺل مل اوڍ، ارشاد علي ملاح ڪارو اوڍ، صاحب اوڍ، سڏير اوڍ .محمد يوسف ميراڻي سميت مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي ان موقعي تي مهمان خاص قاضي جاويد سنائي ڳالهائيندي چيو تہ رزق حلال عين عبادت آهي ۽ پورهيت کي الله جو دوست چيو ويو آهي اسان جون دعائون آهن تہ الله سائين پمپ هلائيندڙن جي روزگار ۾ برڪتون عطا فرمائي جنهن بعد امتياز اوڍ ڳالهائيندي چيو تہ ڪوشش ڪنداسين تہ پيٽرول جي ڪوالٽي ۽ ماپ ۾ ڪا بہ ڪوتاهي نہ ڪيون صاف سٿرو بنا ملاوٽ جي پيٽرول جو وڪرو ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو تہ ترقي ۽ برڪت بہ اڻ ڪاروبار ۾ آهي جيڪي ايمانداري سان ڪيا وڃن ٿا ان کان اڳ ميزبانن جي پهچڻ تي ڪين گلن جا هار پارايا ويا آخر خيرات جو اهتمام ڪيو ويو

هالا جي طالب المولا ڪالوني ۾ امام علي شاهہ پاران آپگهات جي ڪوشش

هالا(ن ع) هالا جي طالب المولا ڪالوني ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي جتي ڪجهہ عرصو اڳ مبينا طور ڦاهو ڏئي خودڪشي ڪندڙ آبي شاهہ جي ننڍي ڀاءُ امام علي شاهہ مبينا طور زهريلي دوا پي خودڪشي جي ڪوشش ڪري ڇڏي آهي نوجوان جي حالت ڳڻتي جوڳي ٿيڻ تي وارثن ڪيس فوري طور طبي امداد لاءِ ڀهرين مقامي اسپتال منهہ فرسٽ ايڊ بعد ۾ حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران علاج جاري آهي واقعي بعد

حيدرآباد ۾ آل شيخ اتحاد ضلعي ڄامشورو پاران مظاهرو

نوجوان جاني شيخ واقعي ۽ قبيلائي تڪرارن خلاف مظاهرو ڪيو ويو

اتر سنڌ ۾ قبيلائي تڪرارن هزارين ماڻهن جون حياتيون ڪسي ورتيون آهن: مظاهرين

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) آل شيخ اتحاد ضلعي ڄامشورو پاران شڪارپور ۾ قتل ٿي ويل نوجوان جاني شيخ واقعي ۽ قبيلائي تڪرارن خلاف ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون شيخ عبدالله ڪوهستاني،غلام نبي شيخ،مظهر شيخ،علي حسن شيخ،حاجي امداد شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي هنن چيو تہ اتر سنڌ ۾ قبيلائي تڪرارن هزارين ماڻهن جون حياتيون ڪسي ورتيون آهن. لکين ماڻهو پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي دربدري واري زندگي گهارڻ تي مجبور آهن پر صدين کان قبيلائي تڪرارن کي اڄ تائين جي قانون طاقتورن اڳيان بيوس آهي. هنن چيو تہ تازو قبيلائي تڪرار سبب شيخ برادري جو نوجوان جاني شيخ بي گناهہ قتل ٿي ويو آهي جڏهن تہ ڪيترائي زخمي ٿيا آهن.هنن چيو تہ شيخ برادري سنڌ جي پرامن ڪاروباري برادري آهي. شيخ برادري ذات پات،رنگ نسل ۽ قبيلائي تڪرارن جي ڪڏهن بہ حمايت ناهي ڪئي. هنن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ سنڌ مان قبيلائي تڪرار ختم ڪرائي جاني شيخ جا قاتل گرفتار ڪري متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

حيدرآباد آل شيخ اتحاد پاڪستان پاران عبدالله ڪوهستاني جي قيادت ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

هالا جي يونين ڪائونسل ڪرم خان نظاماڻي ۾ کليل ڪچهري

کليل ڪچهري دوران ڳوٺاڻن جون منشيات فروشي ۽ امن امان بابت شڪايتون

ڳوٺ ۾ يوسي آفيس ۾ سيڪريٽري ۽ ٻيا ملازم آفيس مان اڪثر غائب رهن ٿا: ڳوٺاڻا

هالا (ن ع) هالا جي يونين ڪائونسل ڪرم خان نظاماڻي ۾ منعقد ٿيل عوامي کليل ڪچهري دوران ڳوٺاڻن منشيات فروشي، نوجوان نسل جي تباهي ۽ امن امان جي صورتحال بابت شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا ڳوٺاڻن الزام هنيو تہ منشيات سبب نوجوان نسل تباهہ ٿي رهيو آهي.ڳوٺاڻن الزام هنيو، ڳوٺ ۾ يوسي آفيس ۾ سيڪريٽري ۽ ٻيا ملازم آفيس مان اڪثر غائب رهن ٿا.جنهن سبب هيٺين سطح تي قائم ڪيل نظام ناڪاره بڻجي ويو آهي.ڳوٺ ۾ صفائي جو نظام پڻ ناڪاره بڻيل آهي.پيئڻ جو پاڻي صاف نٿو ملي.يوسي جي ملندڙ لکين روپيہ بجيٽ الائي ڪيڏانهن ٿي وڃي.جنهن بعدڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ چيو تہ انتظاميہ کي اطلاع مليا آهن تہ ضلع مٽياري جي ڪجهہ علائقن ۾ عورتن ذريعي منشيات جو ڪاروبار ڪيو پيو وڃي جنهن خلاف ڪارروائي جاري آهي هن چيو تہ سوشل ويلفيئر ۽ وومين ڊولپمينٽ فورم تحت آگاهي مهم هلائي پئي وڃي هن وڌيڪ چيو تہ سنڌ حڪومت منشيات جي خاتمي لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي ۽ ضلعي جي هر يونين ڪائونسل ۾ منشيات فروشن خلاف آپريشن جاري آهن ڊپٽي ڪمشنر عوام کي اپيل ڪئي تہ منشيات فروشن ۽ انهن جي ٺڪاڻن جي نشاندهي ڪئي وڃي تہ جيئن نوجوان نسل کي تباهي کان بچائي سگهجي.کليل ڪچهري ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر ٻرڙو، ڊپٽي ڊائريڪٽر چائلڊ پروٽيڪشن طارق رحيم لاکو يو سي چيئرمين اسد خان نظاماڻي پوليس ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جا آفيسر موجود هئا

هالا ڊپٽي ڪمشنر محمد يوسف شيخ کليل ڪچهري ۾ عوام جا مسئلا ٻڌندي

ڊائريڪٽر جنرل ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي جي صدارت هيٺ اجلاس

آصف جان صديقي کي نيلامي جي انعقاد بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي

نيلامي کي جلد کان جلد يقيني بڻائڻ جي مقصد سان سڀئي تياريون ڪيون پيون وڃن: ڊي جي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊائريڪٽر جنرل ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آصف جان صديقي جي صدارت هيٺ نيلامي بابت هڪ اهم اجلاس ٿيو اجلاس ۾ ميمبر فنانس ڪي ڊي اي نويد انور صديقي ويجهي مستقبل ۾ نيلامي جي انعقاد بابت تفصيلي بريفنگ ڏني اجلاس دوران هلندڙ مهيني جي پيش رفت جو جامع جائزو ورتو ويو جڏهن تہ ايندڙ اجلاس لاءِ ايڪشن پلان پڻ تيار ڪيو ويو ان موقعي تي اهو ٻڌايو ويو تہ نيلامي کي جلد کان جلد يقيني بڻائڻ جي مقصد سان سڀئي تياريون ڪيون پيون وڃن تہ جيئن رٽائرڊ ملازمن جي واجبات جي وقت تي ادائيگي ٿي سگهي. ڊائريڪٽر جنرل ڪي ڊي اي زور ڏنو تہ ادارو پنهنجي رٽائرڊ ملازمن جي ڀلائي کي اولين ترجيح ڏئي ٿو ۽ انهن جي واجبات جي ادائيگي کي يقيني بڻائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن هن وڌيڪ چيو تہ سنڌ جي بلديات واري وزير سيد ناصر حسين شاهہ جي هدايتن جي روشني ۾ ڪي ڊي اي انتظاميہ ڏينهن رات سرگرم آهي ۽ ان سلسلي ۾ تيزي سان اڳڀرائي ٿي رهي آهي ڪي ڊي اي جي اعليٰ آفيسرن ۾ سينئر ڊائريڪٽر ٽي اي بي جميل احمد، ڊائريڪٽر لينڊ عاطف نقوي، ڊائريڪٽر اسٽيٽ اينڊ انفورسمينٽ عرفان يوسفزئي، ايڊيشنل ڊائريڪٽر رڪوري عارف شاهہ ايڊيشنل ڊائريڪٽر اسٽيٽ اينڊ انفورسمينٽ محمد عارف، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڪمرشل محمد فيصل ۽ ٻيا آفيسر شامل هئا. ان موقعي تي آفيسرن مختلف معاملن تي پنهنجا خيال پيش ڪيا.

ڪراچي ترقيات کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل آصف جان صديقي اجلاس جي صدارت ڪندي

مسوپرڳڙي ۾ ڳوٺ الهہ وسايو پلي جي رهواسين جو احتجاج

ڳوٺ جي بااثر ڌرين لڳ ڀڳ هڪ سال کان وٺي روڊ ٽوڙي ڇڏيو آهي: گلناز پلي

شرپسند بجلي جون تارون پڻ آئي روز ڪٽيندا رهندا آهن نوٽيس وٺي رليف ڏياريو وڃي

مسوپرڳڙي (ن ع) مسوپرڳڙي پريس ڪلب تي احتجاجي مظاهرو ڪندي گلناز پلي،زينب پلي، زينت پلي چيو آهي تہ چلگري ٿاڻي جي حد ۾ واقع اسان جو ڳوٺ الهہ وسايو پلي جيڪو هڪ قديمي ڳوٺ آهي جنهن جو ڳوٺ ملو حاجاڻو جي ڪجهہ بااثر ڌرين لڳ ڀڳ هڪ سال کان وٺي روڊ ٽوڙي ڇڏيو آهي، جنهن سبب اسان جي بيمار فردن ڊليوري واري عورتن ٽوڙي ميت وغيره کڻي وڃڻ ناممڪن بڻيل آهي جڏهن تہ شرپسند بجلي جون تارون پڻ آئي روز ڪٽيندا رهندا آهن جنهن سبب اسان جي ڳوٺ وارا سخت اذيت ۾ مبتلا آهن، هنن چيو تہ اسان ايس ايس پي حيدرآباد، ڊي آءِ جي حيدرآباد ميئر حيدرآباد، آءِ جي سنڌ، وزيراعليٰ سنڌ ۽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کان مطالبو ڪيو آهي تہ اسان جي ڳوٺ الهہ وسايو پلي جي رستي کي ٽوڙيندڙ ۽ بلاڪ ڪندڙ ڌرين کي گرفتار ڪري روڊ کولرايو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

مسوپرڳڙي گس بند ڪرڻ خلاف عورتن احتجاجي مظاهرو ڪندي

ڪوٽڙي ڪبير ۾ ڏيوڻ شاخ پڇڙي جي آبادگارن جو مظاهرو

پاڻي جي ڪوٽ ۽ غير قانوني ٽوليون نہ هٽائڻ خلاف مظاهرو ڪيو ويو

پڇڙي ۾ پاڻي نہ هجڻ جون ڪيتري عرصي کان وٺي دانهون ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهيون: مظاهرين

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) ڏيوڻ شاخ پڇڙي جي آبادگارن پاران پاڻي جي ڪوٽ، غير قانوني ٽوليون نہ هٽائڻ شاخ جي کاتي نہ ڪرائڻ ۽ پڇڙي ۾ پاڻي نہ پهچائڻ خلاف استاد نصير ناڻگون سيد اسد علي شاهہ خالد ناڻگون احسان انڙ . سيد نياز حسين شاهہ ۽ حسين انڙ جي اڳواڻي ۾ آبپاشي کاتي نوشهروفيروز خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرائيندي ٻڌايو تہ ڏهن سالن کان وٺي شاخ جي پڇڙي ۾ پاڻي جو ڦڙو ناهي، اسان جي حصي جو پاڻي انجنيئر نوشهروفيروز ۽ ايس ڊي او ڪنڊيارو ملي ڀڳت ڪري منڊ جي آبادگارن کي غير قانوني ٽولين ذريعي وڪرو ڪري ڏئي ڇڏيو آهي پڇڙي ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ سبب اسان جون سوين ايڪڙ زمينون غير آباد ٿي ويون آهن هنن چيو تہ پڇڙي ۾ پاڻي نہ هجڻ جون ڪيتري عرصي کان وٺي دانهون ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهيون اسان ماتحت ملازمن ماءُ وارو سلوڪ ڪيو پيو وڃي. هاڻي اسان اريگيشن کاتي جي ذميوارن کي چئون ٿا ڏيون تہ ڏيوڻ شاخ جي پڇڙي جي کاتي ڪٽائڻ ۽ پاڻي پهچائي ڏيڻ جو ترت بندوبست نہ ڪيو ويو تہ پوءِ وڌيڪ لائحہ عمل جوڙيو ويندو.

عيدالاضحيٰ ويجهو اچڻ تي ٽنڊو محمد خان ۾ قرباني جي جانورن جي خريداري ۽ وڪرو شروع

قرباني جي جانورن جي خريداري لاءِ آيل ماڻهن جي ضلعي جي مختلف ننڍن وڏن اسٽالن تي رش ڇانيل

هن سال قرباني جا جانور ايترا تہ مهانگا آهن جو اسان لاءِ خريداري ڪرڻ بہ وڏي مشڪل ٿي وئي آهي: شهري

حڪومت عوام مٿان ايترو تہ تيل جي اگهن ۾ واڌ ڪري وڌيڪ آزار ڪيو آهي جو اسان پريشان آهيون، گذر سفر ڏکيو ٿي ويو آهي: مالوند

ٽنڊو محمد خان عيدالاضحيٰ لاءِ آندل جانورن جو ڏيک

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ عيدالاضحيٰ ويجهو اچڻ تي مالوند واپارين پاران قرباني جي جانورن جي خريداري لاءِ آيل ماڻهن جي ضلعي جي مختلف ننڍن وڏن اسٽالن تي رش ڇانيل آن موقعي تي قرباني جي جانورن جي خريدارن جو چوڻ هو تہ اڳئين سال جي ڀيٽ ۾ هن سال قرباني جا جانور ايترا تہ مهانگا آهن جو اسان لاءِ خريداري ڪرڻ بہ وڏي مشڪل ٿي وئي آهي هنن چيو تہ هڪ لک کان وٺي ٻارنهن لکن تائين قرباني جا وڏا جانور ملن ٿا جنهن ۾ ٻاڏا، وهڙا ۽ ڏڳا، ڳابا شامل آهن جڏهن ننڍا جانورن جنهن ۾ ڇيلا بہ پنجاهہ هزار کان هڪ تائين وڪرو ٿي رهيا آهن ٻي طرف قرباني جا جانور آڻيندر واپارين جو چو هو تہ هن سال اسان سنڌ جي مختلف علائقن کان قرباني جا جانور ڳري اگهہ تي خريد ڪري مختلف شهرن ۾ وڃي اتي جي ننڍن ننڍن روڊ جي پر سان لڳل مال پڙين تي کڻي اچي وڪرو ڪيون پيا ۾ خريدار قرباني جي جانورن جا اگهہ ٻڌي خريداري نٿا ڪن هنن چيو تہ حڪومت پاران ايترا تہ وڌيڪ پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهہ مقرر ڪيا آهن جو قرباني جو جانور وٺي ڳرا ڪرايا ڀري وڏي مشڪل ٿي ويئي آهي هنن چيو تہ اسانکي پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذر بہ نٿا ڪري سگهون مزدوري نٿي ملي ڳرا ٽرانسپورٽ جا ڪرايا ڀريون يا اسان پنهنجو گذر سفر ڪريون هن وقت مزدا ڊاٽسن، سوزڪيون ،ٽرڪون بہ هزارين ڀريا ڪرايا وٺن ٿا هنن چيو تہ حڪومت عوام مٿان ايترو تہ تيل جي اگهن ۾ واڌ ڪري وڌيڪ آزار ڪيو آهي جو اسان پريشان آهيون اسان حڪومت کي اپيل ٿا ڪريون تہ تيل جا اگهہ سستا ڪري مالوند واپارين مان بيچيني ختم ڪئي وڃي تہ جيئن اسان هن عيد عضي تي قرباني جي جانورن جو واپار ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذر ڪري سگهون

سنڌ ۾ سماجي برائين، ڪارو ڪاري، سرداري نظام ۽ مهانگائي خلاف نڪتل پيادل مارچ شيخ ٽيڙهہ پهتو

عوامي تحريڪ مٽياري سٽي جي اڳواڻن ۽ سنڌي گرلس اسٽوڊنٽ تحريڪ جي عورتن جي اڳواڻي ۾ پهتل قافلي جي آجيان

جي تعليمي ادارن ۾ هراسمينٽ،خودڪشيون، منشيات، بنيادي سهولتن نہ هجڻ سبب سنڌ جو نوجوان نسل تباهہ ٿي رهيو آهي: اڳواڻ

نياڻي کي تعليمي ادارن ۾ هراسمينٽ ڪيو ٿو وڃي، يا واري سرداري نظام تحت ڪارو ڪاري جاڻائي قتل ڪيو ٿو وڃي

مسوپرڳڙي سماجي برائين ڪارو ڪاري سرداري نظام ۽ مهانگائي خلاف پيادل مارچ ڪيو پيو وڃي

مسوپرڳڙي(ن ع) سنڌ ۾ سماجي برائين، منشيات ڪارو ڪاري، سرداري نظام ۽ مهانگائي خلاف قومي عوامي تحريڪ مٽياري سٽي جي اڳواڻن ۽ سنڌي گرلس اسٽوڊنٽ تحريڪ جي عورتن جي اڳواڻي ۾ الهڏنو ساند کان نڪتل پيادل مارچ مسوپرڳڙي لڳ شيخ ٽيڙهہ پهتو جسقم جي اڳواڻ منٺار پنهور پاران شاندار آجيان، مارچ مٽياري ڏانهن روانو ٿي ويو قومي عوامي تحريڪ مٽياري جو صدر فريد حسين ملاح، سنڌي گرلس اسٽوڊنٽ تحريڪ مرڪزي آرگنائيزر فزا ملاح،سنڌي گرلز اسٽوڊنٽ جي سونيا سولنگي،قومي عوامي تحريڪ ضلعي جو نائب صدرحبيب مشوري، توقير سولنگي علي اصغر مشوري،قومي عوامي تحريڪ تعلقي جو صدر اشرف حاجاڻو شاهد سولنگي اسدالله سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ الهڏنو ساند کان نڪتل مارچ شيخ ٽيڙهہ اسٽاپ تي پهچڻ تي ڪامريڊ منٺار پنهور ڪامريڊ خليل قومي عوامي تحريڪ تعلقو حيدرآباد ڀهراڙي جي صدر گلزار ڪلهوڙو،علي رضا چنڊ، فقير غلام حيدر چنڊ، پاران گلن جي ورکا ڪري سنڌي ثقافت اجرڪون اوڍائي شاندار آجيان ڪئي وئي، ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي مٽياري ضلعي جي صدر فريد حسين ملاح چيو تہ اسان پنهنجي قائد اياز لطيف جو پيغام کڻي نڪتا آهيون سنڌ ۾ وڌندڙ سماجي برائين، ڪارو ڪاري، سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ هراسمينٽ،خودڪشيون،منشيات،بنيادي سهولتون نہ هجڻ سبب سنڌ جو نوجوان نسل تباهہ ٿي رهيو آهي. سنڌي گرلز اسٽوڊنٽ تحريڪ مرڪزي آرگنائيزر فزا ملاح ۽،سنڌي گرلز اسٽوڊنٽ جي سونيا سولنگي چيو تہ سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ نياڻين سان ظلم آهي سنڌ جي نياڻي کي تعليمي ادارن ۾ هراسمينٽ ڪيو ٿو وڃي، يا واري سرداري نظام تحت ڪارو ڪاري جاڻائي قتل ڪيو ٿو وڃي، اسان عورتن جي حقن جي تنظيمن ۽ انساني حقن جي ادارن کان مطالبو ٿا ڪيون تہ سنڌ جي نياڻين تي ٿيندڙ ظلم ۽ جبر کي روڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ جو عمل واڌايون ويندي،جڏهن تہ ڪامريڊ منٺار پنهور چيو تہ پيادل مارچ جي آجيان ڪئي آهي، هي نياڻيون سنڌ جو نياڻيون شديد گرمي ۾ پيادل مارچ ڪري اهو ثبوت ڏيون ڏين تہ سنڌ ۾ امن ڪيپي سنڌ کي منشيات، ۽ سرداري نظام کان بچايو وڃي.

گيرو ڊي اٽاليہ سائيڪل ريس جي شروعات 8 مئي تي بلغاريہ کان ٿيندي

روم (اي پي پي) انٽر نيشنل سائيڪلنگ يونين (يو سي آءِ) جي اهتمام هيٺ گيرو ڊي اٽاليہ سائيڪل ريس جو 109 هون ايڊيشن 8 مئي جمعي ڏينهن کان نيسباڻ بلغاريہ ۾ شروع ٿيندو، جنهن جي پڇاڙي اٽلي جي گادي واري شهر روم ۾ ٿيندي،برڊيهي ميڊيا مطابق گيروڊي اٽاليہ هڪ گريند ٽور سائيڪلنگ اسٽيج ريس آهي جيڪا ٽن هفتن ۾ مڪمل ٿيندي آهي ايونٽ جو 109هون ايڊيشن هلندڙ مهيني 8 مئي کان شروع ٿي 31 مئي تي اٽلي جي مشهور شهر ۽ گادي واري شهر روم ۾ ختم ٿيندو. ريس ۾ 200 ڪلوميٽرن کان وڌيڪ ڊگهي مفاصلي جا 4 مرحلا ٿيندا . ريس جي ميزباني اٽلي ئي ڪندو. سائيڪل ريس ۾ دنيا جا مشهور سائيڪلسٽس شرڪت ڪندا .گيرو ڊي اٽاليہ سائيڪل ريس 21 مرحلن تي ٻڌل هوندي جنهن ۾ سائيڪل سوار 3459.2 ڪلوميٽرن جو سفر طئي ڪندا. گيرو ڊي اٽاليہ سائيڪل ريس ۾ 23 ٽيمون ٽائيٽل حاصل ڪرڻ لاءِ ايڪشن ۾ نظر اينديون . گيرو ڊي اٽاليہ سائيڪل ريس 8 مئي کان شروع ٿي 24 ڏينهن جاري رهڻ بعد 31 مئي تي ختم ٿيندي

سڪرنڊ ۾ رئيس ثناءُ الله مگسي پاران امداد گروپ جي نون چونڊجي آيل عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو

سڪرنڊ (ن ع) ضلع شهيد بينظيرآباد ۽ ضلع مٽياري جي قدآور شخصيت رئيس ثناءُ الله مگسي پاران امداد گروپ جي نون چونڊجي آيل عهديدارن جي مان ۾ شاندار آجياڻي ۽ رات جي مانيءَ جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ جيئي پلو امداد گروپ جي سرپرست وحيد احمد راهو چيئرمين امتياز علي راهو عباس علي رند ۽ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي خصوصي طور شرڪت ڪئي جڏهن تہ ضلعي نوابشاهہ سميت چئن ئي تعلقن جا عهديدارن پڻ آجياڻي ۾ شريڪ هئا جن کي امير علي مگسي پاران شاندار آجياڻو ڏنو ويو جڏهن تہ ثناءُ الله مگسي پاران آيل مهمانن کي سنڌي ٽوپيون ۽ لنگيون تحفي طور پيش ڪيون ويون جنهن بعد ضلعي جنرل سيڪريٽري عزيز احمد راهو ترتيبوار مهمانن کان ويچار ورتا ان موقعي تي مرڪزي چيئرمين امتياز علي راهو ڳالهائيندي چيو تہ اسين شڪر گذار آهيون رئيس ثناءُ الله مگسي جا جنهن مان ڏنو آهي جيڪو هميشہ ياد رهندو هن چيو تہ مگسي برادري سان اسان جي وڏن کان وٺي تعلق آهي هتان سدائين عزتون ۽ محبتون وٺي ويندا آهيون ان شاءَ الله ساڳيون محبتون برقرار رهنديون هن وڌيڪ چيو تہ 2016 ۾ اسان جي وڏي امداد علي راهو تنظيم جو بنياد وڌو جنهن کي هينئر بيهر منظم ڪري برادري، دوستن ۽ راڄ جي ماڻهن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري رهيا آهيون تہ جيئن سڀني ڏک سور هڪبئي سان ونڊي سگهون ان کان اڳ ضلعي صدر غلام علي رند ميزبانن جو شڪريو ادا ڪندي تنظيم امداد گروپ جو مقصد بيان ڪيو تقريب ۾ وقار احمد مگسي بابو سومرو احسان علي مگسي، غلام محمد رند، ننگر خان مگسي، عبدالرزاق مگسي سردار علي مگسي، غلام نبي ملاح، ولي محمد پلي، ڏبير مگسي بشير لاشاري پڻ موجود هئا پروگرام دوران ڪامران عباسي آيل مهمان جو آڌر ڀاءُ ڪيو

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي

اسلام آباد (اي پي پي)پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ گذريل ڏينهن تيزي جو رجحان رهيو ڪاروبار جي شروعات تي 100 انڊيڪس 900 پوائنٽس جي واڌ سان هڪ لک 72 هزار 639 پوائنٽس جي سطح تي پهچي ويو سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ بهتري، هاڪاري معاشي اهڃاڻ ۽ مختلف شعبن ۾ خريداري جي وڌندڙ رجحان سبب مارڪيٽ ۾ تيزي برقرار آهي ماهرن مطابق تازن ڏينهن ۾ حڪومتي معاشي پاليسين ماليا‌تي استحڪام ۽ سيڙپڪاري جي ماحول ۾ بهتري اسٽاڪ مارڪيٽ جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ

سوڀوديرو ۾ ٽائون ڪاميٽي سنارجا جي ملازمن جو احتجاج

پگهارن مان مبينا ڪٽوتين ۽ ڌمڪين خلاف احتجاج ڪيو ويو

اسان جي پگهارن مان بنا جواز ڪٽوتيون ڪيون پيون وڃن: ملازم

سوڀوديرو(ن ع) ٽائون ڪاميٽي سنارجا جي ملازمن پاران پگهارن مان مبينا ڪٽوتين ۽ ڌمڪين خلاف احتجاج، چيئرمين خلاف ڪارروائي جو مطالبو رپورٽ مطابق: سنارجا ۾ ٽائون ڪاميٽي جي ملازمن پاران پگهارن مان مبينا غيرقانوني ڪٽوتين ۽ نوڪري مان ڪڍڻ جي ڌمڪين خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ ٽائون ڪاميٽي جي ملازم امير جعفري ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام لڳايو تہ سنڌن پگهارن مان بنا جواز ڪٽوتيون ڪيون پيون وڃن جيڪا سراسر ناانصافي ۽ ملازمن سان زيادتي آهي. هن چيو تہ جڏهن بہ ملازم پنهنجن جائز حقن لاءِ آواز اٿارين ٿا تہ کين ويتر دٻاءُ هيٺ آندو وڃي ٿو ۽ نوڪري مان برطرف ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون جنهن سبب ملازمن ۾ بيچيني ۽ خوف جي لهر پکڙيل آهي. امير جعفري وڌيڪ چيو تہ هو پنهنجا حق وٺڻ لاءِ پرامن جدوجهد جاري رکندا ۽ ڪنهن بہ قسم جي زيادتي قبول نہ ڪندا. احتجاج ڪندڙ ملازمن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ فوري طور تي نوٽيس وٺي معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، جڏهن تہ ملازمن کي تحفظ فراهم ڪري سنڌن جائز پگهارون بنا ڪٽوتي ادا ڪيون وڃن. ٻئي طرف ٽائون ڪاميٽي جي چيئرمين سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر هن وقت تائين سنڌن موقف سامهون اچي نہ سگهيو آهي.

خيرپور ضلعي جي مختلف شهرن ۾ منشيات جو ڪاروبار چوٽ چڙهي ويو

منشيات جي ڪاروبار تي علائقي واسين ۽ سماجي حلقن سخت ڳڻتي ظاهر ڪري ڇڏي

منشيات وڪرو ڪندڙ بغير ڪنهن خوف جي پنهنجو ڪاروبار جاري رکيو ويٺا آهن: رهواسي

سوڀوديرو (ن ع) خيرپور ضلعي جي مختلف شهرن ۾ منشيات جو ڪاروبار ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي جتي بااثر ماڻهن جي سرپرستي هيٺ کليل عام منشيات جي وڪري جا انڪشاف سامهون اچي رهيا آهن علائقي واسين ۽ سماجي حلقن سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو آهي تہ منشيات جي آسان دستيابي هجڻ سبب نوجوان نسل تيزي سان تباهي جي ڪناري تي پهچي ويو آهي سکر ٽوڙي نوشهروفيروز ضلعن جي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن پنهنجي بيانن ۾ الزام لڳايو آهي تہ بااثر مافيا پوليس ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن سان ڳٺ جوڙ ڪري منشيات جو ڌنڌو سرعام هلائي رهيا آهن. جنهن ڪري قانون لاڳو ڪندڙ ادارا بہ هن سماجي برائي واري ڪڌي ڌنڌي تي خاموش نظر اچي رهيا آهن هنن چيو تہ جيڪڏهن وقت سر اثرائتي ڪارروائي نہ ڪئي وئي تہ ايندڙ وقت ۾ حالتون اڃان وڌيڪ خراب ٿي سگهن ٿيون سوڀوديرو راڻي پور، ڳمبٽ، هنگورجا، خيرپور، ڪنڊيارو، نوشهرو، خيرپور سکر سميت اٽان جي مقامي رهواسين جو چوڻ آهي تہ شهري ٽوڙي ڳوٺن ۾ منشيات وڪرو ڪندڙ بغير ڪنهن خوف جي پنهنجو ڪاروبار جاري رکيو ويٺا آهن جڏهن تہ نوجوان نسل نشي جي عادت ۾ مبتلا ٿي پنهنجي مستقبل کي داءُ تي لڳائي رهيو آهي جنهن جي ڪري انهن جا والدين پڻ سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن ۽ حڪومت کان فوري قدم کڻڻ جو مطالبو ڪري رهيا آهن سياسي سماجي اڳواڻن اعليٰ اختيارين، خاص طور تي آءِ جي سنڌ ۽ ٻين ذميوار ادارن کان اپيل ڪئي آهي تہ فوري نوٽيس وٺي منشيات جي ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن نوجوان نسل کي هن لعنت کان بچائي سگهجي هنن وڌيڪ چيو تہ جيڪڏهن جلد قدم نہ کنيا ويا تہ احتجاجي تحريڪ جو دائرو وڌايو ويندو ٻئي طرف لاڳاپيل اختيارين طرفان هن معاملي تي اڃا تائين ڪو واضع ردعمل سامهون نہ آيو آهي، جنهن سبب عوام ۾ بيچيني وڌي رهي آهي

ٽنڊومحمدخان ۾ "معرڪہ حق" جي ڪاميابي کي هڪ سال مڪمل ٿيڻ تي ريلي

ضلعي انتظاميا پاران اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

پاڪستاني فوج پنهنجي هٿيار بند فوج سان ڪلهي ڪلهي ۾ ملائي بيٺي آهي: ضلع انتظاميہ

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) آپريشن بنيان المرصوص تحت "معرڪو حق" جي ڪاميابي کي هڪ سال مڪمل ٿيڻ جي موقعي تي ضلعي انتظاميا پاران اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس کان پريس ڪلب تائين هڪ ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن ملازمن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ قومي يڪجهتي جو ڀرپور مظاهرو ڪيو.ريلي جي شرڪت ڪندڙن قومي جهنڊا هٿن ۾ کنيا هئا ۽ پاڪستان جي حق ۾ نعرا هڻندي پنهنجي حب الوطني جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون غلام سرور پنهور ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ 6 مئي تي ڀارتي حڪومت فالس فليگ آپريشن ذريعي پاڪستان تي بزدلاڻو حملو ڪيو جنهن جي جواب ۾ پاڪستان آپريشن بنيان المرصوص تحت مؤثر ڪارروائي ڪندي "

مسوپرڳڙي ۾ پيئڻ جي پاڻي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو

پيئڻ جي پاڻي جو بحران وڌڻ سبب رهواسي سخت پريشاني جو شڪار

مسوپرڳڙي (ن ع) ضلعي حيدرآباد جي شهر مسوپرڳڙي ۾ پيئڻ جي پاڻي جو بحران ڏينهن بہ ڏينهن سنگين صورتحال اختيار ڪري رهيو آهي جنهن سبب رهواسي سخت پريشاني جو شڪار آهن انتظاميہ کي جوڳا قدم نہ کنيا شهري پاڻي جي ڦڙي ڦڙي لاءِ پريشان مسوپرڳڙي ايڪشن ڪميٽي اڳواڻن پير بخش آرائين عبدالستار ابڙو گلزار لغاري اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ واٽر سپلاءِ اسڪيم ۽ فلٽر پلانٽ فعال ڪيو وڃي تہ جيئن عوام کي هن سخت تڪليف مان نجات ملي سگهي

درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد(اي پي پي) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن گذريل ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهہ ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 37 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 60 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو ڪابل درياهہ ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 28 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 28 هزار 400 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 64 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 64 هزار 600 ڪيوسڪ، جهلم درياهہ ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿانهون

400 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن جي صورتحال مطابق تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1459.30 فوٽ ۽ ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ، استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 1.312 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1161.35 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 2.182 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمہ بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پليولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڳاڙهي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 08 مئي 2026ع

گرمي، لوڊشيڊنگ ۽ انساني حياتين سان کيڏندڙ بيحسي

سنڌ ۾ وڌندڙ گرمي رڳو موسم جي شدت جو نالو ناهي رهي، پر هاڻي اها انساني زندگين لاءِ هڪ وڏو خطرو بڻجي چڪي آهي. دولتپور صفن پرسان ٻن معصوم ٻارڙن جي ملواح شاخ ۾ ٻڏي فوت ٿيڻ وارو دردناڪ واقعو سنڌ جي موجوده سماجي ۽ انتظامي حالتن جو انتهائي ڏکوئيندڙ عڪس آهي. اهي ٻار رڳو وهنجڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ لٿا هئا، پر سخت گرمي، بجلي جي ڏکهي لوڊشيڊنگ ۽ ونڊر جي محفوظ سهولتن جي کوٽ کين موت جي منهن ۾ ڌڪي ڇڏيو. ٻنهي معصوم ٻارڙن جي فوت ٿيڻ سان گهر ۾ جيڪو ڪهرام مچيو اهو ڪنهن هڪ خاندان جو درد ناهي، پر سڄي سماج لاءِ هڪ وڏو سوال آهي تہ آخر اسان پنهنجي ٻارن کي ڪهڙي ماحول ۾ جيئڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي؟ سنڌ ۾ هن وقت گرميءَ جي شدت خطرناڪ حدن کي ڇهي رهي آهي. نوابشاهہ ۾ گرمي پد 45 ڊگري سينٽي گريڊ، سکر ۾ 44، ميرپورخاص ۾ 43 ۽ لاڙڪاڻي ۾ 42 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ٿيڻ واضح ڪري ٿو تہ صوبي ۾ هيٽ ويو جهڙيون حالتون پيدا ٿي چڪيون آهن. موسميات کاتي پاران ايندڙ ڏينهن ۾ گرمي پد 49 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچڻ جي اڳڪٿي وڌيڪ ڳڻتي جوڳي آهي. اهڙي انتهائي گرميءَ دوران شهري علائقن ۾ 12 ڪلاڪ ۽ ٻهراڙيءَ ۾ 18 ڪلاڪن تائين لوڊشيڊنگ جاري رکڻ ڪنهن بہ صورت ۾ قابل قبول عمل نٿو چئي سگهجي. بجليءَ جي غير موجودگيءَ سبب ماڻهو نہ رڳو ذهني اذيت ۾ مبتلا آهن، پر انهن جي زندگي بہ خطري ۾ پئجي رهي آهي. ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ صورتحال وڌيڪ خراب آهي جتي نہ صاف پاڻيءَ جون سهولتون موجود آهن، نہ پارڪ، نہ راندين جا ميدان ۽ نہ ئي ٻارن لاءِ تفريحي جايون. اهڙي ماحول ۾ ٻار گرميءَ کان بچڻ لاءِ واهن ۽ شاخن جو رخ ڪن ٿا، جيڪي ڪيترين ئي معصوم زندگين کي ڳهي وڃن ٿا. هر سال اونهاري جي موسم ۾ اهڙيون خبرون سامهون اچن ٿيون تہ فلاڻو ٻار واهہ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو، پر افسوس جو حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارا اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ سنجيده قدم کڻڻ بدران رڳو افسوس جو اظهار ڪري ذميواري پوري سمجهن ٿا. هي ڪي اتفاقي حادثا ناهن، پر انتظامي نااهلي، ترقياتي رٿابنديءَ جي کوٽ ۽ عوامي مسئلن کان لاتعلقيءَ جا نتيجا آهن. جيڪڏهن ڳوٺاڻن علائقن ۾ ترڻ جا محفوظ تلاءَ، پارڪ يا راندين جا مرڪز قائم ڪيا وڃن ها تہ شايد ڪيترائي ٻار خطرناڪ شاخن ۽ واهن ۾ لهڻ کان بچي وڃن ها. ان سان گڏ آبپاشي کاتي جي بہ ذميواري آهي تہ خطرناڪ شاخن جي ڪنارن تي حفاظتي اپاءَ ورتا وڃن، خبردار ڪندڙ بورڊ لڳايا وڃن ۽ حساس هنڌن تي نگرانيءَ جو بندوبست ڪيو وڃي. ٻئي طرف، هيٽ ويو دوران اسپتالن ۽ صحت مرڪزن جي تياري بہ انتهائي ضروري آهي. سنڌ جي ڪيترين ئي سرڪاري اسپتالن ۾ نہ مناسب ايمرجنسي سهولتون آهن ۽ نہ ئي گرميءَ سبب متاثر ٿيندڙ مريضن لاءِ خاص انتظام موجود آهن. جيڪڏهن گرميءَ جي شدت وڌي ٿي تہ هيٽ اسٽروڪ جا ڪيس بہ وڌندا، جنهن لاءِ صحت کاتي کي اڳواٽ هنگامي منصوبابندي ڪرڻ گهرجي. عوام کي بہ آگاهي ڏيڻ جي ضرورت آهي تہ هو سخت اُس دوران ٻاهر نڪرڻ کان پاسو ڪن، پاڻي گهڻو استعمال ڪن ۽ ٻارن، بزرگن ۽ بيمار ماڻهن جو خاص خيال رکن. ماحولياتي تبديليون بہ هن صورتحال جي اهم سببن مان هڪ آهن. سنڌ ۾ تيزيءَ سان وڻن جي واڍي، شهري توسيع ۽ ماحولياتي بي ڌياني گرميءَ جي شدت ۾ اضافو ڪري رهي آهي. افسوس جو اسان وڻ وڃ لڳائڻ، ماحول بچائڻ ۽ پاڻيءَ جي ذخيرن کي محفوظ ڪرڻ بابت سنجيده پاليسيون نظر نٿيون اچن. جيڪڏهن اڄ بہ ماحولياتي تحفظ لاءِ قدم نہ کنيا ويا تہ ايندڙ سالن ۾ سنڌ جا ڪيترائي علائقا وڌيڪ خطرناڪ گرميءَ جي لپيٽ ۾ اچي سگهن ٿا. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ حڪومت گرميءَ ۽ لوڊشيڊنگ کي رڳو موسمي مسئلو سمجهڻ بدران انساني بحران طور ڏسي. بجليءَ جي فراهمي بهتر بڻائڻ، ٻهراڙيءَ ۾ بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ، خطرناڪ شاخن ۽ واهن تي حفاظتي انتظام ڪرڻ، وڻڪاري مهم هلائڻ ۽ عوامي آگاهي وڌائڻ جهڙا قدم فوري طور کڻڻ گهرجن.

جڏهن طاقت قلم کان ڊڄڻ لڳي: ايف بي آءِ جي صحافيءَ جي دروازي تي دستڪ!

راجا زاهد اختر خانزاده

صبح جو ڇهہ وڳي وارو وقت اهڙو وقت هوندو آهي جڏهن دنيا اڃا پنهنجي ننڊ مان جاڳي نہ هئي جڏهن گهٽين تي خاموشي پهرو ڏئي رهي هوندي آهي ۽ وڻن جا پن ماڪ جي ٻار هيٺ ملڪ ۾ بيٺل هوندا آهن آمريڪا جي رياست ورجينيا جي هڪ گهر ۾ اها ساعت واري ملڪ وفاقي تحقيقاتي اداري (ايف بي آءِ) جي دروازي تي دستڪ سان ٽٽي پئي گهر ۾ 39 سالن جي هڪ نوجوان عورت صحافڻ ستل هئي سندس نالو هينا ٽيٽينسن هو ۽ سندس قصور رڳو ايترو هو تہ هن پنهنجي ملڪ جي هڪ هزار کان وڌيڪ سرڪاري ملازمن سان ڳالهايو هو ۽ آمريڪي عوام کي اهو سچ ٻڌايو هو، جيڪو حڪومت ڪاٺن لڪائي رهي هئي ايجنٽ سندس فون کڻي ويا، سندس ليپ ٽاپ، سندس رڪارڊر ۽ سندس گارمن گهڙي پڻ جڻ تہ اهي سندس سڄي زندگيءَ جي محنت پاڻ سان سهيڙي وڃي رهيا هئا حيرت جي ڳالهہ اها هئي تہ مٿس ڪنهن ڏوهہ جو ڪو الزام نہ هو نہ جاسوسيءَ جو نہ غداريءَ جو نہ ڪنهن سازش جو. اها رڳو هڪ صحافڻ هئي جنهن اهو ڪم ڪيو هو، جيڪو صحافت جو اصل ڪم هوندو آهي هيءَ ٽين دنيا جو ڪو ملڪ ناهي پر هيءَ اهو آمريڪا آهي جتي چيو ويندو آهي تہ لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي آزادي هر شهريءَ جو بنيادي حق آهي ۽ اها آزادي هن ملڪ جي آئين ڏني آهي جنهن جو احترام ڪرڻ هر شخص تي لازمي آهي ان مهينن کان پوءِ 4 مئي تي صبح جو نيو يارڪ جي هڪ اداري ۾ آمريڪي صحافت جو سڀ کان وڏو اعزاز انهيءَ رپورٽنگ جي ٽلي ٿيو پلٽزر پرائز بورڊ واشنگٽن پوسٽ کي عوامي خدمت جو گولڊ ميڊل ڏيڻ جو اعلان ڪيو تہ اخبار ٽرمپ انتظاميا جي وفاقي ادارن ۾ ٿيندڙ ڳجهن ۽ افراتفريءَ پريل تبديلين تان پردو هٽايو آهي انهن ٻن گهڙين وچ ۾ جيڪو فاصلو آهي اهو رڳو چئن مهينن جو فاصلو ناهي بلڪ اهو هڪ پوري تهذيب جو سفر آهي جنوريءَ ۾ رياست اهو فيصلو ڪيو هو تہ سچ ڳالهائيندڙ زبان کي خاموش ڪيو وڃي ۽ مئي ۾ صحافت جي سڀ کان معتبر اداري اعلان ڪيو تہ نہ اهو ئي اهو آواز آهي جنهن جي حفاظت ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي انهن ٻن گهڙين جي وچ جو اهو فاصلو آمريڪي جمهوريت جي موجوده حالت جو سڀ کان سچو آئينو آهي هتي هڪ سنجيده سوال اسان کي پنهنجو احتساب ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو ڇو تہ طاقت جو اصل امتحان اهو ناهي جڏهن اها ڪنهن دشمن سان ٽڪرائي پر اهو آهي جڏهن اها پنهنجي ئي شهرين جي سامهون ديوار بڻجي بيهي هر حڪومت کي حق حاصل آهي بلڪ ذميواري بہ آهي تہ پنهنجو ڪم بهتر طريقي سان ڪري پر سڌارن ۽ تباهيءَ ۾ زمين آسمان جو فرق هوندو آهي سڌارا ماڻهن سان ڳالهيون ڪيا ويندا آهن انهن جي خلاف نہ ۽ اهو ڪم جيڪو ٽرمپ انتظاميا DOGE (Department of Government Efficiency) جي نالي تي شروع ڪيو اهو ڪاغذ تي سڌارن جي صورت ۾ سامهون آيو پر حقيقت ۾ هڪ ادارجاتي زلزلو بڻجي ويو رڳو 2025ع ۾ 2 لک 60 هزار کان وڌيڪ وفاقي ملازمن پنهنجون نوڪريون ڇڏي ڏنيون آءِ آر ايس سوشل سيڪيورٽي ۽ اهي سڀ ادارا جن تي ڪروڙين آمريڪي شهري انحصار ڪن ٿا، اندران ڪمزور ٿيندا ويا پوءِ 2026ع جي شروعات تي اهائي حڪومت خاموشيءَ سان 25 هزار ماڻهن کي وري نوڪري ڏيڻ تي مجبور ٿي ڇو تہ آخرڪار اهو احساس ٿيو تہ رياست جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ تربيت يافتہ هٿ گهربل آهن ايتري قدر جو هن منصوبي جي قيادت ڪندڙ ايلون مسڪ ڊسمبر ۾ اهو مڃي ورتو تہ سندس ڪوششون رڳو ڪنهن حد تائين ڪامياب ٿيون ۽ هو اهو تجربو ٻيهر نہ دهرائيندو اهي سڌارا نہ هئا، بلڪ اها افراتفري هئي جنهن جي ڪارڪردگيءَ جو سهڻو لباس پارايو ويو هو ۽ اها ئي اها ڪهاڻي هئي جنهن کي هينا ٽيٽينسن دنيا جي سامهون رکيو هو هوءِ مهينن تائين انهن وفاقي ملازمن وچ ۾ گهمندي رهي، جن جو ڪيريئر اڃتو رکجي ويو هو، جن جي گهرن جا چلها وسامڻ جي ويجهو هئا، جن جي ٻارن جون اسڪول فيسن ۾ واڌ اچي رهي هئي هن 1169 اهڙن انسانن سان رابطو جوڙيو، جيڪي ايترن ئي خاندانن جا ڪنيل هئا، جن مٿس اعتماد ڪيو تہ هوءِ سندن ڪهاڻي دنيا تائين پهچائيندي هي معمولي اعتماد نہ هو هيءَ اهو اعتماد هو جيڪو هڪ ڪيريئر سول سرونٽ پنهنجي نوڪري، پنهنجي پينشن ۽ پنهنجي گهر جي ڇت کي خطري ۾ وجهي ڪنهن صحافيءَ جي حوالي ڪندو آهي هن اميد تي تہ شايد ڪٿي سچ جو ڪو ڪرڻ بچي وڃي ۽ کين انصاف ملي

چوڏهن جنوري 2026ع جي اهو صبح آيو جڏهن ايف بي آءِ جا اهلڪار ورجينيا جي ان گهر تي بيٺل هئا. ڪاغذي طور اهو ڇاپو هڪ پينٽاگون ڪانٽريڪٽر آريليو پيريز لوگونس جي تحقيقات جي سلسلي ۾ هو جنهن مٿان ڳجهي مواد جي غلط استعمال جو الزام هو. حڪومت اعلان ڪيو تہ ٽيٽينسن پاڻ سندن ڪو هدف ناهي پر هتي هڪ سنجيده مسئلو هو جنهن کي انتظاميا نظرانداز ڪيو جڏهن انصاف واري وزارت سرچ وارنٽ لاءِ درخواست ڏني تہ ان ۾ 1980ع جي Privacy Protection Act جو ذڪر ئي نہ ڪيو ويو اهو قانون، جيڪو خاص طور اهڙين حالتن لاءِ ٺاهيو ويو هو تہ صحافين جي ڪم سان لاڳاپيل مواد کي رياستي هٿن کان محفوظ رکيو وڃي جنهن جي پڪڙيءَ لاءِ غير معمولي حالتون ۽ پاڻ اٽارني جنرل جي اجازت گهربل هوندي آهي رياست پنهنجي ئي ٺاهيل حفاظتي ديوار کي پنهنجي پيرن سان لتاڙي ڇڏيو ۽ هڪ وڌيڪ ستم ظريفي اها هئي تہ موجوده اٽارني جنرل پام بونڊي گذريل سال ئي اهي پاليسيون رد ڪري ڇڏيون هيون، جيڪي سندس اڳوڻي صحافين کي انصاف واري وزارت جي subpoenas کان بچائڻ لاءِ ٺاهيون هيون، سواءِ قومي سلامتيءَ جي معاملن جي جڻ تہ رستو پهرين ئي صاف ڪري ڇڏيو ويو هو تہ ايندڙ ڏينهن ۾ صحافين جي درون تي دستڪ ڏيڻ ممڪن ٿي وڃي پوءِ مئجسٽريٽ جج وليم پورٽر پنهنجو فيصلو ٻڌايو هن واشنگٽن پوسٽ جي ان درخواست کي منظور ڪيو تہ حڪومت انهن اوزارن کي محفوظ رکي پر انهن جو جائزو نہ وٺي جيستائين عدالت اجازت نہ ڏئي بعد ۾ آمريڪي ضلعي جج اينٿوني ٽرينگا بہ اهو ئي موقف برقرار رکيو ٻيهر وزارت انصاف کي انهن اوزارن جي ڇنڊڇاڻ کان روڪي ڇڏيو رپورٽرس ڪميٽي فار فريڊم آف دي پريس جي صدر بروس براڊن جو ان صورتحال تي چوڻ هو تہ صحافين جي اوزارن، گهرن ۽ سامان جي تلاشي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي سڀ کان وڌيڪ مداخلت پسند قدمن مان هڪ آهي وفاقي قانون ۽ انصاف واري وزارت جون پاليسيون خاص طور تي اهڙين تلاشين کي رڳو انتهائي غير معمولي حالتن تائين محدود رکڻ لاءِ ٺاهيون ويون آهن. ڇو تہ اهي ڳجهن ذريعن کي هڪ تحقيقات کان گهڻو اڳتي تائين خطري ۾ وجهن ٿيون ۽ عوامي مفاد جي صحافت کي ڪمزور ڪن ٿيون هتان ڪهاڻي هڪ نئين موڙ تي اچي ٿي ۽ اهو موڙ ڪاش پٽيل جي آس پاس گهمي ٿو. پٽيل هن وقت ايف بي آءِ جو ڊائريڪٽر آهي جيڪو آمريڪي جمهوريت جي حساس ترين عهدن مان هڪ آهي هڪ اهڙو منصب جنهن بابت آمريڪي روايت چوي ٿي تہ ان ۾ تحمل گهرجي اعتبار گهرجي ۽ اهو سمجهڻ ضروري آهي تہ توهان آئين جي خدمت ڪريو ٿا، پنهنجي ذاتي شهرت جي نہ پر ڊائريڪٽر پٽيل جي رويي ۾ ڪجهہ گهڻو مختلف نظر آيو اپريل ۾ 'دي اٽلانٽڪ' پنهنجي صحافي سارا فٽز پيٽرڪ جي تحقيقات تي مبني هڪ رپورٽ شايع ڪئي جنهن ۾ ٻہ درجن کان وڌيڪ ذريعن سندس مبينا بي ضابطہ شراب نوشيءَ ۽ پراسرار غير حاضرين جو ذڪر ڪيو پٽيل جو جواب هڪ اهڙي ماڻهوءَ جو هو جيڪو پاڻ کي قانون کان مٿاهون سمجهڻ لڳو هو هن اٽلانٽڪ خلاف 2.5 سئو ملين ڊالر جو هتڪِ عزت جو ڪيس داخل ڪيو اها ٻولي ڪنهن قانون لاڳو ڪندڙ اداري جي سربراهہ کي نٿي سونهين. ڇو تہ اها ٻولي انهن ماڻهن جي هوندي آهي جيڪي اداري کي پنهنجي جاگير سمجهڻ لڳن ٿا ۽ قانوني ماهرن جي غالب راءِ هيءَ آهي تہ اهو ڪيس عدالت ۾ هلي نہ سگهندو، ڇو تہ آمريڪي قانون ۾ عوامي شخصيتن لاءِ هتڪ عزت جو معيار غير معمولي حد تائين سخت آهي هڪ سرڪاري عهديدار کي ثابت ڪرڻو هوندو آهي تہ ناشر کي خبر هئي تہ خبر ڪوڙي آهي ۽ پوءِ بہ ان کي شايع ڪيو ويو يعني "actual malice" جو قانوني معيار اهو ئي نڪتو آهي جتي ٽمڪي ڏيندڙ پنهنجي ئي ڄار ۾ اچي وڃي ٿو، ڇو تہ جيڪڏهن ڪيس اڳتي وڌيو تہ پٽيل کي پاڻ حلف هيٺ انهن سوالن جا جواب ڏيڻا پوندا، جن کان بچڻ لاءِ هن اهو ڪيس داخل ڪيو هو هتي هڪ مفهوم اهو آهي جنهن کي سمجهڻ بيحد ضروري آهي هينا ٽيٽينسن جي دروازي تي صبح ڇهہ وڳي لڳندڙ اهو ڇاپو رڳو هڪ عورت جي گهر تي ڇاپو نہ هو اهو انهن 1169 خبرون ڏيندڙن ڏانهن هڪ پيغام هو، جن اڃا تائين وات ناهي کوليو. انهن نوجوان صحافين لاءِ هڪ تنبيهہ هئي جيڪي اڃا هن پيشي ۾ قدم رکي رهيا آهن انهن ايڊيٽرن لاءِ هڪ يادگيري هئي جيڪي حساس ڪهاڻين جي منظوريءَ لاءِ ويهندا آهن اها ئي اصل شيءِ آهي جنهن کي آمريڪي قانوني اصطلاح ۾ chilling effect چيو ويندو آهي يعني اها ٿڌي لهر جيڪا اڃا ڪنهن قانون جي صورت اختيار ناهي ڪندي پر هر ضمير جي ڪنڊ ۾ هوندي آهي تہ خاموش رهڻ ئي محفوظ آهي هڪ وڌيڪ ڪڙي حقيقت آهي جنهن کان منهن موڙي نٿو سگهجي پلٽزر انعام جيڪو ڪڏهن هڪ گڏيل آمريڪي قدر جو اعزاز سمجهيو ويندو هو، اهو هاڻي پاڻ سياسي تقسيم جو شڪار ٿي چڪو آهي اڄ ملڪ ان کي صحافتي آزاديءَ جي فتح قرار ڏئي ۽ ٻئي اڌ ان کي هڪ سياسي بيان چئي رد ڪري ڇڏيو جڏهن صحافت جي آزادي هڪ گڏيل آمريڪي قدر جي بدران جماعتي تڪرار بڻجي وڃي ٿڏهن سماج هڪ اهڙي علائقي ۾ داخل ٿي ويندو آهي جتان واپسيءَ جو رستو ڪيترين ئي نسلن تائين نہ ملندو آهي ڇو تہ پهرين ترميم نہ ڊيموڪريٽس جي ملڪيت آهي نہ ريپبلڪنز جي بلڪ اها آمريڪي عوام جو حق آهي ۽ جڏهن ان کي ثقافتي جنگ جو هٿيار بڻايو وڃي تہ آخر ۾ نقصان سڀ کڻن ٿا، حملو ڪندڙ بہ ۽ بچاءُ ڪندڙ بہ هاڻي سوال آهي تہ هتان کان اڳتي جو رستو ڪهڙو آهي؟ پيريز لوگونس جو اصل ڪيس اڃا عدالتن ۾ آهي ٽيٽينسن جا اوزارن اڃا قانوني غير يقيني صورتحال ۾ جڪڙيل آهن حڪومت انهن دستاويزن مان ڇا حاصل ڪيو، ان ڪهڙن ذريعن بابت ڇا معلوم ڪيو، اهو سڀ ڪجهہ اڃا پردي پويان آهي ڪاش پٽيل جو اٽلانٽڪ خلاف ڪيس شايد عدالت ۾ نہ هلي پر هن ڪيس جو وجود پاڻ هڪ پيغام آهي، هڪ يادگيري تہ اقتدار پنهنجي تنقيد جو جواب تڏ سان ڏيڻ چاهي ٿو سڀ کان وڏو سوال اهو ناهي تہ پٽيل جو ڇا ٿيندو يا اٽلانٽڪ جو ڇا ٿيندو؟ بلڪ اصل سوال هيءُ آهي تہ ٽيٽينسن جا اوزارن ڪڏهن واپس ٿيندا؟ سڀ کان وڏو سوال آهي تہ ڇا پلٽزر انعام کان پوءِ اها ٿڌي لهر ٽٽندي يا حڪومت پنهنجو هٿ وڌيڪ سخت ڪندي ڇا ڪانگريس آخرڪار پنهنجو آئيني فرض ادا ڪندي يا اها بہ هڪ ٻي خبر جي صورت اکين جي سامهون لنگهي ويندو ڇا آمريڪي شهري، چاهي سندن سياسي وابستگي ڪنهن سان بہ ڇو نہ هجي، ان ڳالهہ تي متفق ٿي سگهندا تہ صبح ڇهہ وڳي هڪ صحافيءَ جي دروازي تي ايف بي آءِ جو بيهڻ ان جمهوريت جي مزاج خلاف آهي جيڪا 250 سال اڳ انهن ئي اصولن تي تعمير ٿي هئي تاريخ اسان کي هر پيري سيکاريو آهي تہ جمهوريت ڪڏهن بہ تماشائيءَ جي راند نہ رهي آهي بلڪ اها هڪ اهڙو وڻ آهي جيڪو هر نسل جي پگهر سان سنڀاليو ويندو آهي ۽ جيڪو نسل ان کي بي وقعت سمجهڻ لڳندو آهي اهو هڪ ڏينهن اوچتو پاڻ کي هڪ اهڙي ميدان ۾ لهي ٿو، جتي ڇانوَ ناهي هوندي آزاد صحافت ۽ فعال حڪومت جي وچ ۾ تعلق دشمنيءَ جو نہ هئڻ گهرجي اها تہ هڪ پراڻي سچائي آهي تہ پريس حڪومت جو احتساب ڪندي آهي ۽ حڪومت عوام جي خدمت ڪندي آهي جڏهن اهو توازن قائم رهندو آهي تہ فائلو سيني کي پهچندو آهي ۽ اهو تہ وسارجي تہ ڳجهي معلومات جو 'ليڪ ٿيڻ' هڪ سنجيده مسئلو آهي ان جي تحقيق ضرور ٿيڻ گهرجي ان ۾ ڪنهن کي شڪ ناهي پر انهيءَ تحقيق لاءِ اهي آئيني رستا موجود آهن جن کي هڪ ڏگهي قانوني روايت تخليق ڪيو آهي يعني Privacy Protection Act آهي وڪيلن سان مذاڪرات جا طريقا آهن اهي حفاظتي ديوارون خواهہ مخواهہ تہ ناهيون ويون هيون اهي تاريخ جي سبق مان سکي ٺاهيون ويون هيون. ان تاريخ مان سکي جيڪا اسان کي ٻڌائي ٿي تہ جڏهن حڪومتون پريس کي دشمن سمجهڻ لڳن ٿيون تہ سماج ۾ خوف پنهنجو نڪاءُ ناهي وڻندو آهي ۽ جتي خوف رهندو آهي اتان آزادي لڏي ويندي آهي سوال آهي جيڪو هاڻي آمريڪا جي فضا ۾ گونجي رهيو آهي اهو سوال جيڪو هر شهريءَ کي پاڻ کان پڇڻو آهي ڇا توهان اهڙي ملڪ ۾ رهڻ چاهيو ٿا، جتي حڪومت طئي ڪري تہ ڪهڙيون ڪهاڻيون ٻڌايون وڃن يا اهڙي ملڪ ۾، جتي سچ کي وڙهڻ جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ موقعو حاصل هجي اهو سوال هر ان سماج لاءِ آهي جتي طاقت ۽ سچائي وچ ۾ ويڙهہ جاري آهي چاهي اهو سماج واشنگٽن ۾ هجي، اسلام آباد ۾ هجي، دهليءَ ۾ هجي يا دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ جو تہ هجي چو تہ جڏهن طاقت قلم کان ڊڄڻ لڳي تہ سمجهي وٺو تہ سماج ڪنهن وڏي تبديليءَ جي ڪناري تي بيٺل آهي اها تبديلي روشنيءَ ڏانهن بہ وڃي سگهي ٿي ۽ اونداهيءَ ڏانهن بہ فيصلو رڳو ان ڳالهہ تي ٿيندو آهي تہ ان گهڙيءَ ۾ عوام ڪٿي بيٺل آهي خاموش تماشائيءَ وانگر يا زنده ضمير سان هيٺا ٽيٽينسن جو ڇاپو هڪ خبر هئي پلٽزر انعام بہ خبر پر انهن ٻنهي خبرن جي وچ ۾ جيڪو خاموش بحث هو اها ئي اصل ڪهاڻي آهي ۽ اها ڪهاڻي اڃا ختم نہ ٿي آهي

هر پاڪستاني ٻوليءَ ۾ فخر لائق ادب

محمود شام

هن ڀيري مئي پنهنجي پوري گرمي ڏيکاري رهيو آهي اسماعيل ميرٺي چيو هو: مئی کا آن پہنچا ہے مہینہ بہا چوٹی سے ایڑی تک پسینہ. پر ڪراچيءَ ۾ مئي جي مهيني ۾ ئي گل ٽڙندا آهن اسان لکيو هو:

مئی جب آنے والا ہو
گلی کوچوں میں حدت ہو
ہوا رک رک کے چلتی ہو
گھروں نینوں تلوں پر حبس غالب ہو
گھروں میں بند خوشبوئیں ہوا کے گیت سننے
ساحلوں پر جا پہنچتی ہیں
حسیں چہروں کے درشن سے ہمیشہ عمر بڑھتی ہے.
کلفٹن کے مقدر میں تو کتنا حسن لکھا ہے
تو اس کی عمر بھی صدیوں میں بڑھتی ہے...

شهرن کي ڪنڪريٽ جو جنگل بڻايو ويو آهي وڻ پوکڻ بدران ڪٽيا پيا وڃن فطرت سان ٽڪراءَ جا نتيجا تمام خطرناڪ هوندا آهن ۽ اهي نتيجا اسان سڀ ڀوڳي رهيا آهيون مان اڪثر 21هين صديءَ جو گذريل صدين سان مقابلو ڪرڻ ويهي رهندو آهيان اهي ڇانوَ واريون صديون هيون جڏهن تہ هاڻي ڏاڍي تپندڙ اُس جا ڏينهن آهن جن ۾ ٻرندڙ رستن تي هلڻو پوي ٿو ٻارن جا امتحان بہ انهيءَ گرميءَ ۾ ٿي رهيا آهن

اپريل 1986ع ۾ جڏهن بينظير ڀٽو صاحبہ جلاوطني ختم ڪري پاڪستان آئي هئي تہ مون کي ياد آهي تہ هوءَ 3 مئي تي ڪراچي پهتي هئي شارع فيصل تي نعرا لڳي رهيا هئا. ''تپن مئي...حڪومت گئي...'' اسان پهرين جهنگ جون گرميون ڏٺيون واري هميشہ ڏاڍي تپندي آهي، ان جا نرڙا تلوار جي نوڪ بڻجي ويندا آهن پوءِ اسان جيڪب آباد، لاڙڪاڻي ۽ دادو جي سخت گرمي بہ ڏٺي، جتي گهڻائي ماڻهن کي گدلو پاڻي پيئندي ڏٺو. ڪڏهن ڪڏهن اسان کي بہ اهو ئي پاڻي پيئڻو پيو. شاهہ لطيف چيو ٿو:

واقِفَ نہ وَڻڪار جي، پاڻِي ڪَنيَمِ نہ پاڻ / جَبَلَ جَلڌايُون ڪري، تِڪَ ڏيکاري تاڻ
لَڳِي لَڪَ لَطِيفُ چئي، مَعذُورِن مٿاڻ / اَتِي اوڏو آڻ، جتِ هوتَ هيڪلِي آهيان

هي اڄ کان لڳ ڀڳ 450 سال اڳ جي اُس جو منظر آهي اسان خوش قسمت آهيون پاڪستان وارا جن کي شاهہ لطيف، مست توڪلي، سلطان باهو، بلها شاهہ، رحمان بابا ۽ ٻين ڪيترن ئي صوفين جي اعليٰ سوچ ۽ عشق جي نواڻ نصيب ٿي آهي

سنڌي هجي، بلوچي، پنجابي يا پشتو. انهن سڀني جي خوشبو هڪ ٻئي سان ملي ٿي ۽ اردو بہ انهن کي مهڪائيندڙ ٻولي آهي ٻوليون هڪ ٻئي جون ڀيڻون ۽ سهيليون آهن وري نہ آهن هر ٻوليءَ جون پنهنجون صديون هونديون آهن ٽرمپ جهڙا 'ڊيل پسند' ماڻهو انهن کي پاڻ ۾ وڙهائيندا آهن

اڪادمي ادبيات پاڪستان جو بنياد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو رکيو هو هو روشن خيال ۽ بصيرت وارو اڳواڻ هو، جنهن کي نگهبانن پراڻن جي جوڙ تي، پنهنجي ماڻهن کان جدا ڪري ڇڏيو هو هڪ مڪمل ۽ ڪامياب رياست جي ڇهري ۽ خدوخال کان واقف هو هو رياست کي چانو ڏيندڙ وڻ بڻائڻ چاهيندو هو

هن اداري کي "ڪمال فن" ايوارڊ بابت فيصلو ڪرڻو هوندو آهي مون کي بہ ٻہ ڀيرا جيوريءَ ۾ شامل ٿيڻ جو موقعو مليو. ٻنهي ڀيري مون ڏٺو تہ صديون پراڻين ٻولين جي فن کي قومي ٻولي جي مرڪزي حيثيت کان مرعوب ڪيو ويندو آهي مان پاڻ کي سنڌ جو قرضدار سمجهندو آهيان مون کي هميشہ افسوس ٿيندو آهي تہ مان سنڌي پڙهي ۽ سمجهي تہ سگهان ٿو پر ڳالهائي ۽ لکي نٿو سگهان

مان قاضي اسد عابد جو ٿورائتو آهيان جيڪو سالن کان منهنجن ڪالمن جا ترجما ڪرائي روزاني "عبرت" ۾ ڇپائيندو رهي ٿو ۽ سنڌي پڙهندڙن تائين منهنجا احساس سڌو سنئون پهچائيندو رهي ٿو هاڻي سينيئر صحافي ۽ ايڊيٽر شير محمد کهاوڙ بہ پنهنجي روزاني 'اپيل' ۾ اها مهرباني ڪري رهيو آهي انهيءَ محبت سبب مان سنڌي پڙهندڙن لاءِ اجنبي ناهيان رهيو، بلڪ فيس بڪ تي مون کي سنڌيءَ ۾ وڌيڪ رايا ملندا آهن

مان جڏهن پهريون ڀيرو ڀارت ويس تہ اتي 'بڪ ٽرسٽ آف انڊيا' جو دورو بہ ڪيو. اهو ادارو ڀارت جي ان وقت جي 21 ٻولين جي افسانن، تنقيدي مضمونن ۽ شاعريءَ جا چونڊ مجموعا هر سال ڇاپيندو هو ۽ اهڙيءَ ريت جو هر ٻوليءَ جو ادب ٻي هر ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو ويندو هو اهڙيءَ طرح سڄي ڀارت جا ادبي ذوق رکندڙ ماڻهو پنهنجي ملڪ جي هر ٻوليءَ جي اعليٰ نثري ۽ شاعرانہ ادب کان واقف ٿيندا هئا. اسان پاڪستان ۾ بہ بار بار انهيءَ روايت ڏانهن ڌيان ڇڪايو، پر ان تي عمل نہ ٿي سگهيو. ادبيات وارا پنهنجي رسالي ۾ ٻين ٻولين جا ترجما تہ ڇاپين ٿا، پر سليقي جوڳا چونڊ شايع نٿي ڪئي وڃي نتيجي ۾ اردو ۽ ٻين پاڪستاني ٻولين جي پڙهندڙن ۾ فاصلو وڌندو پيو وڃي

حقيقت اها آهي تہ اردو سميت هر ٻوليءَ ۾ اعليٰ ۽ آفاقي ادب تخليق ٿي رهيو آهي جيئن هن وقت علائقائي سياست مرڪزي سياست تي غلب آهي، تيئن پاڪستاني ٻولين ۾ افسانو، ناول، تنقيد ۽ شاعري قومي ٻولي کان بہ وڌيڪ معياري تخليق ٿي رهي آهي مان اردوءَ ۾ لکندو آهيان، پر مون کي چوڻ ڏيو تہ اردو انهن سڀني ٻولين کان پوءِ وجود ۾ آئي آهي سنڌي ڪئين صدين کان، بلوچي پنج هزار سالن کان، پشتو اڍائي هزار سالن کان، هندڪو پنج هزار پنج سئو سالن کان، پنجابي پنج هزار سالن کان، سرائڪي چار هزار پنج سئو سالن کان ۽ بلتي ۽ ڪشميري ائين صدي عيسويءَ کان ڪنهن نہ ڪنهن لهجي ۾ موجود آهن هيءَ بہ حقيقت آهي تہ اردو سڀ سمجهن ۽ پڙهن ٿا. تنهن ڪري ان کي قومي ٻوليءَ جو درجو ۽ رابطي جو اعزاز مليو آهي پاڪستاني ٻولين جا اديب بہ اردوءَ ۾ لکڻ کي فخر سمجهن ٿا. منهنجي گذارش هميشہ اها رهي آهي تہ اڪادمي ادبيات پاڪستان هر سال اردو سميت سڀني ٻولين ۾ لکيل ادب جا چونڊ نمونا ٻين سڀني ٻولين ۾ ترجمو ڪري شايع ڪري اهڙيءَ طرح پاڪستان اندر ۽ پرڏيهہ ۾ رهندڙ ادبي ذوق رکندڙ پڙهندڙ پنهنجي هر مٺڙي ٻوليءَ جي جديد ادبي تخليقن جي معيار کان واقف ٿي سگهندا جيوريءَ جا ميمبر بہ هر ٻوليءَ جي ادب جي رفتار کان واقف ٿيندا پوءِ پاڪستان ۾ "ڪمال فن ايوارڊ" جو فيصلو ڪرڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڏکيائي يا جهجهڪ پيش نہ ايندي اها قومي يڪجهتيءَ ۽ پاڪستان جي پراڻين ۽ نين صدين کي پاڻ ۾ ملائڻ جي هڪ مثبت ڪوشش بہ هوندي.

لطيفي لات —— شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

ڪامَان پَچَانِ پَڃُرانِ، لُڇَانِ ۽ لُوڇَانِ،
تَنَ ۾ تُونسَ پِرِينِ جِي، پِيَانِ نہ ڌاپَانِ،
سَمُنڊُ مُنهَن ڪَرِيَانِ تَوءِ سُرڪَيائِي نہ ٿِئي.

پڃران = سڙان، پچان، جلي خاڪ ٿيان، ٻران / لڇان = ڦٿڪان، تڙپان / لوڇان = بيقراري، پريشان حال / تن ۾ = اندر ۾، دل، من ۾. / تونس = تاس، سڪ، اساٽ، پياس، طلب / پيان = ڍڪ پريان (محبت جا) / ڌاپان = ڍؤ ڪريان، رڄ ٿيان، راضي ٿيان / منهن = منهن ۾، وات ۾، (منهن ڪريان- وات ۾ وجهان) / توءِ = تہ بہ، جيڪر / سرڪيائي = هڪ سرڪ، ننڍو ڍُڪُ / (سر-سهڻي، مرتب ٻانهون خان شيخ)

پيار، سڪ، محبت، عشق جي لئون لڳڻ کان پوءِ جيڪا ماڻهوءَ (طالب) جي ڪيفيت ٿئي ٿي، جيڪا ان جي پرينءَ سان ملڻ لاءِ اندر جي آنڌ مانڌ ٿئي ٿي، جنهن کي لطيف سائين ٿي پنهنجن لفظن منجهہ تمثيلي انداز ۾ ٿي بيان ڪري سگهي ٿو وجوڙي جا ود جن جو اثر سڪ وندن تي باهہ ۾ سڙڻ جهڙو ٿئي ٿو. ظاهري طرح تہ ٺيڪ نظر ايندا آهن پر سندن اندر پرينءَ جي وڇوڙي واري آڳ ۾ سڙندو رهندو آهي. کين پرينءَ سان ملڻ جي تونس يعني آرهڙ جي تپش ۾ لڳل اڃ وانگر هوندي آهي جو محبن سان ملندي بہ پوري نہ لهندي آهي ۽ نہ ئي ڪو پرين جي پيار مان ڍؤ ٿيندو آئين. سندن اندر جي پياس ايتري تہ هوندي آهي جو سمونڊ بہ سندن لاءِ هڪ سُرڪُ بہ نہ ٿئي.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

خيرپور رياست جو مهان اسٽيٽ حڪيم سيد حزب الله شاهہ آف شڪارپور سنڌ!

پروفيسر مشتاق حسين پرير

(حصو پهريون)

سائين حزب الله شاهہ شڪارپور ۽ خيرپور جي هڪ مجيل شخصيت هئا. سائين جن اعليٰ پائيءَ جا عالم، جراح حڪيم ۽ صوفي منش انسان هئا. سائين 30 سيپٽمبر 1930ع تي شڪارپور ۾ حڪيم سيد قطب علي شاهہ، جن جي گهر جنم ورتو. سائين جن جا والد پڻ اعليٰ پائيءَ جا حڪيم ۽ خدا ترس شخص هئا. سندن حڪمت خاتو دادوائي روڊ تي گهر سان سلهاڙيل هيو جت صبح ٿيڻ سان ئي سندن جي شفا خاني تي مريضن جو انبوهہ لڳڻ شروع ٿيندو هو. انگريزن جو دور هو ۽ ان مهل شڪارپور ۾ رڳو ٻہ حڪيم هوندا هئا؛ هڪ فضل الله سومرو، ٻيو سائين جو والد سيد قطب علي شاهہ. سائين حزب الله شاهہ پرائمري تعليم شڪارپور جي هاٿيدر واري اسڪول ۾ پرائي، وري سنڌي فائنل بہ هاءِ اسڪول شڪارپور منجهان ئي ڪيو. سندن جو والد بزرگوار حڪيم سيد قطب علي شاهہ سخت مذهبي ماڻهو هو کين ننڍڙي لاءِ شڪارپور جي هڪ مدرسي ۾ مولوي ٿيڻ لاءِ ويهاريو پر کيس خبر نہ هئي تہ اهو اڄ جو نينگر سياڻي وڏو ٿي مولانا جلال الدين رومي رح وانگر مذهب صوفي فقير ٿي ويندو. هونئن بہ وڏن وڏن جراح عالمن کي جڏهن خدا جي معرفت حاصل ٿي آهي تہ انهن مذهب کي الوداع ڪري حقيقي معرفت الاهي وارو رستو اختيار ڪيو آهي جنهن ۾ خدا جي توحيد سندس عشق، گناهن کان پاسو ۽ انسان ذات جي خدمت مرڪز هوندي آهي ۽ هو مذهبي نفرت کان پاڪ هوندا آهن جڏهن مذهب جوئي انڪار ٿيو تہ مذهب کان پاڪ ٿي مذهبي نفرت کان بہ پاڪ ٿي ويندا آهن. توڙي جو صوفين کان وڌيڪ خدا سان پيار ڪرڻ وارو سندس فڪر تڏهن ذڪر ۾ رهڻ وارو صوفين کان وڌيڪ ڪير تہ هوندو آهي بهرحال سائين کي مختلف مدرسن ۾ پڙهڻ سبب مايہ ناز عالمِ دين مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي درس ۾ ويهڻ نصيب ٿيو. جڏهن پاڻ لاهور ۾ طبيہ ڪاليج ۾ حڪمت جو ڪورس ڪندا هئا ۽ مولانا احمد علي لاهوريءَ جي درسگاهہ ۾ پڻ داخلا ورتائون، جتي مولانا قاسمي جن سندن استاد هئا. سنڌ جو ڪامل ولي سائين پير وارو مولانا عبدالڪريم قريشي رح جن پڻ درس ۾ ويهندا هو جو کين انهن اعليٰ شخصيتن جو هم ڪلاسي هئڻ جو شرف پڻ حاصل ٿيو. چون ٿا سائين مست علي شاهہ هڪ نهايت پهتل شخص هو جو انگريزن جي زماني ۾ 1935ع جي لڳ ڀڳ جڏهن درياهہ بادشاهہ جي لپيٽ ٿي هئي ۽ شڪارپور لڳ ڪوٽ سلطان ٻڏڻو ٿي ٻڏڻو هو تہ سائين جي دعا سان ڪوٽ سلطان ٻڏڻ کان بچي ويو ۽ درياهہ بادشاهہ پاسو ڪري ويو. سائين حڪيم حزب الله شاهہ کي 3 پٽ ۽ 5 ڌيئرون جو اولاد ٿيو. جيڪي الحمدلله حال حيات آهن. وڏو فرزند ڊاڪٽر حفيظ الله آر بي ٿيو سول اسپتال شڪارپور منجهان 2024ع ۾ رٽائر ٿيو آهي. ٽئين فرزند حميد الله شاهہ پڻ شڪارپور ۾ ايمپلائيز ويلفيئر آفيس ۾ آفيس سپرنٽينڊنٽ آهي، هوبہ سائين جي صورت آهي. سائين وڏا نبض شناس حڪيم هئا. منهنجو مامو رفيق احمد، سائين جي والد صاحب جي زماني ۾ ننڍو هوندو هئا، جيڪو اڄ بہ ٻڌائي ٿو تہ سائين جو والد صاحب پڻ صاحبِ دعا هو. ٿالي ۾ دوا هوندي هئي، حقيقت ۾ دعا اثر ڪندي هئي سائين حزب الله جي ڳالهہ هوندي هئي، مگر تجربن ۽ مشاهدن تي ٻڌل سچي هوندي هئي، جنهن جو انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي چوندا هئا، هر انسان خود غرض ۽ مطلبي آهي ۽ انسان جي ڏنگ کان بچو. ان کان بچي وڃڻ ئي ڪاميابي آهي. توڙي جو پاڻ انسان سان محبت ڪندا هئا ۽ هردم ماڻهن سان ملڻ لاءِ آتا هوندا هئا. جنهن مهل بہ سندن اوطاق تي سڏ ڏبو هو، ان مهل ئي لبيڪ ڪندا هئا، وڏا ٽهڪ ڏيندا هئا. اردو چوڻي، يعني 'چوڙو يار اور بات ڪرو' سندن تڪيو ڪالم هوندو هو ڇانهن ۽ بسڪوٽ بنا پيچڻ جي اچي ويندا هئا. صبح جو 9 وڳي هاٿيدر تي سبق جي سائيڪلن جي دڪان تي ويندا هئا. تقريبن منجهند هڪ تائين اتي ويهندا هئا، جيڪو ظاهر ۾ سائيڪلن جو دڪان هو پر حقيقت ۾ اسٽڊي سرڪل هوندو هو. علم جا پياسا هتي اچي ويهندا هئا ۽ سائين کي مختلف موضوعن تي ڇيڙي علم جي سمنڊ منجهان غوطا هڻندا هئا. هر ڳالهہ بنا ڊپ جي چئي ڏيندا هئا، وري مٿون چوندا هئا تہ جاسوس تہ ناهيو؟ سڀ چون تہ سائين نہ، اهو بہ چئڻ تہ تڪيہ ڪالم هو.

سندن گفتگو تاريخ، مذهب، سياست، سماجيات ۽ ادب جي تجزيي تي مبني هوندي هئي پر چوندا هئا ماڻهن جي اها اپروچ ئي ناهي هروڀرو ٿو مٿو هڻان هڪ دفعو پڇيو مان فلاڻو تہ پاڙي جو اٿو روز اوهان جي خدمت ۾ اچي ٿو، وڏو پرايو هونداڻين تہ چيائين ڏوڙ پئي ٿس، مون چيو جو سائين خير تہ آهي؟ جنهن تي چيائين منهنجو هڪ تاريخ جو ڪتاب زوريءَ کڻي ويو وري واپس ڏيڻ کان ٻرو. خير سورن سان ڪتاب واپس ڪيائين تہ پڇيومانس ڪيئن لڳو ڪتاب؟ جنهن تي چيائين ٻيو تہ سڀ ٺيڪ هو پر هڪ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، مان خوش ٿيس تہ وڏو ڪو نقطو ڪڍيو ٿئين. پڇيومانس ڪهڙي؟ چيائين 'نادر شاهہ جو سسين (انسانن جا ڏڪ) جا مينار ٺهرايا تہ پوءِ سسين بدبوءِ نہ ڪئي هوندي.' مون ڪٺي مٿي تي هٿ رکيو تہ ڪنهن کي ڏنو هيم ڪتاب؟ ڳالهہ ڪري وري خطرو ڏسي ڦري ويندو هو، صوفي تہ هو پر چوندو هو سڀ ڪجهہ اهو ٿو ڪري، تنهنجي هٿ ۾ ڪجهہ بہ ناهي ماءُ جي پيٽ ۾ ڪنهن سار لڌئي؟ توکي تہ ضرورتن جي خبر بہ نہ هئي، اڄ جڏهن عقل اچي ويو اٿئي تہ سمجهين


مختيار اڏو

اڄوڪو ڏينهن ---- 08 مئي

عبدالله همدم

اڄ مشهور شاعر عبدالله همدم جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو پورو نالو عبدالله ولد محمد يوسف خان چانڊيو هو هن جو جنم 8 مئي 1914ع تي تعلقي ميهڙ ضلعي دادوءِ ۾ ٿيو هن 1924ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو هن عملي زندگيءَ جي ابتدا رجسٽريشن کاتي ۾ ملازمت سان ڪئي ۽ انهيءَ ئي کاتي ۾ رجسٽريشن جي انسپيڪٽر طور رٽائر ڪيائين کيس ننڍي هوندي کان ئي شاعريءَ جو شوق هو هن شعر ۾ اصلاح صوفي شاهہ محمد، محمود خادم لاڙڪاڻوي ۽ حافظ محمد احسن چنہ کان ورتي هو پنهنجي گهر تي ادبي محفلون ۽ مشاعرا ڪوٺائيندو هو ۽ علمي ۽ ادبي محفلن ۾ شرڪت بہ ڪندو هو هن کي انگريزي ٻوليءَ تي وڏو عبور حاصل هو ۽ سنڌيءَ سان گڏ انگريزي ادب شوق سان پڙهندو هو

سيد محمد عالم شاهہ



هن هفتي جي سڀ کان ڏکوئيندڙ خبر هيءَ آهي تہ سنڌ جو مشهور سياسي اڳواڻ ۽ سماج سڌارڪ سيد محمد عالم شاهہ اسان کان هميشہ لاءِ وڇڙي ويو هن انمول انسان 8 مئي 1941ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو سندس ننڍپڻ سجاول ضلعي جي شهر دڙي ۾ گذريو سندس شمار دڙي جي انتهائي احترام لائق شخصيتن ۾ ٿيندو هو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ان بعد نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ پڙهيو اڳتي هلي سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ مان زرعي انجنيئرنگ جي سند حاصل ڪيائين 1966ع ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي وائيس چانسلر ڊاڪٽر رجب ميمڻ هن کي رسول بخش پليجي سان متعارف ڪرايو انهيءَ ملاقات کان پوءِ هڪ ڊگهي عرصي تائين شاهہ صاحب عوامي تحريڪ سان جڙيل رهيو پاڻ 1980ع واري ڏهاڪي ۾ عوامي تحريڪ جو صدر ۽ تحريڪ رسالي جو ايڊيٽر رهيو جنرل ضياءُ الحق جي دور ۾ ٽي سال قيد بہ ڪاٽيائين شاهہ صاحب مٽياري شهر ۾ هڪ سماج سڌارڪ طور ڄاتو سڃاتو ويندو هو پاڻ مٽياري ايڪشن ڪاميٽيءَ جو سرپرست بہ رهيو ۽ مٽياريءَ اتان جي ماڻهن جي ڀلي جا ڪيترا ئي ڪم ڪيائين افسوس جو سنڌ جو هي املهہ هيرو

لهہ بخش رند تعلقي سڪرنڊ ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ ٿيو هن زراعت ۾ پي ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ سنڌ جي زراعت کاتي ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪري رٽائر ٿيو پاڻ هڪ علمي ۽ ادبي شخصيت جو مالڪ آهي ۽ سندس ذاتي لائبريريءَ ۾ 3 هزار کان وڌيڪ ڪتاب موجود آهن هن لڳ ڀڳ 30 ملڪن جو سير ۽ سفر ڪيو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "هوجي منهہ جي ڏيهہ ۾"، "ونڊنڻ سنڌو وجور"، "چار گهڙيون چين ۾" ۽ "شام جو سفر" شامل آهن

عرفان عباسي



هن ناموَر ليکڪ ۽ صحافيءَ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1968ع ۾ موري ۾ ٿيو هن ٻارهين ڪلاس تائين تعليم موري مان حاصل ڪئي ۽ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو جام مان گريجوئيشن ڪيائين هن ننڍپڻ کان ئي سياسي ۽ ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو هن "پيپلز ٽائيمس" ۽ "سنڌ رويو" نالي رسالا جاري ڪيا. گڏوگڏ سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ ڪالم بہ لکندو رهيو آهي هو موراڙي ويلفيئر فورم ڪراچيءَ جو صدر پڻ رهيو آهي

اعجاز احمد نظاماڻي

هن مشهور شاعر جو جنم 8 مئي 1969ع تي بدين ضلعي جي شهر ماتليءَ ۾ ٿيو هن ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم پنهنجي شهر ماتليءَ مان حاصل ڪئي عملي زندگيءَ جي شروعات تيل جي هڪ خانگي ڪمپنيءَ ۾ ملازمت سان ڪيائين اعجاز احمد ڇهين ڪلاس ۾ پڙهڻ دوران شاعري ڪرڻ شروع ڪئي سنڌيءَ سان گڏ اردوءَ ۽ انگريزيءَ ۾ بہ شاعري ڪئي اٿس سندس ڪجهہ شاعري مختلف ادبي رسالن ۾ ڇپجي چڪي آهي

شاهنواز ڀٽي

شاهنواز ڀٽي سنڌ جو نامور ڊراما نويس آهي

جام مان زراعت ۾ بي ايس سي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين سنڌي ادبي دنيا ۾ هو هڪ ڊراما نويس طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو شروع ۾ هن ريڊيو لاءِ ڊراما لکيا، بعد ۾ پاڪستان ٽيليويزن ۽ ٻين سنڌي توڙي اردو نجي ٽيليويزن چئنلن تان سندس ڪيترائي ڊراما ٽيليڪاسٽ ٿي چڪا آهن هن جا ڪيترائي ڊراما سنڌالاجي فيسٽيول، ٿر فيسٽيول، عمرڪوٽ فيسٽيول ۽ ٻين ثقافتي ميلن ۾ اسٽيج بہ ٿي چڪا آهن شاهنواز ڀٽي آشڪارا آرٽ پراڊڪشن، سنڌ انسٽيٽيوٽ آف ميوزڪ اينڊ پرفارمنگ آرٽس ۽ نيشنل اڪيڊمي آف پرفارمنگ آرٽس سان لاڳاپيل رهيو آهي

هوش محمد ڀٽي

هن نامور شاعر ۽ نثر نويس جو جنم 8 مئي 1986ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر باڍهہ ۾ ٿيو هن بي ايس سي (ڪيمسٽري)، ايم اي (سنڌي)، بي ايڊ، ايم بي اي ۽ ايم فل (سنڌي) جون سندون حاصل ڪيون هن 1995ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو سندس شاعري، ڪهاڻيون، ڪالم ۽ ٻيو مواد سنڌ جي ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندو رهيو آهي سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "اڱڻ جي رات" (ڪهاڻيون)، "ڪوءِ ڳنڍيندڙ هوءِ"، "پوپٽ ڏاڍا پيارا آهن" (ٻارن لاءِ شاعري)، پٽائيءَ جو عشق (ناول)، "سنڌي ويا ڪرڻ" (گرامر)، "ٿيندي ناهي پريت پرائي" ۽ "بيرنگ رانديون" (ترجمو) شامل آهن

هريڪانت رويچند جيٺملاڻي

هريڪانت رويچند جيٺملاڻي هندستان ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ جو جوڳيءَ جو شاعر ۽ ڪهاڻيڪار هو هن 5 سيپٽمبر 1935ع تي سنڌ جي شهر جيڪب آباد ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو اڃا ٻن سالن

فلاسافي ۽ نفسيات جي شعبي ۾ ايم اي ۾ داخلا ورتي ۽ دهليءَ جي ٽريڊ ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري حاصل ڪئي ٻن سالن اندر نوڪري ۽ پڙهائي ڇڏي ڏنائين اڳتي هلي آڪاشوائيءَ جي سنڌي سيڪشن ۾ نوڪري ڪيائين هريڪانت جو ادبي سفر اجمير ۾ هڪ شاعر ۽ ڪهاڻيڪار طور شروع ٿيو هن جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو 1961ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هن لڳ ڀڳ 12 ڪتاب لکيا، جن ۾ سندس شاعريءَ جا مجموعا، ڪهاڻين جا مجموعا، ناٽڪ ۽ ٻيا ليک شامل آهن 1991ع ۾ سندس ڪتاب "سوچ جون صورتون" تي کيس ساهتيہ اڪيڊمي ايوارڊ جهڙي اهم اعزاز سان نوازيو ويو سنڌي ادب جي هن املهہ ماڻڪ 8 مئي 1994ع تي هن جهان مان موڪلايو

عبدالله ڪڇي



اڄ مشهور لوڪ راڳيءَ عبدالله ڪڇيءَ جي لاڏاڻي جو ڏينهن آهي هيءَ مشهور فنڪار 1940ع ڌاري ڪلري لياري ڪراچيءَ ۾ فقير محمد ڪڇيءَ جي گهر ۾ ڄائو مشهور فنڪار مٺو ڪڇي هن جو مامون هو شروع ۾ ٻولڪ وڄائيندو هو پر پوءِ ڳائڻ شروع ڪيائين شروع ۾ نجي محفلن، شادين مرادين ۽ اسٽيج تي ڳائيندو هو گراموفون ڪمپني تي بہ گيت رڪارڊ ڪرايائين ماسٽر محمد ابراهيم ۽ عبدالله پنهور ڳائڻ ۾ سندس رهنمائي ڪئي 1966ع ۾ ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي ڳائڻ شروع ڪيائين بعد ۾ پاڪستان ٽيليويزن تي بہ پنهنجي آواز جو جادو جاڳايائين هن سنڌي فلمن "قُلُ ماڻيچي" ۽ "قربانيءَ" لاءِ سندس گانا رڪارڊ ٿيا هن سنڌيءَ سان گڏ سرائڪي، بلوچي، ڪڇي ۽ اردوءَ ۾ بہ ڳايو هن 8 مئي 1998ع تي وفات ڪئي

ڀڳوان ڪلناڻي ساقي



ڀڳوان ڪلناڻي ساقيءَ جو جنم 8 مئي 1921ع تي سنڌ جي شهر پريا ۾ ٿيو هو گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو ۽ هڪ ئي وقت شاعر، نثر نويس، چترڪار، موسيقار ۽ فنڪار هو هن ابتدائي تعليم پريا ۾ حاصل ڪئي 1947ع واري ورهاڱي کان پوءِ هندستان هليو ويو جتي مختلف اسڪولن ۾ پڙهائيندو رهيو ۽

روزاني عبرت

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

فرسٽ سول/ فيملي جج اينڊ جي اير ڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر 23 سال 2026

مسمات زينب بيبي ڌيءِ محمد خالد ذات جت رهاڪو وارڊ نمبر 4 ڪوٽ غلام محمد ..پلينٽف.بخلاف. مظهر اقبال ولد مقبول احمد ذات جت رهاڪو شاهه لطيف ٽائون سيڪٽر 17-B اسٽريٽ 1 گهر نمبر 154 ڪراچي 03003627583.. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز، مينٽيننس اينڊ عدت پيريڊ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار 11-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/ فيملي جج اينڊ جي اير ڪوٽ غلام محمد

فرسٽ سول/ فيملي جج اينڊ جي اير ڪوٽ غلام محمد
ٽي سي ايگزيڪيوشن نمبر 01 سال 2026
ايف سي سوٽ نمبر 01 سال 2025

شهزاد احمد ولد محمد ارشد ذات جت رهاڪو ڳوٺ طالب حسين ديهه 210 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ..پلينٽف.بخلاف.. (1) نند لعل ولد ديا رام (2) ديا رام ولد ديا رام ذات ڀيل رهاڪو ڀيل ڪالوني عمرڪوٽ ضلعو عمرڪوٽ. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست ڊڪري آر ڊبليو آرڊر 21 رول 11 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار 13-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/ فيملي جج اينڊ جي اير ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

فرسٽ سول/ فيملي جج اينڊ جي اير ڪوٽ غلام محمد
گارجين سوٽ نمبر 05 سال 2026

آفتاب حسين ولد علي غلام شاهه رهاڪو Donhaon Sharif ديهه 260 تعلقو ڪوٽ غلام محمد. ايپليڪينٽ.بخلاف.. (1) سيد شاهه زمان شاهه ولد خالد حسين شاهه (2) مسمات ممتاز بيبي (3) مسمات شاهين بيبي (4) مسمات مسرت بيبي (5) مسمات شاهه بيبي (6) مسمات طاهره بيبي (7) ظهير حسين سڀ پٽ ڌيئرون علي غلام شاهه (8) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. ايونٽنس (1) بي بي صغرا بيبي ڌيءِ خالد حسين شاهه عمر 11 سال.. مائنر

نالي مٿئين ايونٽنس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخبار 12-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/ فيملي جج اينڊ جي اير ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

فرسٽ سول/ فيملي جج اينڊ جي اير ڪوٽ غلام محمد
فيملي ايگزيڪيوشن نمبر 02 سال 2026

مسمات ريزه شر ڌيءِ محمد شريف شر رهاڪو رئيس حسين بخش شر تعلقو ڪوٽ غلام محمد.پلينٽف.بخلاف. طارق شر ولد سدا بخش شر رهاڪو عرس شر تعلقو پٿورو ضلعو عمرڪوٽ. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست ڊڪري آر ڊبليو آرڊر 21 رول 11 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار 14-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/ فيملي جج اينڊ جي اير ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومرپروٽيڪشن ڪورٽ/ فيملي جج ميرپورخاص
(روبرو جناب غلام فيض ساجد)
فيملي سوٽ نمبر 26 سال 2026

مسمات دعا ڌيءِ عابد علي ذات خاصخيلي رهاڪو محلو سيال ڪالوني نزد برف ڪارخانو ميرپورخاص..پلينٽف.بخلاف.. سردار علي ولد ولي محمد چانڊيو رهاڪو ڳوٺ پانڌهي پي او ميهڙ تعلقو ميهڙ ضلعو دادو .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار 08-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومرپروٽيڪشن ڪورٽ/ فيملي جج ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار
ايف سي سوٽ نمبر 58 سال 2026

شمع ڌيءِ مختيار علي ٻٽاڻي رهاڪو محلو بلوچ ڪالوني بکير روڊ ٽنڊو الهيار..پلينٽف.بخلاف.. (1) چيئرمين نادرا اسلام آباد (2) جنرل مينيجر نادرا سنڌ ڪراچي (3) اسسٽنٽ مينيجر نادرا ٽنڊو الهيار (4) ڊپٽي مينيجر نادرا يونٽ نمبر 8 لطيف آباد حيدرآباد (5) ڪنٽرولر BISE حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن فار ڪينسليشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار 08-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج II ٽنڊو الهيار
گارجين سوٽ نمبر سال 2026

خوشحال ولد Ahu هندو بالغ ذات ڀيل رهاڪو ڳوٺ غلام قادر دل تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار.ايپليڪينٽ.بخلاف.. (1) ساجن ڀيل (2) ربو (3) ڪيول سڀ پٽ ڌيئرون خوشحال (4) شريمتي هيران زال خوشحال (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج (6) مختيارڪار روينيو ٽنڊو الهيار. ايونٽنس (1) هريش ولد خوشحال عمر 11 سال ... مائنر

نالي مٿئين ايونٽنس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت پراپرٽي فارم VII-B انٽري نمبر 627 تاريخ 11-06-2024 ٽيوسيهڙ پور تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار تنهنڪري توهان کي هن اخبار 12-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج II ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج اينڊ جي اير IX حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

نهال روپ ڌيءِ عبدالرزاق رهاڪو گهر نمبر A-51 سيڪنڊ فلور ڊيلائي ميمڻ سوسائٽي نزد راجپوتانا اسپتال قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف.بخلاف.. احسان مصطفيٰ قاضي ولد ظفر اقبال قاضي ميمڻ رهاڪو گهر نمبر R-55 سفاري سن لي ڪاٽيج اسڪير 33 سفوران ڪراچي 03312031448 والد جو سيل نمبر 03333860908 .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار 14-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي اير IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

Mst Muntaha Aslam ..پلينٽف.بخلاف. سيد عاقب حسين شاهه ولد اقبال شاهه عرف مهر شاهه ذات سيد رهاڪو محلو شهباز ڪالوني ڪنڊيارو ضلعو نوشهرو فيروز سيل نمبر 03000186820 .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار 11-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

عام اطلاع

جيئن ته اسان نالي وزير علي قريشي شناختي ڪارڊ نمبر 4420286839499 ولد محمد رمضان قريشي (مرحوم) شناختي ڪارڊ نمبر 4420213518163 خاندان نمبر JQ0080 والده بچي جمالي شناختي ڪارڊ نمبر 4420217100546 خاندان نمبر JQ0080 والد جي ٻي جو نالو محمد جمن جمالي مرحوم جو خاندان نمبر 513681064682 منهنجي والد ۽ والده جي FRC متعلق نادرا آفيس جاري ڪري (وزير علي قريشي) رابطو نمبر 03332949376

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 147 سال 2026

مسمات فرح ناز ڌيءِ حضور بخش بلوچ رهاڪو گهر نمبر 687 محلو مجاهد ڪالوني حسيني روڊ نوابشاهه ..پلينٽف.بخلاف.. سمير بلوچ ولد محمد ابراهيم بلوچ رهاڪو محلو مجاهد ڪالوني حسيني روڊ نوابشاهه 03133765591 .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، مينٽيننس ۽ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار 11-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارجين سوٽ نمبر 56 سال 2026

پرويز ولد مرحوم محمد بچل رهاڪو عمرداز ڪالوني نوابشاهه ..ايپليڪينٽ.بخلاف.. مسمات سحانه ڌيءِ مرحوم محمد بچل رهاڪو عمرداز ڪالوني نوابشاهه (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .. ايونٽنس

نالي مٿئين ايونٽنس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) اسد جي گارڊين جي مقرري بابت سنڌس پراپرٽي پلاٽ نمبر 1125 بلاڪ سي روينيو سروي نمبر 136/1،2 ديهه عمرداز ڪالوني نوابشاهه تنهنڪري توهان کي هن اخبار 15-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج اينڊ جي اير دوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
فيملي سوٽ نمبر 30 سال 2026

ناصره ڌيءِ دلدار بلوچ رهاڪو حاجي وارث بلوچ وارڊ نمبر 2 دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد ..پلينٽف.بخلاف.. محمد اشفاق ولد محمد يامين بلوچ رهاڪو ڪنا پاڙو تعلقو دوڙ .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار 14-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج اينڊ جي اير دوڙ

لاتعلقي جو اظهار

اسان هيٺ صحيح ڪندڙ لکي ٿا ڏيون ته اسان جا ڀائيجا هر هڪ نالي 1- عرفان آرائين ۽ 2- لال حسين ٻئي پٽ نثار علي آرائين رهاڪو ماتلي شهر سان اسان جو ڪنهن به قسم جو ڪو به واسطو، تعلق ۽ ڀاڱي ڀائيواري نه آهي گڏرن جي ڪوبه ڪاروبار ۾ مالي نقصان ليڻ ڏيڻ کان پوءِ هو مختلف ماڻهن جو قرض هڻي ڪري هتان کان هليا ويا آهن جنهنڪري سندن قرضي اسان پاڻ وٽ سندن شڪايتون ڪئي پهچن ٿا اسان سندن روز روز جي شڪايتن مان تنگ ٿي چڪا آهيون لحاظ اسان هن اشاعت ذريعي سڀني کي آگاهه ٿا ڪريون ته اسان جو سندن ڪنهن به عمل سان لاتعلق آهيون ۽ جيڪڏهن ڪو به شخص انهن ٻنهي پٽرن سان ڪنهن به قسم جي ڪا ڏيتي ليتي، ڪو سودو يا ڪو وڻج واپار وغيره ڪندو ته نفعي نقصان جي صورت ۾ هو پاڻ ذميوار رهندا اسان ڪين لاتعلق ڪري چڪا آهيون اسان جو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جو وقت ضرورت ڪم اچي سگهي

محمد نعيم آرائين ، محمد سعيد ۽ محمد امين سڀ پٽ محمد بوٽا آرائين اصل رهاڪو راڄو خانائي حال رهاڪو گلشن رحمان ڪالوني شهر ماتلي ۽ محمد ياسين ولد محمد بوٽا آرائين رهاڪو مير محلو وارڊ نمبر 4 راڄو خانائي ضلعو بدين

عام اطلاع

اسان نالي هر هڪ01. عبدالرزاق ولد فقير محمد ڪارڊ نمبر 41102-0640160-7 02. ملڪ شهباز خان ولد طارق سليم ڪارڊ نمبر 42501-4816617-3 رهاڪو تعلقو شهيد فاضل راهو ضلع بدين قسم ساک تي چئون ٿا ۽ لکي ٿا ڏيون ته:ڪانيدار نالي نور احمد ولد پير بخش جنهن جي ديهه ڪيرين تعلقو شهيد فاضل راهو ۾ زمين زرعي بلاڪ/سروي نمبر 1،2،3،4/235 جملي ايراضي(34-15) ايڪڙ حصو سچو روينيو رڪارڊ ڪانئي آهي،جيڪو فوت ٿي ويو جنهن جا هيٺ جاڻايل تفصيل وارو قانوني ۽ شرعي جائز وارث وٽ ٿي آهي سر زمين تي قبضو ڪانيدار جي وارث وٽ ٿي آهي بقايه سميت ڪجهه به ثابت ٿيو ته اسانجي ذميواري آهي ۽ هميشه رهندي.تفصيل فوتي جي وارث جو01. منظور احمد (پٽ) فوتي جو 02. مقبول علي (پٽ) فوتي جو 03. مختاران بي بي (ڌي) فوتي جينوٽ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو به شرعي ۽ قانوني جائز وارث ڪو نه آهي مٿيون لکيل بلڪل درست ۽ صحيح آهي ڪوڙ جي صورت ۾ قانوني راڄوڻي ڏوهاري آهيان رهنس.

عبدالرزاق ولد فقير محمد ۽ ملڪ شهباز خان ولد طارق سليم

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته نالي محمد فيصل ميمڻ ولد محمد محبوب ميمڻ شناختي ڪارڊ نمبر 4130349200245 هڪ عدد پلاٽ نمبر 58 ايراضي 400 مربع گز واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد جو سودو ان جي حقيقي مالڪ نالي محمد فاروق ولد بلال محمد شناختي ڪارڊ نمبر 4130252755053 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض هجي ته هن آشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض دستاويزي ثبوتن سميت سوسائٽي آفيس ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد شهباز بلڊنگ بلاڪ اي حيدرآباد کي آگاهه ڪري معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ٽرانسفر جي ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

محمد فيصل ميمڻ ولد محمد محبوب ميمڻ
معرفت ميمڻ اسٽيٽ ايجنسي گلشن زيل پاڪ
03119900186

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع لو ڏجي ته عرضدار نالي ميو بروهي ولد مٺل بروهي رهاڪو عبدالغفور شاهه ڪالوني تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي مٺل بروهي ولد مارو تاريخ 05-09-2022 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/سروي نمبر 307/3 ايراضي ديهه چچا ڏيٽا ٽپو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپو هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) ميو بروهي (پٽ) (2) دلشير بروهي (پٽ) (3) گلشير بروهي (پٽ) (4) جمشير بروهي (پٽ) (5) صائمه بروهي (ڌي) (6) مسمات زرينه (بيواهه) جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام ماڻهن کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان وٽ بيواهه مصري ذات سولنگي رهاڪو ڳوٺ ميمڻ سولنگي ديهه ٽبڪي تعلقو جهنڊو مري درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس مصري ولد مٺوخان تاريخ 10-01-2006 تي فوت ٿي وي آهي جنهن جي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي (1)محمد عمر ولد الله جڙيو رهاڪو ڳوٺ سڄڻ سولنگي (2) غلام مصطفيٰ ولد جام محمد رهاڪو ڳوٺ سڄڻ سولنگي يو سي عثمان شاهه هڙي آفيس ۾ حاضر ٿي اسان جي سامهون بيان ڏنو آهي ته نالي مصري ولد مٺوخان سنڌس پويان هيٺيان وارث (1) محمد شريف ولد مصري (2) عبدالمالڪ ولد مصري (3) صفيه ولد مصري (4) جنت ڌيءِ مصري (5) عبدالمجيد ولد مصري ڇڏيا آهن فوتي جا والدين اڳ ۾ ئي فوت ٿي چڪا آهن تنهنڪري هن اشتهار ذريعي آگاهه لو ڪجي ته ڪنهن کي به هن فوتي سرٽيفڪيٽ تي اعتراض هجي ته 07 ستن ڏينهن اندر اسان وٽ اعتراض داخل ڪرائي مدوپورو ٿيڻ کانپو اعتراض نه ٻڌو ويندو ۽ درخواستگذار کي فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

سيڪريٽري يو سي عثمان شاهه هڙي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار

بقايا 1 مارجي ويا

جهيڙو ٿي پيو. ڌرين پاران هڪ ٻئي مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو اعجاز اوڳاهي مارجي ويو، جڏهن ته سرور ۽ مجيد زخمي ٿي پيا. مارجي ويل جي مڙهه ۽ زخمين کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال پنوعاقل منتقل ڪيو ويو آهي ، جڏهن ته مجيد به زخمين جا سور نه سهندي اسپتال ۾ دم ڏنو زخمي سرور اوڳاهي سکر منتقل15 کان وڌيڪ هٿياربندن مال ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن ۾ ٽئي ڀائر زخمي ٿيا، ٻن ڄڻا مارجي ويا آهن.

بقايا 2 احتجاج

ڪنهن ڦرواسي پورهيت کي گوليون هڻي

قتل ڪيو وڃي ٿو جيڪو ڪنهن منظم سازش کان گهٽ ناهي. مظاهرين وڌيڪ چيو ته مقتول وينهيون سميجو پنهنجي گهر جو اڪيلو ڪمائيندڙ فرد هو سنڌس بيگناهه قتل سان نه صرف خاندان مٿان ڏک جو جبل ٽٽي پيو آهي پر سنڌس معصوم ٻچڙا پڻ يتيم ٿي ويا آهن هنن چيو ته واقعي کي هڪ هفتو گذرڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي. جنهن سبب وارثن ۽ علائقي واسين ۾ سخت بيچيني پکڙيل آهي. احتجاج ڪندڙن آءِ جي سنڌ پوليس، گهرو وزير سنڌ، وزيراعليٰ سنڌ ۽ چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي قاتلن کي گرفتار ڪري متاثر خاندان سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو سڄي سنڌ تائين وڌايو ويندو.

بقايا 3 3موٽرسائيڪلون ڦر

6 هٿياربند موٽر سائيڪل سوارن پاران نويد قمبراڻي ، وحيد سولنگي ، وزير سولنگي ، نويد ٻبر سميت ٻين ڳوٺاڻن کان الڳ الڳ چنڊڻ سوري وٽ يرغمال بڻائي رسن سان ٻڌي ڳوٺاڻن تي سخت تشدد ڪري مٿن هوائي فائرنگ ڪري انهن ڳوٺاڻن کان 3 موٽر سائيڪلون ، هزارين روڪ رقم ، موبائل فونون ڦر ڪري فرار ٿي ويا ، احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته ڪڪڙ ۽ ٽرڙي ڄادو شهيد پوليس حد ٻنڌي جو جواز ڄاڻائي متاثرن جي رپورٽ داخل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جڏهن ته اسان متاثر انصاف لاءِ ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي دربدر ٿيڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون پر انصاف نٿو ملي ، هنن وڌيڪ چيو ته بدامني چوٽ چڙهي وئي آهي ڌوهارين رڻ ٻاري ڇڏيو آهي پوليس علائقا ڌوهارين حوالي ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته ڌوهن جون وارداتون روز جو معمول بڻجي ويون آهن پوليس خاموشي جو روڙو رکي تماشائي بڻجي وئي آهي احتجاج ڪندڙن آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ۽ ايس ايس پي دادو ۽ وس وارن اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته بدامني جو نوٽيس وٺي ڳوٺاڻن کان ڦر ٿيل موٽر سائيڪلون ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا 4 ٻارڙن سان احتجاج

ڪري رهيا آهيون هنن وڌيڪ چيو ته منشيات فروش ڳوٺ سميت آس پاس جي علائقن جي نوجوان نسل کي خراب ڪري رهيا آهن ڳوٺ ۾ ننڍن ننڍن ٻارڙن کي پئسن جي لالچ ڏئي منشيات وڪرو ڪرائي ٿي وڃي اسان منع ڪيو ته منشيات فروش اسان کي ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيا آهن هنن آءِ جي سنڌ ، ڊي آءِ جي حيدرآباد . ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کان گهر ڪئي ته منشيات فروشن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏئي نوجوان نسل کي تباهي کان بچايو وڃي

بقايا 5 3ٻچا بيهوش

ٻارڙن جي حالت خراب آهي جيڪي بيهوش آهن هنن کي فٽ پاٿيڙن سان گڏ گيسٽرو ٿي ويو آهي جن کي گمس اسپتال ميهڙ لاءِ ريفر ڪيون ٿا جتي ڪين جو اعلاج بهتر ٿيندو

بقايا 6 ڪٽيا ويا

آپريشن ۾ ايس ڊي او سب ڊويزن ٽنڊوآدم ون ميرل خان ، ايل ايس فهيم قريشي ڪمانڊو ڊسڪوڙ سپورٽ يونٽ جي اهلڪارن سميت پاڪ رينجرز ۽ سنڌ پوليس پڻ حصو ورتو. ڪارروائي دوران شهر جي مختلف علائقن محمدي چوڪ . ڪالي روڊ . ايم اي جناح روڊ . شاهنواز جوڻيجو فيڊر . شهداپور روڊ . ٻٽ شاهه روڊ تي ڳوٺن ۾ بجلي چوري ۾ ملوث 50 کان وڌيڪ غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽڻ سان گڏ لکين رپين جون بقاياڻون به وصول ڪيون ويون حيسڪو اختيارين موجب بجلي چوري ۽ باقيدارن خلاف مهم جو سلسلو جاري رهندو ۽ ان ۾ وڌيڪ تيزي پڻ آندي ويندي ايڪسيئن ٽنڊو آدم غياث الدين شيخ لاڳاپيل آفيسرن ۽ لائين اسٽاف کي هدايتون جاري ڪندي چيو آهي ته بجلي چوري جي خاتمي ۽ بقاياڻن جي وصولي لاءِ ڪارروائي کي وڌيڪ موثر بڻايو وڃي ته جيئن اداري کي مالي استحڪام ملي ۽ صارفين کي بهتر سهولتون فراهم ڪري سگهجن

بقايا 7 سهيل انور سيال

شهيدن کي پيدا پيش ڪئي ويندي. جڏهن ته تقريب ۾ ساحر علي بگا، حديقه ڪياني سميت ملڪ جا ناليوارا فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا. هن چيو ته ڀارت خلاف پاڪستان جي دفاعي حڪمت عملي ڪامياب رهي آهي ۽ پاڪستان هر قسم جي سازشن جو ڀرپور جواب ڏنو آهي سنڌس چوڻ هو ته صدر آصف علي زرداري ۽ آرمي چيف عاصم منير جي قيادت ۾ پاڪ فوج ڀارتي اڳواڻن جو منهن ٽوڙ جواب ڏنو جڏهن ته افغانستان سان لاڳاپيل معاملن ۾ به پاڪستاني فوج موثر حڪمت عملي اختيار ڪئي هڪ سوال جي جواب ۾ سهيل انور سيال چيو ته عالمي سطح تي ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڇڪتاڻ سبب پيٽرول بحران پيدا ٿيو جنهن جا اثر پاڪستان تي به پيا، تنهن ڪري حڪومت کي پيٽرول اگهن ۾ واڌ ڪرڻي پئي پر جيڪڏهن آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ معاهدو ٿي وڃي ٿو ته اميد آهي ته پيٽرول جون قيمتون گهٽ ٿينديون هن چيو ته عورتن کي ڪارو ڪري قتل ڪرڻ وارن واقعن بابت سوال تي هن چيو ته اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ سخت قانون موجود آهن ۽ حڪومت اهڙن ڏوهن ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪري رهي آهي سکر ۾ پيش آيل واقعي بابت پارٽي قيادت نوٽيس ورتو آهي ۽ جوابدارن کي سزا ڏني ويندي. هن وڌيڪ چيو ته مخالف ڌر هر چونڊ ۾ دعوائون ڪندي رهي آهي، پر پاڪستان پيپلز پارٽي هر ڀيري وڌيڪ سيٽون حاصل ڪيون آهن سنڌس چوڻ هو ته منشيات خلاف سنڌ حڪومت سخت قدم کڻي رهي آهي ۽ پوليس کي به واضح هدايتون ڏنيون ويون آهن ڇاڪاڻ منشيات نوجوان نسل لاءِ وڏو خطرو بڻجي رهي آهي. سهيل انور سيال چيو ته سنڌ ۾ هن وقت خشڪ سالي يا پاڻي جي کوٽ واري صورتحال رپورٽ ناهي ٿي جڏهن ته بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي ننڍن آبادگارن کي هاري ڪارڊ ذريعي ٻج ۽ ڀاڻ لاءِ مالي سهائتا فراهم ڪئي پئي وڃي ته جيئن زراعت کي هٿي ملي ۽ آبادگار خوشحال ٿي سگهن.

بقايا 8 جوابدار گرفتار

خورشيد جي انچارج پير وحيد چانڊيو ڳجهي اطلاع تي ڪراچي ۾ مبينا ڇاپو هنيو جتي ڪامياب ڪارروائي دوران مغوي نينگري صائمه کي بازياب ڪرائي ٻن اغواڪارن کي موقعي تان گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي ويئي. گرفتار جوابدارن خلاف سائيٽ ٿاڻي تي اغوا جي قلم هيٺ ڪيس داخل ڪري ڪين جيل اماڻيو ويو آهي نينگري جي بازيابي تي وارثن ۽ علائقي واسين ۾ خوشي شهرين جي وڏي انگ ٿاڻو سائيٽ پهچي انچارج پير وحيد چانڊيو کي گلن جا هار پارايا ۽ پوليس ٽيم کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪيو. نينگري جي والدين ايس ايس پي ڄامشورو ڊي ايس پي ڪوٽڙي، ايس ايڇ او سائيٽ ۽ انچارج پير وحيد چانڊيو جا ٿورا مڃيا چيو ته ڄامشورو پوليس اسان جي عزت بچائي نينگري کي بازياب ڪرايو آهي ايس ايس پي ڄامشورو ڪامياب ڪارروائي تي پوليس ٽيم کي شاباس ڏيندي چيو ته ٻارن ۽ عورتن خلاف ڏوهن ۾ ملوث عنصرن سان سختي سان نبيرو ڪيو ويندو

بقايا 9 ڪاهي ويا

سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي. جڏهن ته پوليس هن مهل تائين ڪجهه به نه ڪري سگهي آهي

بقايا 10 مدد جي اپيل

ٿي آهي. وارثن اعليٰ اختيارين کان اپيل ڪئي آهي ته هو سندن پٽ جي ڳولا ۾ مدد ڪن

بقايا 11 هڪ کي بچايو ويو

پورهيتن تي ڪري پئي يڪ ڪرڻ سبب 2 پورهيت راڄا خاصخيلي ۽ علي رضا ٻبر ريتيءَ هيٺان دٻجي ويا 17 ورهين جو راڄا خاصخيلي ٿڌي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته ساٿي پورهيتن نوجوان علي رضا ٻبر کي موقعي تي ريتيءَ مان ڪڍي سندس حياتي بچائي ورتي. جڏهن ته علي رضا ٻبر کي زخمي حالت ۾ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙيءَ آندو ويو. جڏهن ته فوتي نوجوان جو مڙهه به ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو اسپتال انتظاميا فوتي نوجوان جو مڙهه ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو. هن افسوسناڪ واقعي جو ٻڌي شهر اندر سوڳ ڇانئجي ويو. جڏهن ته فوت حادثي ۾ فوت ٿيل جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو . سڄاڻ ڌرين پاران جاچ جو مطالبو.

بقايا 12 احتجاجي مظاهرو

ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي ثناءُ الله اڄڻ، محمد صديق سجاد علي محمد نواز اڄڻ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. موقعي تي مظاهرين

احتجاج ڪندي ٻڌايو ته ڀهارو ٿاڻي جي پوليس ڳوٺ جي بااثر ماڻهن جي چوڻ تي اسان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري رهي آهي جنهن سبب سندن جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي هنن چيو ته ڪين مسلسل حراسان ڪيو پيو وڃي ۽ سندن گهرن تي چڙهايون ڪري عورتن ۽ ٻارن کي به خوف ۾ مبتلا ڪيو ويو آهي احتجاج ڪندڙن ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي سندن خلاف داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن ۽ ڪين تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 13 مدد جي اپيل

فرار ٿي ويو آهي جيڪو لاڳيتو لاپتا ٿي ويو آهي هن چيو هن مونکي هڪ شناختي ڪارڊ جي فوٽو ڪاپي ڏني هئي اها مان حد جي اي سيڪشن ٿاڻي تي اهڙي رپورٽ داخل ڪرائي آهي پر پوليس ڳولا ڪرڻ ۾ مدد نٿي ڪري هن چيو مان ان جي ڏنل ايڊريس تي گهر به ويو آهيان هو اتان به لڏو ڪٽي ويو آهي هن آءِ جي ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي ڄامشورو کان مطالبو ڪيو آهي ته منهنجي ٻچن جي روزي روزگار جو ذريعو رڪشا واپس ڪرائي مونسان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 14 پلال سڙي رک

ضلعي سجاول ۾ فائر برگيڊ گاڏي ۽ باهه تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ عملي جي سهولت نه هجڻ ڪري انتظاميا پاران لڳل باهه تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڪو به تحرڪ نه ورتو ويو جنهن بعد علائقي واسين پنهنجي مدد پاڻ تحت چئن ڪلاڪن بعد چوپائي مال جي واڙي کي لڳل باهه تي ضابطو آندو ويو انهي موقعي تي واڙي جي مالڪ ڳستا اڳواڻ عبداللطيف شوري صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته شڪ آهي ته منهنجي چوپائي مال جي واڙي ۾ رکيل پلال کي هٿرادو باهه ڏني وئي آهي اهڙو اطلاع پوليس کي پڻ ڏنو آهي هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته لڳل باهه واري واقعي جي جاچ ڪري انصاف ڪيو وڃي ٻئي طرف شهر جي گهاڙي واهه پرسان ڳوٺ احمد ملاح ۾ اوچتو باهه لڳڻ سبب فيضو ملاح، بشير ملاح سميت ٽن ڳوٺاڻن جا گهر سڙي رک ٿي ويا، شهر ۾ فائر برگيڊ گاڏي نه هجڻ ڪري باهه واقعن سبب علائقي واسي سخت پريشان بڻجي ويا آهن هوڏانهن پوليس رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته اطلاع تي بروقت شورا محلي ۾ لڳل باهه واري هنڌ پهچي واڙي جي مالڪ کان تفصيل ورتا آهن معاملي جي جاچ ڪئي پئي وڃي، واضح رهي ته سنڌ سرڪار پاران باهه واقعن تي فوري طور ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ضلعي انتظاميا کي فوري طور هنگامي بنيادن تي قدم کڻڻ جون سخت هدايتون ڏنيون ويون آهن ليڪن ضلعي سجاول جي انتظاميا جي نااهلي سبب شهر جي آبادي وارن علائقن ۾ لڳندڙ باهه تي ضابطو آڻڻ لاءِ فائر برگيڊ عملي سميت سموري ضلعي ۾ فائر برگيڊ گاڏي به موجود ناهي جنهن ڪري ڪنهن به وقت ضلعي جي ڪنهن شهر ۾ امڪاني طور وڏي نقصان ٿيڻ جو انديشو آهي سنڌ سرڪار کي گهرجي ته اوچتو لڳندڙ باهه واقعن ۾ غفلت ۽ لاپرواهي جو مظاهرو ڪندڙ ضلعي انتظاميا سميت تعلقي ميرپوربٺورو جي عملدارن خلاف ڪارروائي ڪري انهن کان پڇاڻو ڪيو وڃي

بقايا 15 فوت ٿي ويو

مان طبي امداد ڏئي لاڙڪاڻي نيو پئي ويو ته رستي ۾ سندس ساهه جي تند ٽٽي پئي ڊاڪٽرن موجب گهڻو رت وهڻ سبب سندس موت واقع ٿيو فوتي نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو بعد ۾ سندس اباڻي ڳوٺ ۾ سندس جنازي نماز ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان سلهاڙيل شخصيتن سردار علي ڏنو خان گاڏهي، حاجي بشير احمد گاڏهي، سيد نور شاهه بخاري، ايڊووڪيٽ ساجد مهيسر ايڊووڪيٽ امتياز مهيسر پروفيسر سائين بخش قبولائي، حيدر بخش جوڻيجو، ڪاشف علي گاڏهي، فقير عبدالغفار ٻگهيو نور احمد هيسباڻي محمد حسن جهتيال، احمد علي سومرو، طاهر نور هيسباڻي، محمد آچر ڪلهوڙو، مختيار چانڊيو بابر علي ٻگهيو ۽ احسان علي ڏهر سميت گاڏهي برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مرحوم کي سوين آلين اکين سان مقامي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو

ويو جڏهن ته پوئٽين سان تعزيتن جو سلسلو جاري آهي

بقايا 16 راشد محمود سومرو

وڏڻ جي ضرورت آهي جڏهن ته جي يو آئي پاران 19، 20 ۽ 21 مارچ 2027ع تي سکر ۾ ٿيندڙ عالمي امن ڪانفرنس ۾ 50 لک ماڻهن جي شرڪت جو هدف رکيو ويو آهي. ٿلي ۾ جي يو آئي سنڌ جي صدر مولانا عبدالقيوم هاليجوي ۽ ٻين صوبائي اڳواڻن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي مولانا راشد محمود سومرو چيو ته سکر امن ڪانفرنس لاءِ محمد بن سلمان، رجب طيب اردگان سميت سعودي عرب، ترڪي، آمريڪا، آفريڪا، قطر، ابوظهبي ۽ ٻين ملڪن جي ناليوارن عالمن ۽ حڪمرانن کي دعوتون ڏنيون وينديون ته جيئن دنيا ۾ امن رواداري ۽ ڀائيچاري جو مثبت پيغام عام ڪري سگهجي، هن چيو ته سياست اصل ۾ رواداري، برداشت ۽ اخلاقي قدرن جو نالو آهي پر افسوس جو ملڪ ۾ سياسي ماحول کي غير مهذب ٻولي ۽ غير اخلاقي روين ذريعي خراب ڪيو پيو وڃي. سنڌس چوڻ هو ته ڪارڪردگي حڪومت کي ڏيکارڻي آهي، پر حڪمرانن پاران اختيار ڪيل زبان ۽ روين سبب سنڌي قوم ۾ پنهنجي خلاف نفرت پيدا ڪئي پئي وڃي. مولانا راشد محمود سومرو چيو ته راشد شاهه هڪ معزز گهراڻي سان تعلق رکندڙ سياستدان آهي ۽ سنڌس حوالي سان استعمال ڪيل ٻولي انتهائي نازيبا آهي.

بقايا 17 دعوي

بچائڻ لاءِ سخت حڪم جاري ڪيا آهن انهن حڪمن جي روشني ۾، پوليس مختلف پوليس اسٽيشنن جي حدن ۾ ڪامياب ڪارروائيون ڪيون ۽ 14 جوابدارن کي رنگي هٿ گرفتار ڪيو ضلعي جي مختلف پوليس اسٽيشنن جي ايس ايڇ اوز جن ۾ *اي سيڪشن، بي سيڪشن، ايئرپورٽ، تعلقو نوابشاهه، جام داتار، سات ميل، اسڪرنڊ ۽ باندي* شامل آهن. پنهنجي ٽيمن سان گڏ ڇاپا هنيا. گرفتار جوابدارن جي تفصيل هن ريت آهن گرفتار ٿيل جوابدارن ۾ سلمان شيخ، شهزاد شيخ، عامر مسيح، نور نبي بروهي، عبدالمنان جمالي، رضا وحيد ملڪ، محمد بلال عرف ملا طالبان راجپوت، آصف علي جمالي، شمس الدين رند، جاويد علي رند، شمن علي شاهه شيوا اوڍ، قمر بروهي ۽ عبدالڪريم سيٺهر شامل آهن پوليس جوابدارن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ هيٺيون ممنوع شيون هٿ ڪيون: Z-21، جيڪو صحت لاءِ نقصانڪار آهي چرس ۽ وڏي مقدار ۾ ڀنگ. گرفتار ٿيل سڀني جوابدارن خلاف نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت لاڳاپيل پوليس اسٽيشنن ۾ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 18 انصاف جو مطالبو

نياڻين سان گڏجي مڙس جي گهر رهندي آهيان جڏهن ته مڙس جا ڀائر الڳ گهرن ۾ رهندا آهن

بقايا 19 احتجاج

نوجوان ڪامران هيسباڻي ۽ ڳوٺ جي نوجوان ناري ثمرين ڌيءِ علي مراد هيسباڻي 10 مهينا اڳ پسند جي شادي ڪرڻ لاءِ گهران نڪري ويا هئا، پر سندن شادي ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ناري ثمرين جي وارثن ڪيس هٿ ڪري قتل ڪري ڇڏيو هو جڏهن ته نوجوان ڪامران هن وقت تائين فرار آهي. اهڙي معاملي اسان جو ڪو به واسطو ناهي ان جي باوجود ناري جو ڀري مائٽ ٻقاپور ٿاڻي جو پوليس اهلڪار اسد هيسباڻي،سندس ڀائر اعتبار بلاول توڙي بااثر ڇاچو ڀيرل هيسباڻي مون سميت منهنجي گهر ڀاتين کي بيگناهه تنگ ڪري رهيا آهن جن اڄ منهنجي مٿان حملو ڪري هٿيارن جا بٽ هڻي مون کي زخمي ڪرڻ کان پوءِ هوائي فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا، اهڙي واقعي اين سي حد جي باقراڻي ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي پر باقراڻي پوليس پنهنجي پٽي پائي اسد هيسباڻي ۽ سندس ڀائرن ۽ ڇاچي خلاف ڪا به ڪارروائي نه پئي ڪري، ويتر بااثر طرفان اسان کي خاموش رهڻ لاءِ موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جيڪو سراسر ظلم ۽ زيادتي آهي هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته باقراڻي پوليس کان پڇاڻو ڪري بااثرن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 20 چڪتاڻ

پاڻي چوري جو عذاب نه گهٽيو گذريل رات دير سان اڪوٽا شاخ جي منڍ جي آبادگارن پاران پائپ لڳائي زرعي پاڻي چوري ڪري رهيا هئا ته ڇيڙي جي آبادگارن پهچي ڪيس سوگهو ڪري ورتو چڪ چڪان بعد ڳوٺاڻن پهچي جهيڙي کي ختم ڪرايو ڇيڙي جي آبادگارن مير وجاهت، طاهر علي، الياس ۽ ٻين الزام لڳايو آهي ته آبپاشي عملي جي مبينا ملي ڀڳت سان منڍ جا آبادگار سرعام پائپ لڳائي پاڻي چوري ڪري رهيا آهن پاڻي چوري ٿيڻ سان ٽيلن ۾ هڪ فٽ پاڻي جي لاٽ اچي رئي آهي اسان جا پوکيل فصل سڙي رهيا آهن هر ڀيري منڍ جا آبادگار آبپاشي وارن کي لکين روپيا رشوت ڏئي پاڻي چوري ڪن ٿا جنهن سان ڇيڙي ۾ پاڻي نٿو پهچي آبادگارن کي لکين رپين جو نقصان ٿئي پاڻي چوري ۾ جيڪي به ملوث آهن انهن خلاف ڪارروائي ڪري سخت سزا ڏني وڃي جيئن ڇيڙي جا آبادگار معاشي نقصان کان بچي سگهن هوڏانهن آخري اطلاعن تائين ڪيس داخل نه ٿي سگهيو ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته ايس ڊي او آبپاشي ليٽر جاري ڪرڻ بعد معاملو راڄوڻي ذريعي حل ڪرڻ ۾ رڌل آهي جنهن جي ڪري ڪيس داخل ڪرڻ ۾ دير ڪئي پئي وڃي.

بقايا 21 احتجاج

پاڻي جهڙي بنيادي سهولت به فراهم نه ٿي سگهي آهي. هنن چيو ته شهر اندر رهڻ باوجود هو بنيادي سهولتن کان محروم آهن جتي نه گيس جي سهولت موجود آهي ۽ نه ئي پاڻي جي. احتجاج دوران رهواسين نعريبازي ڪندي چيو ته "اسان جو جائز مطالبو حل ڪيس پيئڻ لاءِ پاڻي ڏيو جيئڻ لاءِ پاڻي ڏيو پاڻي اسان جو حق آهي." احتجاج ۾ بابو شيخ، محمد عمر سانوڻ شيخ، الهبخش شيدي ۽ ٻين شرڪت ڪئي جن اختيارين کان فوري طور پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائڻ جو مطالبو ڪندي خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن مسئلو حل نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو.

بقايا 22 ڪيس داخل

گرفتار پوليس گرفتارين کان لاتعلقي ظاهر ڪري ڇڏي، چڪتاڻ جاري.

بقايا 23 خودڪشي

ڪوشش ڪئي جنهن کي علائقي واسين ڳلتي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو

بقايا 24 احتجاجي مظاهرو

ڪنهن به غيرقانوني سرگرمي سان ڪو واسطو ناهي. هنن چيو ته پنج ڏينهن اڳ ڪيس قاسم آباد جي علائقي عمارسڪي واري علائقي مان ڪنهي گم ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ هنن مختلف ٿاڻن ۽ لاڳاپيل ادارن سان رابطو ڪيو آهي پر ڪيس ڪٿي ظاهر ناهي ڪيو ويو آهي هنن چيو ته جيڪڏهن مبشر لغاري مٿان ڪو الزام آهي ته ڪيس قانون موجب عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي ڪنهن به شهري کي بنا جواز ڪنهي گم ڪرڻ آئين ۽ قانون جي سنگين ڀڃڪڙي آهي اهڙا واقعا خاندان لاءِ اذيت جو سبب بڻجن ٿا. هنن انساني حقن جي تنظيمن کان اپيل ڪئي ته معاملي جو فوري نوٽس وٺي مبشر لغاري کي بازياب ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن

بقايا 25 نوجوان زخمي

جي گهر ۾ داخل ٿي سڌيون گوليون هلايون جنهن ۾ اسان جو هڪ نوجوان عبدالرحمان ڪالرو گولي لڳڻ سبب زخمي ٿيو آهي جنهن کي حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي هنن وڌيڪ چيو ته پوليس منشيات جي آڙ ۾ بيگناهه ماڻهن سان ظلم ڪري رهي آهي جڏهن ته پوليس عملدارن جي آشيرواد سان منشيات هلي رهي آهي انهن کي ڪير چوڻ وارو ناهي هنن آءِ جي سنڌ . ڊي آءِ جي حيدرآباد . ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کان گهر ڪئي ته بنا دير نوٽيس وٺي ملوث پوليس عملدارن خلاف ڪارروائي ڪري ڳوٺاڻن سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 26 احتجاجي مظاهرو

ڪيترائي ڊرائيور بيمار ٿي چڪا آهن جڏهن ته اسان جا ڪيترائي ڊرائيور سخت گرمي سبب پنهنجون زندگيون وڃائي ويٺا آهن هنن چيو ته سڄي سنڌ ۾ سرڪار پاران مستقل اسٽينڊ ڏنل آهن جتي ڇانو سان گڏ پيئڻ جي پاڻيءَ جو بندوبست پڻ ٿيل آهي پر اسان مٽياري وارن کي روڊن رستن تي دربدر ڪيو ويو آهي اسين مٽياري ضلعي جي چونڊيل نمائندن ضلعي ۽ ٽائون ڪميٽي انتظاميا کي اپيل ٿا ڪريون ته خدا جي واسطي اسان ڊرائيورن کي مستقل ٽيڪسي اسٽينڊ ڏئي اسان جون تڪليفون ختم ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا 27 احتجاجي مظاهرو

فڪر جي اڳواڻن کي ريلي ۾ شامل ٿي ٻارڙي جي بازيابي لاءِ ساٿ ڏيڻ ۽ سندن آواز بڻجڻ جي اپيل ڪئي آهي

HIRING OF A TRANSPORTATION FIRM/CONTRACTOR FOR SHIFTING OF APPROXIMATELY 76815.814 M. TONS (±15%) FAQ WHEAT FROM PASSCO ALIPUR ZONE TO PASSCO GODOWNS IN MULTAN & KHANEWAL ZONES

1. Pakistan Agricultural Storage and Services Corporation Limited (PASSCO), a Public Limited Company, invites electronic bids from well reputed Companies/Firms/Transporters for shifting of approximately 76815.814 M. Tons (±15%) FAQ Wheat from PASSCO Alipur Zone to PASSCO Godowns in Multan & Khanewal Zones.
2. The Bidding shall be conducted in line with rule 36 (a) **“Single Stage-One Envelope Procedure”** of the Public Procurement Rules, 2004. All bidders shall quote their per metric ton rate inclusive of loading, unloading, Labor charges, POL, all applicable taxes & duties, toll taxes & 0.25% stamp duty and other connected services mentioned in the bidding document. All bids must be accompanied by a Bid Security (as per Rule 25 of PPRA Rule) in the form of Pay Order/ Demand Draft, Cashier's Cheque or Banker's Cheque issued by any scheduled Bank in Pakistan in favour of PASSCO. The successful bidder will deposit 10% Performance Security/Guarantee of actual contracted amount/ value before signing of agreement. **Cash, Personal Cheque, Call Deposit Receipt (CDR) or Security Deposit Receipt (SDR) will not be accepted and bid shall be rejected**. The Company shall bear all cost associated with the preparation and submission of its documents. while PASSCO, in no case shall be responsible or liable for that cost, regardless of the conduct or outcome of the bidding process.
3. The Advertisement alongwith Bid Document can also be viewed on the websites of EPADS 2.0 www.epads.gov.pk. PASSCO www.passco.gov.pk and PPRA www.ppra.org.pk. Bids can only be **submitted online via EPADS 2.0**, whereas bids submitted manually shall be rejected.
4. The offered bids shall remain valid for **One Hundred Twenty (120) days** from the bid submission deadline. All bids received shall be opened and evaluated in manner prescribed in the bidding documents uploaded on EPADS 2.0. The bid will be opened as per below mentioned schedule:-

Tentative Quantity to be shifted by PASSCO	Price of bidding documents	Pre-Bid Meeting for any Clarification	Last date for purchase of bidding documents	Bid security	Date & Time of opening of bid
76815.814 M. Tons (±15%)	Rs. 5,000	12-05-2026 (1200 Hours)	21-05-2026	Rs. 10,000,000	25-05-2026 (1230 Hours)

5. Bids addressed to General Manager (Commercial) should be submitted online via EPADS V2.0 by **1200 Hours, 25-05-2026** (as per Rule 28 of PPRA Rules) and will be opened at **1230 hours** on the same day. However, original Bid Security instrument must reach this office on or before opening date and time of bid.
6. It is mandatory for interested parties to purchase bid documents on written request on their letter head from the office of Manager (Cash), PASSCO, Head Office, 11-Kashmir Road, Lahore, on cash payment of **Rs.5,000/-** Nonrefundable (Phone No. (042-99201461-62) Ext. 1319.
7. The PASSCO Management reserves the right to reject all proposals under Rule 33(1) of PPRA Rules. Interested parties can obtain further information from the office of Officer Incharge (Commercial) during office hours (**0800 hours to 1600 hours**) on telephone No. 042-99201466-Ext. 1403.

PID(L)3094/25

General Manager (Commercial)
Pakistan Agricultural Storage & Services Corporation Limited (PASSCO);
Head Office, 11 Kashmir Road, Lahore.
Phone No.042-99201466; Website: www.passco.gov.pk

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگس ڊويزن شهيد بينظير آباد

No. TC/G-55/254 of 2026

SBA Dated. 06-05-2026

(EPADS) ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

1. هيءَ آفيس ويب سائيٽ "http://portalsindh.eprocure.gov.pk/" تي اي پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم اي پيڊس ذريعي هيٺين ڪمن لاءِ دلچسپي رکندڙ اهل ٺيڪيدارن / فرمن / ڪمپنين کان SPPRA اي-پروڪيورمينٽ جي شرطن مطابق ٽينڊر طلب ڪري ٿي

شمار نمبر	ڪم جو نالو	ڪُل رقم (ملين روپين ۾)	ٺيڪيدار جي PEC ڪيٽيگري	اسپيشلائيزڊ ڪوڊ(s)	ٽينڊر في	5٪ بِڊ سيڪيورٽي (ملين ۾) CD-R فقط	مڪمل ڪرڻ جو مدو
01	ايم اينڊ آر رورل هيلٿ سينٽر پنهل خان چانڊيو، تعلقو سڪرنڊ، ضلعو شهيد بينظير آباد	28.680	C-6 ۽ ان کان مٿي	CE-01, CE-10	3000/-	1.434	جون 2026 تائين
02	ايم اينڊ آر رورل هيلٿ سينٽر پنهل خان چانڊيو، تعلقو سڪرنڊ (اليڪٽريڪل ڪم)	1.00	گهربل دستاويز		3000/-	0.050	جون 2026 تائين

2. **درخواست ڏيڻ جو طريقو:**
   - i. واڪ جا تفصيلي دستاويز ويب سائيٽ "http://portalsindh.eprocure.gov.pk" تان ڏسي ۽ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
   - ii. آڇون صرف "EPADS" ذريعي اليڪٽرانڪ طريقي سان جمع ڪرائي سگهبيون. هٿرادو طور جمع ڪرايل درخواستون قبول نه ڪيون وينديون.
   - iii. اهل ٺيڪيدارن لاءِ لازمي آهي ته هو اي-آڇ جمع ڪرائڻ لاءِ EPADS تي رجسٽرڊ هجن.
   - iv. ٽينڊر في جو اصل پي آرڊر ۽ بِڊ سيڪيورٽي (ڪال ڊپازٽ رسيد) اي-آڇ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تي يا ان کان اڳ پروڪيورمينٽ ايجنسيءَ وٽ جمع ڪرائڻ لازمي آهي.
3. **ٽينڊر جي وصولي ۽ کلڻ جو پروگرام:**
   - i. واڪ دستاويز ويب سائيٽ تي اپلوڊ ٿيڻ بعد ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. فزيڪلي يا هٿرادو طور ٽينڊر جاري/ قبول نه ڪيا ويندا.
   - ii. سيئي آڇون SPPRA جي اي-پروڪيورمينٽ سسٽم (EPADS) ذريعي 20-05-2026 صبح 09:30 وڳي تائين يا ان کان اڳ جمع ڪرائي سگهبيون. جيڪي ساڳئي ڏينهن صبح 10:30 وڳي کوليو وينديون.
4. **اهليت / لازمي شرط:**
   - i. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) سان جون 2026 تائين لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ ڪوڊ ۾ رجسٽريشن جو صحيح سرٽيفڪيٽ.
   - ii. اليڪٽريڪل ڪم لاءِ اليڪٽرڪ انسپيڪٽريٽ ميرپورخاص ريجن (حڪومت سنڌ) جو لائسنس هجڻ لازمي آهي.
   - iii. گذريل 5 سالن دوران اهڙي نوعيت جي ڪمن جو تجربو:
     - گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪم جنهن جي قيمت هن پروجيڪٽ جي ڪل قيمت جي 80 سيڪڙو هجي.
     - يا ٻه اهڙا ڪم جن مان هر هڪ جي قيمت هن پروجيڪٽ جي 50 سيڪڙو هجي (ورڪ آرڊر ۽ مڪمل ٿيڻ جو سرٽيفڪيٽ لازمي آهي).
   - iv. فرم سان گڏ ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جو بايو ڊيٽا، تصديق ٿيل سي ويز (CVs) سان گڏ، جيڪي فرم سان وابستگيءَ کي ظاهر ڪن.
   - v. گذريل ٽن سالن جو سراسري ساليانو مالي ٽرن اوور اسڪيم /پروجيڪٽ جي برابر قيمت کان گهٽ نه هجي.
   - vi. گذريل ٽن سالن يعني 2022_23، 2023_24 ۽ 2024_25 جون ساليانيون آڊٽ رپورٽون. جيڪي (ICAP) مان رجسٽرڊ آڊٽ فرم پاران جاري ڪيل هجن. غير رجسٽرڊ فرم جي رپورٽ قبول نه ڪئي ويندي.
   - vii. گذريل پنجن سالن دوران (هر سال لاءِ الڳ الڳ) گهٽ ۾ گهٽ 15 سيڪڙو يا ان کان وڌيڪ ساليانو سراسري بيلنس هجڻ لازمي آهي. اصل بئنڪ سرٽيفڪيٽ جنهن ۾ ساليانو سراسري بيلنس جو ذڪر هجي، لازمي طور تي منسلڪ ڪيو وڃي.
   - viii. گذريل پنجن سالن جي بئنڪ اسٽيٽمينٽ (هر سال جي پهرين جولاءِ کان 30 جون تائين الڳ الڳ) فراهم ڪئي وڃي.
   - ix. انڪم ٽيڪس کاتي سان رجسٽريشن، NTN سرٽيفڪيٽ ۽ فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR) ۾ "Active" اسٽيٽس هجڻ ضروري آهي.
   - x. گذريل پنجن سالن جا سالياني انڪم ٽيڪس رٽرن (2020_21، 2021_22، 2022_23، 2023_24 ۽ 2024_25).
   - xi. هيٺ ڏنل صحيح ISO سرٽيفڪيشن يا بين الاقوامي طور تي مڃيل برابر سرٽيفڪيٽن جي دستيابي:
     - ڪوالٽي مئنيجمينٽ سرٽيفڪيٽ ISO 9001
     - انوائرمينٽل مئنيجمينٽ سرٽيفڪيٽ ISO 14001
     - هيلٿ اينڊ سيفٽي مئنيجمينٽ سرٽيفڪيٽ ISO 45001
   - xii. سنڌ رونيو بورڊ (SRB) جو رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ (Active اسٽيٽس سان) ۽ حڪومت سنڌ پاران جاري ڪيل موجوده تاريخ تائين صحيح پروفيشنل ٽيڪس سرٽيفڪيٽ.
   - xiii. بِڊ سيڪيورٽي صرف ڪال ڊپازٽ رسيد (CDR) جي صورت ۾ هوندي. جيڪا پاڪستان جي ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ مان هجي. بِڊ سيڪيورٽي شرڪت ڪندڙ فرم /ڪمپني جي کاتي مان هجڻ گهرجي. پي آرڊر، بئنڪ گارنٽي يا بئنڪ ڊرافٽ قبول نه ڪيو ويندو، ٻي صورت ۾ آڇ کي رد ڪيو ويندو
   - xiv. بِڊ سيڪيورٽي جي CDR ۽ ٽينڊر في جو پي آرڊر SPPRA جي EPADS ويب سائيٽ تي اپلوڊ ڪرڻ سان گڏ، آڇ کولڻ جي تاريخ کان اڳ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ فزيڪلي طور پڻ جمع ڪرائڻا پوندا.
   - xv. مڪمل ٽيڪنيڪل پروپوزل جي جاچ "ها / نه" يا "پاس / فيل" جي بنياد تي ڪئي ويندي. جيڪڏهن ڪو به ٺيڪيدار ڪنهن به معيار تي پورو نه لٿو ته ان کي نااهل قرار ڏنو ويندو
5. **خريداري جو طريقو (هڪ مرحلي تي ٻه لفافي):**

   واڪ / ٽينڊر دستاويز:
   - i. ٽينڊر في ۽ بِڊ سيڪيورٽي جا اصل دستاويز جيڪي NIT ۾ ذڪر ڪيل آهن، ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگز ڊويزن شهيد بينظير آباد جي نالي، اي-آڇ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تائين يا ان کان اڳ جمع ڪرائڻا پوندا، ٻي صورت ۾ ٽينڊر قبول نه ڪيو ويندو
   - ii. ٽيڪنيڪل طور تي اهي اهل ٺيڪيدار جن جا ريٽ وڌيڪ هجڻ ڪري ٽينڊر رد ڪيو ويو، انهن جي بِڊ سيڪيورٽي ڪامياب ٺيڪيدار کي ورڪ آرڊر جاري ٿيڻ کانپوءِ واپس ڪئي ويندي.
   - iii. ڪنهن به قسم جي غلط معلومات يا جڙتو دستاويز جمع ڪرائڻ جي صورت ۾، ٺيڪيدار/فرم کي موجوده ٽينڊر جي عمل مان نااهل قرار ڏئي بليڪ لسٽ ڪيو ويندو
   - iv. ٻيا سيئي شرط ۽ ضابطا SPPRA رولز 2010 (تازي ترميم ٿيل) ۽ ٻين لاڳاپيل قانونن، رولز ۽ نوٽيفڪيشنز موجب هوندا.
   - v. جيڪڏهن آڇ کلڻ واري ڏينهن تي پروڪيورمينٽ ڪميٽيءَ جو ڪو به ميمبر هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هوندو، ته آڇون ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊول موجب جمع ۽ کوليون وينديون.
   - vi. جوائنٽ وينچر جي اجازت نه هوندي.
   - vii. -/500 رپين جي اي-اسٽامپ پيپر تي حلف نامو ته فراهم ڪيل سيئي دستاويز، تفصيل ۽ مشينري جي ڄاڻ صحيح ۽ درست آهي. بوگس، ٽيمپرڊ (تبديلي ٿيل) يا غلط معلومات فراهم ڪرڻ جي صورت ۾ ڪمپني/ فرم کي ڪنهن به مرحلي تي بليڪ لسٽ ڪري سگهجي ٿو
   - viii. نمائندي کي لازمي طور تي مالڪ پاران جاري ڪيل -/500 رپين جو اي-اسٽامپ اٿارٽي ليٽر آڇ کلڻ واري ڏينهن ۽ وقت تي گڏ آڻڻو پوندو اي-اسٽامپ کانسواءِ ٻيو ڪو به اٿارٽي ليٽر قبول نه ڪيو ويندو
   - ix. فرم جي صورت ۾، ڊائريڪٽرن / پروپرائيٽرن جا مڪمل تفصيل پاور آف اٽارني سميت فراهم ڪرڻا پوندا. جيڪڏهن مالڪ اڪيلو آهي ته -/500 رپين جي اي-اسٽامپ تي اهڙو حلف نامو ڏيڻو پوندو
   - x. -/500 رپين جي اي-اسٽامپ پيپر تي حلف نامو ته فرم ڪنهن به سرڪاري کاتي سان ڪنهن به قسم جي قانوني تڪرار ۾ ملوث ناهي، نه ئي ڪو ڪم اڌ ۾ ڇڏيو اٿس ۽ نه ئي ڪم مڪمل ڪرڻ ۾ غير ضروري دير ڪئي اٿس.
   - xi. -/500 رپين جي اي-اسٽامپ پيپر تي حلف نامو ته فرم / ڪمپني هن وقت ڪنهن به وفاقي يا صوبائي سرڪاري کاتي پاران بليڪ لسٽ ٿيل ناهي.
   - xii. (a) ٽيڪنيڪل پروپوزل جي هر صفحي تي نمبر لڳل هجي ۽ فرم جي مالڪ پاران مهر (Stamp) سميت تصديق ٿيل هجي. (b) آڇ تي ڪمپني جي مهر لڳل هجڻ گهرجي.
   - xiii. ٽينڊر ۾ ذڪر ڪيل گهربل دستاويزن/ڄاڻ سان گڏ جمع ڪرائڻ گهرجن. جيڪڏهن ڪو به گهربل دستاويز گهٽ هوندو ته پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران ٽينڊر تي غور نه ڪيو ويندو
6. **شرط ۽ ضابطا:**
   - a. هيٺين حالتن ۾ آڇ رد ڪئي ويندي:
     - i. آڇ جي هارڊ ڪاپي يا هٿوهٿ آڇ قبول نه ڪئي ويندي.
     - ii. ڪوبه شرطيا ٽينڊر قبول نه ڪيو ويندو
     - iii. اهي آڇون جن سان گهربل رقم ۽ طريقي مطابق بِڊ سيڪيورٽي شامل نه هوندي.
     - iv. مقرر تاريخ ۽ وقت کان پوءِ اپلوڊ يا جمع ٿيل آڇون.
     - v. بليڪ لسٽ ٿيل فرمون.
     - vi. جيڪڏهن ڪنهن به مرحلي تي جمع ٿيل دستاويز جڙتو مليا.
   - b. آڇ جو ڪارآمدي مدو 90 ڏينهن هوندو
   - c. پروڪيورمينٽ اٿارٽي کي حق حاصل آهي ته هو SPPRA رولز 2010 تحت ڪنهن به يا سڀني ٽينڊر/آڇ کي رد ڪري سگهي ٿي.
   - d. جيڪڏهن حڪومت مقرر ڪيل تاريخن تي ڪنهن عام موڪل جو اعلان ڪري ٿي، ته ٽينڊر ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي معمول جي شيڊول ۽ SPPRA رولز موجب کوليا ويندا.
   - e. SPPRA سيئي رولز ۽ نوٽيفڪيشنز (تازي ترميم ٿيل) تي عمل ڪرڻ لازمي آهي.

درخواست جمع ڪرائڻ، معلومات ۽ ٽينڊر کولڻ جو هنڌ ۽ رابطو هيٺ ڏجي ٿو:
- ائڊريس (پتو): آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، بلڊنگس ڊويزن، شهيد بينظير آباد.
- ٽيليفون نمبر: 0244-9370153
- اي ميل ائڊريس: xenbldsba@gmail.com

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
بلڊنگز ڊويزن
شهيد بينظير آباد

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/1772/2026

پنوعاقل جي ڪچي ۾ اوڳاهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 2 ڄڻا مارجي ويا، هڪ زخمي

ڳوٺ بگن اوڳاهي ۾ چوپائي مال تان جهيڙي ۾ اعجاز مارجي ويو، سرور ۽ مجيد زخمي ٿي پيا

لاش ۽ زخمين کي تعلقي اسپتال آندو ويو جتي مجيد ٻه زخمين جا سور نه سهندي دم ڏنو

فوتي پائرن جا لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، زخمي کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سکر نيو ويو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل جي ڪچي ۾ چوپائي مال تان جهيڙي هڪ ڄڻو مارجي ويو 2 ڄڻا زخمي سڌڙجا جي ڪچي واري علائقي جي ڳوٺ بگن اوڳاهي ۾ اوڳاهي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ چوپائي مال تان بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ قتل ٿيل ٺڙواسي پورهيت جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

وينهيون سميجو جي وارثن، شهرين ۽ سماجي ڪارڪنن مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

روزگار خاطر ويل ڪنهن نه ڪنهن ٺڙواسي پورهيت کي گولين هڻي قتل ڪيو وڃي ٿو:مظاهرين

عمرڪوٽ (ڊ ر) ڪراچي ۾ هڪ هفتو اڳ گولين هڻي قتل ڪيل ٺڙواسي پورهيت وينهيون سميجو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پريس ڪلب عمرڪوٽ ٻاهران وارثن شهرين ۽ سماجي ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن دوران سخت نعريبازي ڪندي قاتلن کي فوري گرفتار ڪري متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي هوندو سميجو خدابخش سميجو ٻائيخان سميجو عبدالحڪيم علي محمد سميجو ۽ ٻين ڪئي مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي قاتلن خلاف سخت نعريبازي ڪندا رهيا، ان موقعي تي مظاهرين چيو ته ڪراچي جي وچ بازار ۾ پورهيت وينهيون سميجو کي بي رحمي سان قتل ڪيو ويو جنهن واقعي جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي هنن الزام لڳايو ته هر مهيني ڪراچي ۾ روزگار خاطر ويل ڪنهن نه بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سيدارجا: زمين جي مالڪي تان جهيڙي ۾ زخمي ٿيلن کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

مٽي ۾ 25 سالن جي نوجوان ڦاهو ڪائي خودڪشي ڪري ڇڏي

مٽي (ڊ-ر) مٽي شهر ڏرماڻي ڪالوني ۾ هڪ نوجوان مٿيش ولد ڪاڇبو عمر 25 سال گهر اندر واشروم ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته خودڪشي جو اصل سبب معلوم ٿي نه سگهيو آهي ۽ پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

ڪڪڙ ۾ بدامني چوٽ چڙهيل ٻن ڏينهن ۾ 3 موٽرسائيڪلون ڦر

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۾ بدامني تي ضابطو نه اچي سگهيو ، ٻن ڏينهن ۾ نامعلوم هٿيارٻند ڦورو 3 موٽر سائيڪلون ڦر ڪري ويا آهن ، ٺرڙي جادو شهيد لنڪ روڊ تي متاثر ڳوٺاڻن شهري ايڪشن ڪاميٽي جي صدر مولانا اياز ٻبر، پ پ پ ش پ جي مرڪزي اڳواڻ ڪامريڊ بشير احمد سولنگي ، نثار احمد سولنگي ۽ ٻين سخت احتجاج ڪري ڏانهيندي چيو ته ٻن ڏينهن اندر ٺرڙي جادو شهيد لنڪ روڊ تان بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم ۾ حيسڪو پاران بجلي چورن ۽ باقيدارن خلاف آپريشن، غير قانوني ڪنيڪشن ڪٽيا ويا

ايس ڊي او ميرل خان ، ايل ايس فهيم قريشي ڪمانڊو رينجرز، پوليس ساڻ ڪري مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا

بجلي چوري ۾ ملوث 50 کان وڌيڪ ڪنيڪشن ڪاٽڻ سان گڏ لکين رپين جون بقاياڻون ٻه وصول ڪيون آهن: عملدار

ٽنڊوآدم (ن ع) حيسڪو چيف جي خصوصي هدايتن تي ايڪسيئن ٽنڊو آدم غياث الدين شيخ جي سربراهي ۾ بجلي چورن ۽ باقيدارن خلاف وڏي پيماني تي ڪارروائين جو سلسلو جاري آهي جاڻايل بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

خيرپور واسڻ کي اڳوڻي مڙس تشدد ڪري رتورت ڪري ڇڏيو، اسپتال داخل

ڊيڊي واري علائقي واسي سميرا ميمڻ کي وارڊ سول اسپتال منتقل ڪيو

متاثر عورت پاران انصاف ۽ جوابدار خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ميرن واري ڊيڊي واري علائقي جي رهواسڻ سميرا ميمڻ کي سندس اڳوڻي مڙس مبينا طور سخت تشدد جو نشانو بڻائي رتو رت ڪري ڇڏيو وارثن موجب تشدد سبب عورت زخمي ٿي پئي جنهن کي رتورت حالت ۾ علاج لاءِ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي ڪيس طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي متاثر عورت سميرا ميمڻ جو چوڻ آهي ته هوءِ پنهنجي ٻارن سان ملڻ لاءِ وئي هئي جنهن دوران سندس اڳوڻي مڙس مٿس تشدد ڪيو متاثر عورت ٻڌايو ته اڳوڻي مڙس کان 5 سال اڳ طلاق ٿيل آهي متاثر عورت پاران انصاف ۽ جوابدار خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي

سکر: پاڻي جي کوٽ سبب ماڻهو هڪ نلڪي تان پاڻي ڀرتي رهيا آهن

خيرپور جي وڪيل سيد نور شاهه جي ڪار چور کاهي ويا، ڪيس داخل

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ساڌاڻه ڳوٺ مان ايڊووڪيٽ سيد نور شاهه جي آلٽو ڪار چوري ٿيڻ جا سي سي ٽي وي فٽيجز هٿ اطلاعن موجب گذريل رات دير سان نامعلوم چور ايڊووڪيٽ سيد نور شاهه جي گهر ٻاهران بيهل آلٽو ڪار آسانيءَ سان چوري ڪري فرار ٿي ويا واقعي بعد ايڊووڪيٽ سيد نور شاهه پاران اي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو غلام علي: ٽائون چيئرمين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪيي پئي وڃي

مٽي پرسان چوپائي مال جي چورين خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

ڳوٺ ٽيڊيسر ۾ مال چوري جون وارداتون وڌي ويون، رهواسي پريشان

چورن کي سخت سزائون ڏئي علائقي ۾ امن بحال ڪيو وڃي: متاثر ڳوٺاڻا

مٽي (ڊ ر) مٽي لڳ ڳوٺ ٽيڊيسر کي ڳوٺاڻن پريس ڪلب مٽي اڳيان سخت احتجاج ڪندي چيو آهي ته اسان جي ڳوٺ ۾ چوپائي مال جي چورين جو آزار تمام گهڻو وڌي ويو آهي. ڳوٺاڻن دوست علي، عبداللطاف، صاحب دين، علي محمد، اوڀايو دل، سليم جوڻيجو ۽ ٻين چيو ته اسان ڪجهه ڏينهن اڳ چوپائي مال جو چور سڳ سوڌو پڪڙي پوليس حوالي ڪيا ۽ ان تي ڪيس پڻ داخل ٿيو ۽ هاڻي اهي چور اسان کي ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن ۽ انهن کي سزائون نٿيون ملن ان ڪري اهي آزاد ٿيو وڃن ٿا. هنن مطالبو ڪيو ته چورن کي سخت سزائون ڏنيون وڃن.

پنو عاقل مان نوجوان پراسرار طور غائب، وارثن پاران اعليٰ اختيارين کان ڳولا ۾ مدد جي اپيل

سکر (بيورو رپورٽ) ڳوٺ ولي محمد شيخ جي رهواسي عبدالشڪور شيخ صحافين کي پنهنجي پٽ جي ڳولا ۾ مدد جي اپيل ڪندي چيو ته سندس نوجوان پٽ مهتاب علي شيخ ٻه ڏينهن اڳ پنو عاقل مان پراسرار طور تي غائب ٿي ويو هن کي هر هنڌ ڳوليو ويو پر سندس ڪجهه به نه ملي سگهيو پوليس ٻه ڪيس ڳولڻ ۾ ناڪام بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙيءَ ۾ ريتيءَ جي دڪي تي ڪم ڪندڙ ٻن پورهيتن مٿان پڪ ڪري پئي، هڪ کي بچايو ويو

ريتيءَ جي دڪي تي ڪم ڪرڻ دوران پورهيت راجا خاصخيلي ۽ علي رضا ٻبر مٿان پڪ ڪري پئي

موقعي تي موجود ماڻهن بروقت ڪوشش ڪري پورهيتن کي ڪڍيو پر راجا خاصخيلي فوت ٿي ويو

لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙيءَ ۾ ريتيءَ جي دڪي تي ڪم ڪندڙ مزدورن جي مٿان پڪ ڪري پئي جنهن سبب 2 ڄڻا دٻجي ويا، هڪ نوجوان فوت، ٻئي کي بچايو ويو ڪوٽڙي سائيٽ ۾ واقع ريتيءَ جي دڪي تي ڪم ڪرڻ دوران ريتيءَ جي دڪي جي پڪ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ميرپوربٺورو ۾ چوپائي مال جي واڙي کي باهه، لکين رپين جو پلال سڙي رک

واڙي ۾ چوپايو مال موجود نه هجڻ ڪري وڏو نقصان ٽري ويو، همراهه باهه ڏيڻ جو شڪ

فائر برگيڊ سهولت نه هجڻ سبب علائقي واسين پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه ضابطو آندو

ڳوٺ احمد ملاح ۾ به ٽن گهرن کي باهه، ضلعي سطح تي فائر برگيڊ نه هجڻ تي سخت ڳڻتي

ميرپوربٺورو (ن ع) ميرپوربٺورو شهر جي علي بندر واري علائقي شورا محلي ۾ ڪسٽا اڳواڻ سائين عبداللطيف شورو جي چوپائي مال جي واڙي ۾ رکيل پلال کي اوچتو باهه لڳي وئي جنهن سبب چوپائي مال جي چاري لاءِ رکيل لکين رپين جي ماليت جو سمورو پلال سڙي رک ٿي ويو آهي جڏهن ته چوپائي مال جي واڙي ۾ لڳل باهه وقت سمورو چوپايو مال خوش قسمتي سان واڙي ۾ موجود نه هجڻ ڪري محفوظ رهيو جنهن ڪري واڙي جو مالڪ ڪروڙين رپين جي نقصان کان بچي ويو ، جڏهن ته شهر جي آبادي واري علائقي ۾ اوچتو باهه لڳڻ واري واقعي سبب علائقي واسي گهرن کان ٻاهر نڪري آيا ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت لڳل باهه کي وسائڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪري ڇڏيون اطلاع تي ٽائون ڪاميٽي ميرپوربٺورو جو چيئرمين پڻ پنهنجي عملي سميت پهچي ويو ليڪن شهر سميت بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ميرپوربٺورو: گهرن کي لڳل باهه مان شولا اٿي رهيا آهن

ٺٽو: جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمود سومرو پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ملڪ ۾ امن امان جي بحالي لاءِ مثبت سوچ سان اڳتي وڌڻ جي ضرورت آهي: راشد محمود سومرو

افسوس آهي جو ملڪ ۾ سياسي ماحول کي غير مهذب ٻولي ۽ غير اخلاقي روين ذريعي خراب ڪيو پيو وڃي

حڪمرانن پاران اختيار ڪيل زبان ۽ روين سبب سنڌي قوم ۾ پنهنجي خلاف نفرت پيدا ڪئي پئي وڃي

راشد شاهه هڪ معزز گهراڻي سان تعلق رکندڙ سياستدان آهي ۽ سندس حوالي سان استعمال ڪيل ٻولي انتهائي نازيبا آهي

ٺٽو(ڊ ر) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آئي) سنڌ جي سيڪريٽري جنرل مولانا راشد محمود سومرو چيو آهي ته ملڪ ۾ امن امان جي بحالي لاءِ سمورن گروهي اختلافن کي هڪ پاسي رکي مثبت سوچ سان اڳتي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ عورت جو ڏير تي جنسي ڏاڍائي ڪوشش جو الزام، انصاف جو مطالبو

ڳوٺ جڙيو چانڊيو واسڻ زبيده خاتون مڙس مرزا چانڊيو سان گڏجي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

ڏير مڙس جي غير موجودگي ۾ ڏاڍائي ڪوشش ڪئي آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر پرسان ڳوٺ جڙيو چانڊيو جي رهواسڻ عورت طرفان پنهنجي مڙس سان گڏجي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ڏير مٿان جنسي ڏاڍائي جي ڪوشش جو الزام لڳائيندي انصاف جي گهر ڪئي آهي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ عورت زبيده خاتون پنهنجي پورهيت مڙس مرزا چانڊيو سان گڏجي صحافين آڏو ڏانهيندي چيو ته مان پنهنجي مڙس ۽ 3 بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ باقراڻي واسي زخمي نوجوان جو بااثر اهلڪار جي زيادتين خلاف احتجاج

ڳوٺ مڏباهو واسي عمران هيسباڻي وارثن سان گڏجي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

پوليس اهلڪار اسد هيسباڻي ۽ سندس ساٿين جيمڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ مڏباهو واسي زخمي نوجوان پنهنجي ساٿين سان گڏجي بااثر پوليس اهلڪار ۽ سندس ساٿين جي مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ زخمي نوجوان عمران هيسباڻي پنهنجي ماروٽ اسرار ۽ سٿوت احسان هيسباڻي سان گڏجي صحافين آڏو ڏانهيندي چيو ته ڳوٺ واسي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

نئون ڪوٽ ۾ شاخن مان پاڻي چوري تي منڊ ۽ پڇڙي جي آبادگارن ۾ ڇڪتاڻ

اڪوٽا شاخ جي منڊ جي آبادگارن پاران پائپ لڳائي پاڻي چوري ڪندي پڇڙي جي آبادگارن سوگهو ڪري ورتو

سرعام پائپ لڳائي پاڻي چوري ڪري رهيا آهن، ٽيلن ۾ هڪ فٽ پاڻي جي لاٽ اچي وئي آهي:ٽيل آبادگار

نئون ڪوٽ (ن ع) نئون ڪوٽ جي شاخن ۾ پاڻي چوري جو عذاب نه گهٽيو ٽيلن ۾ هڪ فوٽ پاڻي لاٽ، اڪوٽا شاخ مان پائپن ذريعي پاڻي چوري ڪندڙن کي پڇڙي جي نه آبادگارن پڪڙي ورتو آبادگار اسهون سامهون لٺين ۽ مڪن جو وسڪارو وڊيو وائرل، خبر موجب نئون ڪوٽ جي شاخن ۾ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: مقامي اسڪول ۾ سماجي تنظيم پاران منعقد ڪيل سيمينار کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

پشاور: معرڪا حق ريلي ۾ ماڻهو فوجي جوان کي مٺائي کارائي رهيا آهن

گولاڙچي جي وارڊ نمبر 3 ۽ 4 جي رهواسين پيئڻ جي پاڻي کوٽ خلاف احتجاج

شيخ ڪالوني ۾ 400 کان وڌيڪ گهر آباد آهن، پر اڄ پيئڻ جي صاف پاڻي فراهم ناهي ٿيو

شهر ۾ رهڻ جي باوجود بنيادي سهولتون ٻه ناهن، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

گولاڙچي (ٿ ر) گولاڙچي جي وارڊ نمبر 3 ۽ 4 جي رهواسين پاران پيئڻ جي پاڻي ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو ويو. رهواسين جو چوڻ آهي ته گذريل 6 سالن کان هو مسلسل احتجاج، درخواستون ۽ پريس ڪانفرنسون ڪندا پيا اچن پر اڄ تائين سندن جائز مطالبن تي ڪو به ڌيان نه ڏنو ويو آهي. احتجاج ڪندڙن موجب شيخ ڪالوني ۾ 400 کان وڌيڪ گهر آباد آهن پر افسوس جو اڄ تائين علائقي واسين کي پيئڻ جي صاف بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ شادي شده عورت پاران آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ 25 سالا شادي شده عورت ياسمين زال امير حسين گهرو مسئلن سبب زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم ۾ داخل ڪيو ويو آهي

جامشوري واسي معذور جو رڪشا ڊرائيور ڪاهي فرار، ڳولا ۾ مدد جي اپيل

جامشورو(ڊ ر) شهر اندر گداگري ڪندڙ ٽنگن کان معذور شخص صدام حسين ڪونهارو جو پاڙي تي ڏنل رڪشا ڊرائيور ڪاهي لاپتا ٿي ويو آهي ان حوالي سان هن معذور صدام حسين جو چوڻ آهي سون 16 ڏينهن اڳ جامشورو جي مدينا ٽنگر ۾ رهندڙ رڪشا ڊرائيور اعجاز مڳسي کي مون پنهنجو پاڙي تي رڪشا ڏنو هو اهو ڪجهه ڏينهن رڪشا هلائڻ بعد ڪاهي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

باڊهه جي استاد يار محمد گاڏهي جو نوجوان پٽ اتفاقي گولي لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

30 ورهين جي عبدالستار گاڏهي کي بندوق صاف ڪندي گولي لڳي پئي

وارث کيس ڪنائي اسپتال پهتا ته ڊاڪٽرن فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي ته ڪهرام مچي ويو

باڊهه (ن ع) باڊهه لڳ ڳوٺ چڪرو جي رهواسي سياسي سماجي شخصيت استاد يار محمد گاڏهي جو نوجوان فرزند عبدالستار گاڏهي اتفاقي گولي لڳڻ سبب فوت ٿي ويو ٻڌايو پيو وڃي ته 30 سالا نوجوان عبدالستار گاڏهي بندوق صاف ڪري رهيو هو ته اوچتو ڪيس جنگهه ۾ گولي لڳي جنهن بعد ڪيس فوري طور تعلقه اسپتال بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه پوليس پاران 14 جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

نوابشاهه (رپورٽ مشرف پٽني) ايس ايس پي شهيد بينظير آباد سمير نور چنا جي هدايتن تي منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو 14 جوابدار گرفتار ڪيا ويا، وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪئي وئي ايس ايس پي شهيد بينظير آباد سمير نور چنا ضلعي ۾ منشيات جي لعنت کي ختم ڪرڻ ۽ نوجوان نسل کي هن لعنت کان بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: گرمي سبب ٻارڙا ڦليلي واهه ۾ وهنجي رهيا آهن

ٽنڊوالهيار ۾ منشيات فروشن خلاف عورتن جو معصوم ٻارڙن سان احتجاج

منشيات وڪرو روڪڻ ۽ شڪايت ڪرڻ تان گهر تي حملو ڪيو ويو: مظاهرين

عورتن کي زخمي ڪيو ويو نوجوان نسل تباهه پيو ٿي اعليٰ اختيارين نوٽيس وٺن

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي سنجرچانڊ ٿاڻي جي حد ڳوٺ طالب نوهاڻي جي رهواسي عورتن جو معصوم ٻارڙن سان گڏ علائقي جي منشيات فروش طرفان گهر تي حملو ڪري زخمي ڪرڻ خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي سوشل ڙال اشرف نوهاڻي ۽ سندس پٽ مرتضيٰ نوهاڻي ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته 32 ميل موري لڳ اسان جي ڳوٺ ۾ اسان جي برادري جا ماڻهون منشيات جو ڪاروبار ڪن ٿا انهن کي منع ڪرڻ ۽ سندن خلاف شڪايت ڪرڻ تان منشيات فروشن مجرمي اسان جي گهر تي حملو ڪري اسان کي ڏڪ هڻي زخمي ڪيو آهي هنن چيو ته بااثر منشيات فروش ڳوٺ ۾ چرس، آفيم، شراب ۽ ٻي منشيات سرعام وڪرو ڪري رهيا آهن اسان پوليس کي ٻه ڏانهيو پر حد جي پوليس مٿن ڪا ٻه ڪارروائي نٿي ڪري مجبور ٿي احتجاج بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

نئون ڳوٺ لڳ هوٽل تان گهرايل ماني کائڻ سبب 3 ڄڻا بيهوش

هوٽل جي ماني کائڻ سبب جنت بيبي، 6 ورهين جي بتول ۽ 5 سالن جي زهرا بيهوش ٿيون

بيهوش ٿيلن کي بيسڪ هيلٿ آندو ويو سهولتن جي کوٽ سبب ميهڙ ريفر ڪيو ويو

نئون ڳوٺ (ن ع) نئون ڳوٺ درگاهه مخدوم سعدي موسائٽي تي ديرا مراد جمالي واسي بنگل خان جي فيملي هوٽل تان ماني گهرائي کاڌي ته سندس ٻه ٻار 6 ورهين جي بتول 5 ورهين زهرا ۽ 32 ورهين جي جنت بيبي جن کي الٽيون شروع ٿي ويو جنهن ۾ 2 معصوم ٻار بيهوش ٿي وياجن کي بيسڪ هيلٿ نئون ڳوٺ آندو ويو جتي سهولتن جي اڻهوند سبب ڊاڪٽر فرسٽ ايڊ ڏئي گسس اسپتال ميهڙ رفر ڪري ڇڏيو متاثر خاندان جي وارث بنگل خان ٻڌايو ته مخدوم سعدي موسائٽي تي چونڪ راتين لاءِ مسافر خاني ۾ ڪرائي تي ڪمري ۾ رهيل آهيون هوٽل تان ماني گهرائي کاڌي ته ٻار ۽ گهر واري کي الٽيون ٿي ويون جن کي علاج لاءِ اسپتال آندو پر ڊاڪٽر کين وڌيڪ علاج لاءِ ميهڙ پيو موڪلي هوڏانهن بيسڪ هيلٿ يونٽ جي انچارج ڊاڪٽر امان الله چانڊيو ٻڌايو ته ٻن بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: تعليم کاتي پاران اسڪولن ۾ شاگردن جي داخلا بابت ريلي ڪيي پئي وڃي

9مئي 2025 پاڪستان جي تاريخ جو اهم ڏينهن ثابت ٿيو: سهيل انور سيال

صدر ۽ آرمي چيف جي قيادت ۾ پاڪ فوج پارٽي اڳوائين جو منهن ٽوڙ جواب ڏنو

پاڪستاني قوم کي آرمي چيف، ايئر فورس چيف ۽ نيول چيف تي مڪمل اعتماد آهي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ايم پي اي سهيل انور سيال لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته 9 مئي 2025 پاڪستان جي تاريخ جو اهم ڏينهن ثابت ٿيو جنهن ڏينهن پاڪستاني فوج دنيا آڏو پنهنجي صلاحيت جو مظاهرو ڪري دشمن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو هن چيو ته پاڪستاني قوم کي آرمي چيف، ايئر فورس چيف ۽ نيول چيف تي مڪمل اعتماد آهي ۽ پاڪ فوج هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي هن چيو ته 9 مئي تي پاڪ فوج جنگي محاذ تي پنهنجي بهادري ثابت ڪئي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه پاڪ فوج سان گڏ بيٺل رهي آهي سهيل انور سيال چيو ته 9 مئي جي حوالي سان شهر جي پي ڪي ايس گرائونڊ ۾ هڪ وڏي ميوزيڪل تقريب منعقد ڪئي پئي وڃي، جنهن ۾ پاڪ فوج ۽ سولين بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ پوليس ڪارروائي مبينا اغوا ٿيل نينگري بازياب، جوابدار گرفتار

بهار ڪالوني مان اغوا ٿيل 14 ورهين جي صائمه کي ڪراچي مان بازياب ڪرايو آهي: پوليس

ڇاپي دوران ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي پوليس جي ڪارروائي ، 14 ورهين جي نينگري بازياب، 2 جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪيس داخل ڪوٽڙي ايس ايس پي جامشورو جي هدايتن تي ڊي ايس پي ڪوٽڙي ۽ ايس ايڇ او سائيٽ جي نگراني ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ بهار ڪالوني مان اغوا ٿيل 14 ورهين جي نينگري صائمه کي پوليس ڪراچي مان بازياب ڪرائي ورتو بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڳوٺاڻن جو بااثرن ۽ پوليس جي زيادتين ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ الله وسايو اڄڻ واسين ثناءُ الله، صديق، سجاد علي ۽ ٻين ايس ايس پي آفيس آڏو احتجاج ڪيو

ڀهارو ٿاڻي جي پوليس ڳوٺ جي بااثرن جي چوڻ تي اسان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري رهي آهي: مظاهرين

اعليٰ عملدار معاملي جو نوٽيس وٺي داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪن

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي ڀهارو ٿاڻي جي حد ڳوٺ الله وسايو اڄڻ جي ڳوٺاڻن پاران ڳوٺ جي بااثرن ۽ پوليس جي مبينا زيادتين ظلمن خلاف تنهن سخت اُس ۾ ايس ايس پي آفيس خيرپور آڏو احتجاجي مظاهرو بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

دڙي لڳ پوليس ڳوٺ تي پوليس چڙهائي، ڇڪتاڻ، 5 اهلڪار زخمي، صحافي سميت 300 ڄڻن تي ڪيس داخل

رتا استاپ جي ڳوٺ طاهر سومرو ۾ پوليس جي منشيات موجودگي واري اطلاع تي ڪارروائي دوران پوليس ۽ ڳوٺاڻن وچ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي

پوليس جو ڳوٺاڻن تي مبينا فائرنگ، پٿراءُ ۽ ليڊيز اهلڪار سميت 5 اهلڪارن کي زخمي ڪرڻ جا الزام

پوليس ڪوريج ڪندڙ نجي ٽي وي جي رپورٽر سڄل سومرو، ساٿس گڏ نويد سومرو کي موقعي تان سخت تشدد بعد گرفتار ڪري ورتو

صحافي سڄل سومرو، نويد سومرو ۽ سميت 50 سڃاتل ۽ 250 اڻڄاتل جوابدارن خلاف دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل

دڙو (ن ع) دڙو پوليس طرفان رتا استاپ جي ڳوٺ طاهر سومرو ۾ منشيات خلاف هنيل ڇاپي بعد نجي ٽي وي چينل جي صحافي 6 عورتن ۽ مردن سميت 3 سئو ڄڻن خلاف دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل. صحافي سڄل سومرو سميت 4 ڄڻا بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

دڙو : پوليس ڌوهارين خلاف آپريشن لاءِ ڳوٺ ڏانهن وڃي رهي آهي

هالا واسي ڪينسر جي مرض سبب زهريلي دوا پي خودڪشي ڪري ڇڏي

هالا (ت ر) هالا جي طالب المولا ڪالوني جي رهواسي سيد امام علي عرف گڏو شاهه ڪينسر جي موضي مرض کان تنگ ٿي زهريلي دوا پي پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو. تفصيل موجب ڪينسر جي موضي مرض ۾ مبتلا هالا واسي طالب المولا ڪالوني جي رهواسي نوجوان سيد امام علي عرف گڏو شاهه پنهنجي گهر اندر زهريلي دوا پي خودڪشيءَ جي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي: زهريلي دوا پيئڻ سبب فوت ٿيل ناري جو لاش پيل آهي

پرياسٽي پرسان ڳهرو اٿبٽ تان شادي شده عورت آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ الله ڏتو پنهور ۾ 25 ورهين جي صابران زال رحيم بخش پنهور انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٿائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي پرسان ڳوٺ الله ڏتو پنهور ۾ شادي شده عورت 25 سالہ صابران زال رحيم بخش پنهور مبينا طور ڳهرو اٿبٽ گهر ۾ پيل اناج وارين زهريلي گورين کائي خودڪشي جون گوريون کائي زندگي جي انت آڻڻ جي ڪوشش ڪئي .وارثن زخمي عورت کي نواب شاهه اسپتال داخل ڪرايو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي وئي. واقعي واري هنڌ پرياسٽي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي نوشهروفيروز اسپتال مان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. فوتي عورت جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ڀاتين ۾ ڪهرام برپا ٿي ويو . ٻئي پاسي پرياسٽي ايس ايڇ او غلام مصطفيٰ ميراڻي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته واقعو ڳهرو اٿبٽ تان پيش آيو آهي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو آهي پوليس چيو ته وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون

ٽنڊوالهيار ۾ منشيات خلاف پوليس ڪارروائي دوران نوجوان زخمي، احتجاج

ڳوٺ ماڪ ڪالرو ۾ پوليس چڙهائي دوران عبدالرحمان ڪالرو زخمي ٿي پيو

ڳوٺاڻن جو چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪرڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج

پوليس منشيات جي آڙ ۾ بيگناهه ماڻهن سان ظلم ڪري رهي آهي:مظاهرين

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار پوليس جي ڳوٺ ماڪ ڪالرو ۾ منشيات خلاف ڪارروائي مبينا گولي لڳڻ سبب هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال منتقل ڳوٺاڻن جو پريس ڪلب آڏو احتجاج خبر موجب ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ ماڪ ڪالرو جي رهواسين پاران پوليس جي ناانصافين خلاف تاج محمد ڪالرو، فيض محمد ڪالرو، منير احمد ڪالرو، محمد سومار ڪالرو جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي ڳوٺاڻن ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته اسان کي ڊي ايس پي گهرايو اسان ڊي ايس پي سان ملاقات ڪري يقين ڏهاني ڪرائي ته اسان جي ڳوٺ ۾ ڪير منشيات جو ڪاروبار نه ڪندو جيڪڏهن منشيات هلي ته انهي جا ذميوار اسان هونداسين جنهن باوجود پوليس وڏي نفري سان گڏ اسان جي ڳوٺ تي چڙهائي ڪئي آهي هنن چيو ته پوليس چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪري اسان بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ مبشر لغاري جي بازيابي لاءِ وارثن جو احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد مان 9 ڏينهن اڳ کنيي گم ڪيل نوجوان مبشر لغاري جي بازيابي لاءِ سندس وارثن پاران ڪالهه ٻه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مبشر لغاري جي امڙ امامزادي، شماعيل لغاري، افضل لغاري ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته مبشر لغاري هڪ ذهين ۽ آئي ٽي جي ٽيهرين سال جو شاگرد آهي، جنهن جو بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5



لاڙڪاڻو: ايم پي اي سحيل انور سيال ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

مٽياري ۾ ٽيڪسي ڊرائيورن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

مٽياري (ڊ ر) مٽياري ضلعي هيڊ ڪوارٽر شهر ۾ مستقل ٽيڪسي اسٽينڊ نه ملڻ خلاف ڊرائيورن پاران سٽي پريس ڪلب مٽياري آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ٽيڪسي ڊرائيورن لياقت علي خاصخيلي، رفيق ملاح شڪيل ملاح، ڪارو ڪچي ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو آهي ته اسان سخت گرمي ۾ ٿڪجي اس ۾ سڄو ڏينهن ويهڻ تي مجبور آهيون بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ويجهو وهنجندي ڊرائيور ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

المنظر ڊائون اسٽريم وٽ وهنجڻ دوران عمر پناڻ ٻڏي ويو

پوليس مقامي ٽوبن جي مدد سان لاش ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو

ڄامشورو(ڊ ر) شهر اندر شديد گرمي جو شڪار ۽ المنظر پل وٽ ٺهندڙ واپڊا پراجيڪٽ تي ڪم ڪندڙ ڊرائيور عمر پناڻ المنظر ڊائون اسٽريم ۾ وهنجڻ دوران ٻڏي فوت. ريسڪيو ٽيم ۽ مقامي ٽوبن لاش ٻاهر ڪڍيو. پوليس پهچي ٻڏي ويل جو لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺڻ بعد لمس اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو هو

ڪنڊو باگو: سول سوسائيٽي پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ريلي ڪيي پئي وڃي

راڌڻ ويجهو اجالا پروين جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڪيترائي ڏينهن ٿي ويا آهن اڃا تائين اجالا بازياب ناهي ٿي: والد

10مئي تي گهنٽا گهر کان تائين ريلي ڪڍي وينديون، سياسي سماجي اڳواڻ ساٿ ڏين

راڌڻ (ن ع) راڌڻ ويجهو اياز ڪالوني جي رهواسي پرائمري استاد شمس الدين سولنگي پنهنجي نياڻي اجالا پروين سولنگي جي بازياب نه ٿيڻ تي اهم پريس ڪانفرنس ڪندي اعلان ڪيو آچر 10 مئي تي اياز ڪالوني کان گهنٽا گهر چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي بازڙي جي والد پاران ميهڙ شهر سميت سنڌ جي سياسي سماجي اڳواڻن سمورن مڪتب ونڊن بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV:)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن مٽياري
مين روڊ مٽياري شهر، نيشنل بينڪ آف پاڪستان مٽياري برانچ جي سامهون
اي ميل: executivephedivisionmatiari@gmail.com، فون نمبر: 0222760006
نمبر: TC/NIT/240 of 2025، مٽياري، تاريخ: 07/05/2026

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

1. هيءَ آفيس SPPRA سنڌ جي ويب سائيٽ اِي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ذريعي نئين طريقي سان اِي-آچ جي دعوت ڏئي ٿي، جيڪا SPPRA رولز 2010 (تازي ترميم تائين) جي مطابق آهي. هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ دلچسپي رکندڙ اهل ٺيڪيدارن/فرمن کان "هڪ مرحلي تي ٻه لفافي" (هڪ مرحلو، ٻه لفافي) طريقي سان آچون گهرايون وڃن ٿيون. جيڪي سال 26-2025 لاءِ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) وٽ لاڳاپيل فيلڊ ۽ ڪيٽيگري ۾ رجسٽرڊ هجن.

شمار نمبر	اسڪيم / ڪم جونالو	ڪٿيل رقم (ملين ۾)	(5٪) بڊ سيڪيورٽي	مڪمل ڪرڻ جومدو	واڪ دستاويز في
	ڊسٽرڪٽ اي ڊي پي 2026-2025				
1.	ڊي ايڇ ڪيو اسپتال کان سيشن ڪورٽ سان لاڳاپيل آفيسن ۽ مٽياري ضلعو ۽ تعلقي جي 05 مختلف ڳوٺن تائين ڊرينيج لائينن جي بحالي ۽ باقي رهيل حصن جي تعمير.	16.922	846,500/-	12 مهينا	5000/-
2.	سرڪٽ هائوس ۽ جمخانہ مٽياري تعلقو ۽ ضلعو مٽياري جي ڊرينيج جي بحالي ۽ مرمت.	13.704	685,500/-	12 مهينا	5000/-

2. اهليت:
(i) پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل وٽ لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ رجسٽريشن ڪوڊ CE09, CE10 ۽ EE11 ۽ SPPRA رولز_2010 جي تحت سولر لاءِ سال 26_2025 لاءِ رجسٽريشن.
(ii) فيڊرل بورڊ آف روينيو وٽ فائلر يا نان فائلر طور رجسٽريشن (NTN).
(iii) سنڌ روينيو بورڊ (SRB) وٽ رجسٽريشن.
(iv) رجسٽرار آفيس مان ڪمپني جي رجسٽريشن (منسلڪ هجڻ گهرجي).
3. قابليت:
(i) گذريل 5 سالن ۾ ساڳئي نوعيت جي ڪمن جو تجربو
a) گهٽ ۾ گهٽ هڪ ساڳئي نوعيت جو ڪم، جنهن جي لاڳت ڪم جي اندازي لاڳت جي 80 سيڪڙو کان گهٽ نه هجي؛ يا
b) گهٽ ۾ گهٽ ٻه ساڳئي نوعيت جا ڪم، جن مان هر هڪ جي لاڳت اندازي لاڳت جي 50 سيڪڙو کان گهٽ نه هجي.
(ii) گذريل ٽن سالن جا بئنڪ اسٽيٽمينٽ.
(iii) گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم /پروجيڪٽ جي لاڳت جي برابر کان گهٽ نه سراسري ساليانو مالي ٽرن اوور.
(iv) مقدمن/عدالتي ڪارروائين جي فهرست (جيڪڏهن ڪا هجي)، انهن جي نوعيت ۽ حيثيت/نتيجا.
(v) هلندڙ مالي سالن دوران آڊٽ رپورٽ.
(vi) بئنڪ جو سرٽيفڪيٽ، جنهن مان ظاهر ٿئي ته درخواست ڪيل ڪم جي اندازي لاڳت جي گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو تائين ڪريڊٽ ورٿ موجود هجي، گڏوگڏ بئنڪ اسٽيٽمينٽ پڻ شامل هجي.
(vii) پمپنگ مشينري ۽ سامان جي فهرست، جنهن سان ملڪيت جا دستاويزي ثبوت پڻ شامل هجن، جيڪي نوٽري پبلڪ کان اسٽيمپ پيپر تي تصديق ٿيل هجن
(viii) حلف نامو/اٿارٽي نامو ته اضافي مزدور ڏينهن ۽ رات جي بنياد تي ڪم لاءِ مقرر ڪيا ويندا ۽ ڪم مقرر مدي اندر مڪمل ڪيو ويندو، ناڪامي جي صورت ۾ فرم /ٺيڪيدار کي ڪنهن به دعويٰ تي ڪو اعتراض نه هوندو
(ix) حلف نامو/اٿارٽي نامو ته فرم نه ڪڏهن بليڪ لسٽ ٿي آهي ۽ نه ٿي ڪنهن سرڪاري اداري سان ڪنهن عدالتي ڪيس/مقدمي ۾ ملوث آهي.
4. خريداري جو طريقو: هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار
5. واڪ/ٽينڊر دستاويز:
(i) آچ هڪ واحد پيڪيج تي مشتمل هوندي، جنهن ۾ ٻه الڳ لفافا شامل هوندا هر لفافي ۾ الڳ الڳ "ٽيڪنيڪل پروپوزل" ۽ "مالي پروپوزل" شامل هوندا.
(ii) ڪوليل ٽيڪنيڪل پروپوزل جو جائزو فرم جي ٽيڪنيڪل اهليت لاءِ ورتو ويندو ٽيڪنيڪل طور اهل قرار ڏنل فرمن/ٺيڪيدارن جا مالي آچون/پروپوزل ان تاريخ ۽ وقت تي کوليا ويندا. جنهن بابت اڳوات لکت ۾ سڀني اهل ٺيڪيدارن/فرمن کي اطلاع ڏنو ويندو ٽيڪنيڪل طور نااهل قرار ڏنل ٺيڪيدارن/فرمن جون مالي آچون/پروپوزل بغير کولڻ جي واپس ڪيا ويندا.
(iii) ٽيڪنيڪل طور اهل قرار ڏنل واڪ ڏيندڙن جا سي ڊي آر، ڪامياب بولي ڏيندڙن کي ورڪ آرڊر جاري ٿيڻ کان پوءِ واپس ڪيا ويندا.
(iv) جاري ڪرڻ: ڪم جا واڪ دستاويز اشاعت جي تاريخ کان آفيس ٽائيم دوران جاري ڪيا ويندا ٽينڊر فيس کان سواءِ ڪو به واڪ دستاويز فراهم نه ڪيو ويندو، جيڪا هر ڪم لاءِ پي آرڊر/ڊي آر جي صورت ۾ هوندي يا واڪ دستاويز ويب سائيٽ www.eprocure.gov.pk تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
(v) جمع ڪرائڻ: آخري تاريخ 26-05-2026 صبح 09:20 وڳي تائين هوندي.
(vi) کولڻ: ساڳئي تاريخ يعني 26-05-2026 تي صبح 10:20 وڳي کوليو ويندو.
(vii) جاري ڪرڻ، جمع ڪرائڻ، پچا ڳاڇا ۽ کولڻ جا هنڌ هيٺيان هوندا:
(a) پتو: ايگزيڪيوٽو انجنيئر (ڊيولپمينٽ)، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن مٽياري جو دفتر، مين روڊ مٽياري سٽي، نيشنل بئنڪ آف پاڪستان مٽياري برانچ جي سامهون
(b) ٽيليفون نمبر: 022-2760006 (c) اي ميل ايڊريس: executivephedivisionmatiari@gmail.com
(viii) اڻ جوابيل/غير موصول ٿيل ٽينڊر ٻيهر هيٺين تاريخن تي جاري، جمع ۽ کوليا ويندا:

ڪوشش	(الف) جاري ڪرڻ جي تاريخ	(ب) جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ
ٻيو پيرو	27-05-2026 کان 12-06-2026	12-06-2026 تي صبح 09:20 تائين

۽ ساڳئي تاريخ تي صبح 10:20 وڳي کوليو ويندو
6. فنڊنگ پوزيشن: سنڌ حڪومت پاران فنڊ مختص ڪيا ويا آهن.
7. شرط ۽ ضابطا:
a) هيٺين حالتن ۾ آچ رد ڪئي ويندي:
(i) مشروط ، اليڪٽرانڪ ۽ ٽيليگرافڪ آچون/ٽينڊر؛
(ii) اهي آچون جيڪي گهربل رقم ۽ فارم جي بڊ سيڪيورٽي سان گڏ نه هجن؛
(iii) مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کان پوءِ وصول ٿيندڙ آچون.
(iv) بليڪ لسٽ ٿيل فرمون؛
(v) منظور ٿيل واڪ تي حڪومت پاران لاڳو ٿيل اسٽيمپ ڊيوٽي لاڳو ٿيندي.
b) آچ جو ڪارآمادي مدو 90 ڏينهن آهي c) خريد ڪندڙ اداري کي حق حاصل آهي ته هو سڀني يا ڪنهن به آچ کي رد ڪري سگهي، سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (جيڪي وقت بوقت ترميم ٿيل آهن) جي لاڳاپيل شقن مطابق. d) جيڪڏهن پروڪيورمينٽ ڪميٽي جو ڪو به ميمبر بولين کولڻ واري تاريخ تي هيڊڪوارٽر کان ٻاهر هجي، ته بوليون اينڊرٽ ڪم ڪندڙ ڏينهن تي ساڳئي شيڊيول مطابق جمع ۽ کوليون وينديون

(وحيد علي ارباب)
ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV:)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن مٽياري

INF-KRY/1792/26
WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي ، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.